# پوان شل قبول



مرتب

ایاز گل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پوان شلَ قبول

مقالا ۽ مضمون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نَڪو مان خدا ۽، نَڪو مان رسول
مان تنوير آهيان، پوان شلَ قبول

تنوير عباسي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پوان شلَ قبول

تنوير عباسي سيمينار - ۲۰۰۴ع جي موقعي تي پڙهيل

تحقيقي ۽ تاثراتي مقالا ۽ مضمون

مرتب


## اياز گُل


TANVEER ABBASI CORNER
SHAH ABDUL LATIF UNIVERSITY
KHAIRPUR, SINDH


**تنوير عباسي ڪارنر**

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور سنڌ.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

□ پوان شلَ قبول ( تحقيقي ۽ تاثراتي مقالا ۽ مضمون )

○ مرتب: **اياز گل**
○ ڇاپو: پهريون ـ مارچ 2005ع
○ ٽائيٽل تصوير: خدا بخش ابڙو
○ ٽائيٽل ڊزائين : منور ابڙو
○ ڪمپوزنگ : بخت علي ابڙو
○ ڇپائيندڙ : تنوير عباسي ڪارنر ـ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور سنڌ.
○ ڇپيندڙ: قادري پرنٽنگ ايجنسي، خيرپور سنڌ.

**قيمت : 80/روپيه**

□ PAWAN SHALL QABOOL (Research Articals)

○ Compiled by: **AYAZ GUL**
○ Edition: First - March 2005
○ Title Photo: K.B Abro
○ Title Design: Munawar Abro
○ Composed by: Bakhat Ali Abro
○ Published by: Tanveer Abbasi Corner,
Shah Abdul Latif University, Khairpur. Sindh; Pakistan.
○ Printed by: Qadri Printing Agency, Khairpur; Sindh.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وچور


| | | |
|---|---|---|
| ١- ... اڳتي وڃڻو آهي (پنهنجي پاران) | اياز گل | 9-10 |
| ٢- تنوير ـ سچ جو ساڻاري | پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ | 11-12 |
| ٣- انسان دوست ـ تنوير | ڊاڪٽر قمر تنوير | 13-14 |
| ٤- منهنجو ياءُ ـ منهنجو دوست | نورجهان عباسي | 15 |
| ٥- او مُرليءَ وارا جوڳي | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 16-23 |
| ٦- روشنيءَ ۽ زندگيءَ جو شاعر ـ تنوير | تاج جويو | 24-30 |
| ٧- تنوير عباسي هڪ رومانوي شاعر | ڊاڪٽر ملڪ نديم | 31-35 |
| ٨- ڪڙيل آڻ ڇُهيل گُل | ڊاڪٽر ياسمين قاضي | 36-39 |
| ٩- توهان جي ترين ڪنهن وقت به اچي سگهي ٿي | ادل سومرو | 40-49 |
| ١٠- اجا به اڳتي ... | مختيار ملڪ | 50-57 |
| ١١- مان تنوير آهيان، پوان شلّ قبول | منير سولنگي | 58-67 |
| ١٢- ڇڏِن نہ تُنهنجون ڳالهڙيون | پارس حميد | 68-73 |
| ١٣- هڪ مرد قلندر ـ تنوير | اختر درگاهي | 74-80 |
| ١٤- تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جي هڪ جهلڪ | پروفيسر نذير احمد سومرو | 81-85 |
| ١٥- خوبصورت دل رکندڙ شاعرـ تنوير عباسي | ابراهيم کرل | 86-90 |
| ١٦- سچ، سونهن ۽ سُرت پريو تنوير | سرور سيف | 91-98 |
| ١٧- تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ آفاقيت | مهر خادم | 99-107 |
| ١٨- تنوير عباسي ۽ سندس ڪجهہ اَهم ڪمَ | قدير انصاري | 108-110 |
| ١٩- تنوير ۽ تخليق جو خاموش شهر | امر اقبال | 111-113 |
| ٢٠- ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي انقلابي شاعري | جهانگير عباسي | 114-123 |
| ٢١- Poetic Novelty of Tanveer Abbasi as Modernist | Farrukh Malik | 1-6 |


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ...... اڳتي وڃڻو آهي

• ڪي شخصيتون اهڙيون هونديون آهن، جن جي ڇاپَ تاريخَ ۾ دلين تي سالن، صدين تائين رهندي آهي. سائين ڊاڪٽر تنويرعباسي، سنڌي ادب جي هڪ اهڙي ئي اڻ وسرندڙ شخصيت آهي، جنهن جي فن ۽ فڪر سڄيءَ سنڌ کي موهيو آهي. مِٺي لهجي ۽ گهري فڪر واري خوبصورت شاعريءَ سان گڏ، هڪ دانشور، محقق، سفرنامانگار ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه تہ، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ گهري طور سندس سڃاڻپ جا ڪيترائي حوالا آهن. اُتر سنڌ جي وڏي درسگاهه شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ خيرپور ۾، تنوير عباسي ڪارنر جي قيام جو خاص مقصد سندس فن ۽ شخصيت کي مڃتا ڏيڻ سان گڏ، علم ۽ ادب سان چاهه رکندڙن لاءِ تحقيق ۽ تخليق جا نوان گسَ کولڻ آهي. هڪ چڱي ڪم جي شروعات ائين ئي ٿيندي آهي ۽ ائين ئي هوربان هوربان وڏا مقصد ۽ ڪاميابيون ماڻڻ لاءِ اڳتي وڌبو رهبو آهي. شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ سان، تنويرعباسيءَ جي خاص نسبت هئي، سندس سدائين اها ڪوشش رهندي آئي هئي تہ، هي ادارو وڌي،ترقي ڪري ۽ ڏيهان ڏيهه ناماچار ماڻي، سچل چيئر جو قائم ٿيڻ ۽ سڄي سنڌ ۾ هڪ اهم ادبي ۽ تحقيقي اداري طور سندس سڃاڻپ ڪرائڻ، تنويرعباسيءَ جو اهم ڪارنامو آهي، پنهنجن اهڙن ڪيترن ئي هاڪاري عملن ڪري، هُو شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جو اَڻ ٽُٽ حصو رهيو ۽ تنويرعباسي ڪارنر، سندس هِن اداري سان اڻ کُٽ محبتن جي ٻنهه ننڍڙي موٽَ آهي.

تنويرڪارنر،پاران 27 جنوري 2004ع تي، هڪ شاندار، تنويرعباسي سيمينار 2004ع ڪوٺايو ويو. ان موقعي تي سنڌ جي ناليوارن اديبن، شاعرن ۽ محققن، تنويرعباسيءَ جي شخصيت، فن ۽ فڪر بابت پنهنجا تحقيقي ۽ تاثراتي مقالا پڙهيا. ان يادگار ۽ شاندار

پروان شلَ قبول



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيمينار ۾ پڙهيل مقالن ۽ مضمونن کي، ڪتابي صورت ۾ ڇپائي، اوهان سڀني تائين پُهچائي رهيا آهيون،ان اُميد سان تہ هيءَ ننڍڙي ڪوشش اڳتي هلي، تنوير تي تحقيق ڪندڙن لاءِ بنياد فراهم ڪندي ۽ ”تنوير ڪارنر“ جي ڪارڪردگيءَ جي ساکَ ڏيندي.

”تنويرعباسي سيمينار ـ 2004ع“ ٽن ويهڪن تي مشتمل هيو. افتتاحي اجلاس جي صدارت جناب پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ، وائيس چانسلر، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ڪئي، جڏهن تہ خاص مهمان، سائين تنوير عباسيءَ جي شريڪ حيات، سائنڻ ڊاڪٽر قمر تنوير هئي، ان موقعي تي سائين ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجو خاص مقالو پيش ڪيو. مقالن واري ويهڪ جي صدارت، سائين تاج جويي ڪئي، خاص مهمان، تنوير جي ڀيڻ، سائنڻ نورجهان عباسي هئي. آخر ۾ راڳ رهاڻ ۾ مشهور راڳين صادق فقير، عبدالغفور سومري ۽ شريف عباسيءَ سُر وکيريا ۽ دادُ ماڻيو. جڏهن تہ ٽنهي ويهڪن جي ميزبانيءَ جا فرضَ ترتيبوار ادل سومري، اياز گل ۽ پروفيسر الطاف اثيم ادا ڪيا. ان خاص موقعي تي تنوير ڪارنر پاران نئين سال جا ٻہ پاڪيٽ سائيز ڪئلينڊر،سنڌ چلڊرين اڪيڊمي خيرپور پاران، تنوير بروشر ۽ ”پاڪ سنڌ“ اخبار سکر پاران، تنوير ايڊيشن، جو مهورت پڻ ڪرايو ويو.

شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ۾، تنويرڪارنر،جي قيام، تنوير سيمينار ڪوٺائڻ ۽ مقالن واري هن ڪتاب ڇپائڻ واري ساراهڻ جهڙي عمل جي منظر ۽ پس منظر ۾، يونيورسٽيءَ جي ماناتي وائيس چانسلر، سائين ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ جي ذاتي دلچسپي، محبت ۽ همت افزائي موجود آهي، هتي سندس ساٿَ ۽ سهڪار کي ساراهڻ ضروري سمجهان ٿو.

**اياز گُل**

انچارج

تنوير عباسي ڪارنر

١٧ فيبروري ٢٠٠٥ع



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ

وائيس چانسلر


# تنوير — سچَ جو ساٿاري

• اڄ جو هي ميڙاڪو، جيڪو تنوير ڪارنر پاران، اياز گُل ڪونايو آهي، اُن ۾ شريڪ ٿيڻ تي مان توهانجو ٿورائتو آهيان. تنوير عباسي اسانجو وڏو اديب، شاعر ۽ سڀ کان خاص ڳالهه تہ،هر چڱي ڪم ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ جو هٿُ ونڊائيندڙ رهيو. اسان ڪڏهن بہ ايئن محسوس نہ ڪيو هيو ۽ نہ ئي ڪڏهن سوچيو آهي تہ، تنوير اسان جو حصو نہ آهي. هِن يونيورسٽيءَ ۾، تنوير ڪارنر جو قيام بہ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ، اسان پنهنجي ساٿيءَ ۽ وڏي اديب کي سدائين ياد ڪرڻ چاهيون ٿا. جيسين هيءَ يونيورسٽي آهي، تيسين تنوير جيئرو رهندو.

مون کي احساس آهي تہ، تنوير ڪارنر ۾ اسان اَڃا اُهي سهولتون مهيا ڪري نہ سگهيا آهيون، جيڪي هڪ اداري کي بهتر نموني هلائڻ لاءِ ضروري هونديون آهن، پر سُٽت ئي اسان هِن ڪارنر کي جُدا گانہ حيثيت ڏيڻ ۾ ڪامياب ويندا سين. جيئن تنوير عباسيءَ بابت بهتر نموني تحقيق ٿي سگهي ۽ اُن سان لاڳاپيل شين کي محفوظ ڪري سگهجي.

اوهان يقين ڪريو تہ جيڪڏهن تنوير هينئر اسان وٽ هجي هاتہ ، مُنهنجي ۽ يونيورسٽيءَ لاءِ ڊالَ بڻيل هجي ها. ڪنهن بہ مشڪل ۽ مونجهاري ۾، هُو اسان کي اڪيلو نہ ڇڏي ها. هُن ۾ اها صفت هئي تہ، چڱي ڪم ۾ هُو بنان رڪَ رڪاءَ جي، ساٿُ ڏيندو هيو ۽ رهنمائي ڪندو هيو. ڪيس سدائين يونيورسٽيءَ جو اونو رهندو هيو ۽




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُو ان لاءِ ڪوششون وٺندو رهندو هيو. تنوير هڪ تمام وڏي اديب ۽ دانشور هئڻ سان گڏُ هڪ بهترين انسان بہ هيو. هر ماڻهوءَ کي هيءُ جهان ڇڏڻو آهي، پر تنوير جهڙي ماڻهوءَ جو وِڇوڙو، مجموعي طور تي ڏُک ڏيندڙ ۽ بي مَهلو آهي. اسان اهو عزم ٿا ڪيون تہ، اسان سندس کيل ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ، "تنوير ڪارنر" ذريعي گهڻو ڪجهہ ڪنداسين.

(صدارتي خطاب مان ورتل)

▩



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# انسان دوست ـــ تنوير

• تنوير اڄ موجود نہ آهي، هُو منهنجي وَرَ ڪان وڌيڪ منهنجو دوست هيو. هڪ اهڙو دوست جيڪو سدائين مُنهنجي حقَ لاءِ وڙهيو. هر ڪم ڪار ۾ منهنجو ساٿُ ڏنائين، مون کي گائيڊ ڪيائين. سڀ کان پائدار رشتو دوستيءَ جو هوندو آهي، اُهو جڏهن ٽُٽندو آهي تہ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو آهي. تنوير جي نہ هئڻ جو ڏُک اڄ وڌيڪ ٿي رهيو آهي.

ادب سان منهنجو لڳاءُ، منهنجي نسبت، تنويرَ جي ڪري آهي. منهنجن سيني ٻارن کي ادب سان چاهہُ آهي، پر منهنجي وڏي ڌيءَ پارس کي ادبَ سان گهڻو لڳاءُ آهي، هن جو هڪ شعري مجموعو بہ ڇپجي چُڪو آهي ۽ ٻيو ڇپجڻ لاءِ تيار آهي. مان ذاتي زندگيءَ جي حوالي سان ڳالهائيندس، تہ تنوير شريڪِ حيات جي حيثيت سان، مون سان ڪيئن نڀايو. تنويرَ پنهنجي اولاد کي بهتر تعليم ڏني ۽ کين روشن خيالي ۽ انسان دوستيءَ جو سبق ڏنو. هُن کين سدائين اڳتي وڌڻ جي تلقين ڪئي. هُن سدائين معاشري ۾ بهتر ۽ مثبت تبديلين آڻڻ لاءِ جنگ جوٽي، اهوئي سبب آهي جو سندس ڏنل تعليم جي نتيجي ۾، سندس ٻارن ۾ شخصي آزاديءَ جي تصور جنم ورتو ۽ اڄ عملي زندگيءَ ۾ هُو شخصي آزاديءَ جا قائل آهن.

زندگيءَ ۾ مون جيڪي بہ بهتر ڪم ڪيا آهن، اُن جي پس منظر ۾ تنوير جي همت افزائي موجود آهي، هُن سدائين مون کي بُري ۽ ڀلي جي باري ۾ سمجهايو ۽ صحيح گسَ ڏيکاريا. مان توهان سيني کي صلاحَ ڏيندس تہ سڀ تنوير جهڙا ٿي وڃو، پنهنجي ذات کي وِساري، ٻين کي فائدي ڏيڻ لاءِ سوچيو. اهڙا ڪم ڪيو جيڪي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان ذات لاءِ فائديمند هجن.

اڃو تہ سڀ گڏجي پنهنجي شخصي اوٽاين تي سوچيون ۽ عهد ڪيون تہ اهڙو ڪم نہ ڪنداسين، جنهن سان انسان ذات کي نقصان پُهچي. اهوئي تنوير جو پيغام آهي، جنهن کي زندهہ رکڻ جي ضرورت آهي.

(خاص مهمان طور ڪيل تقرير مان ورتل)

■



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نورجهان عباسي

# منهنجو ياءُ – منهنجو دوست

● ادا تنوير جي شخصيت جا ڪيئي روپَ آهن. اديب، شاعر، محقق، دانشوَر، پر مون لاءِ سندس هڪ روپُ سڀ کان اَهم آهي، اهو آهي منهنجي شفيق ياءُ جو روپُ. هُو ننڍپڻ کان مون کي گهڻو پيائيندو هيو ۽ آخر تائين سندس پيارَ ۾ ترَ جيتري ڪمي نہ آئي. هُو پنهنجي حصي جون خوشيون بہ اسان ڀيڻ ڀائرن کي ورهائي ڏيندو هيو، عمر ۾ وڏي هئڻ باوجود سندس سياءُ هَمَر عمر دوستن وانگر هوندو هيو.

ادا تنوير جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري ڪهڙيون ڪجن. هُن ۾ خوبيون ئي خوبيون هيون، خامي تہ هئي ئي ڪونہ. هيترا سال گذري ويا آهن، پر لڳي ئي نٿو تہ، ڪو هُو اسان کان وڇڙي ويو آهي.سچ پُڇو تہ ادا تنوير جي وڇوڙي جو دردُ اڄ بہ دل ۾ دُکي رهيو آهي.

(خاص مهمان طور ڪيل تقريرُ مان ورتل)

□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# او مُرليءَ وارا جوڳي

• اِن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ڊاڪٽر تنويرعباسي هڪ محقق بہ آهي، پر شاعريءَ ۾ هُو منفرد لهجي، اسلوب ۽ ميناج واري زبان جي ڪري هڪ اهم شاعر آهي. بلڪ ايئن چئجي تہ هُو بنيادي طور هڪ مخصوص زبان ۽ بيان وارو شاعر آهي.

دنيا جا وڏا شاعر اُن ڪري وڏا ليکيا ويا، جو هُو نازڪ ۽ نفيس جذبن جو برملا اظهار ڪرڻ وارا هئا. هنن جا خيالات اعليٰ هئا تہ زبان ۽ بيان بہ منفرد انداز جو هو. هُو مشرق ۽ مغرب ۾ هڪ جهڙا مقبول ٿيا. هيڏانهن عرب، ايران ۽ هند سنڌ ۾ اُنهن شاعرن ماڳ ماڻيو جن پيار جي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو. پوءِ حقيقت هجي يا مجاز، هنن رنگ رچائي ڇڏيا. پيار جا جذبا هُنن جي ڪلام جو خاص رنگ هو. عورت جيڪا پيار ۽ پوڄا ۾ پاڻ مڃائي چُڪي تنهن شعر ۾ پنهنجي جذبن کي مڃايو. ان سلسلي ۾ هڪڙي ميران ٻائيءَ جو نالو ڪٽڻ ڪافي آهي. هُن چيو: ”اي مين تو پريم ديواني ميرا درد نہ جاني ڪوءِ“ سهجُو ٻائيءَ تہ چئيلينج ڪيو:

بانهن ڇُڙائي جات هو، نربل جان ڪي موهي،
هردئي ۾ سي جائوگي، تو مرد بندوگي توهي

محبت ۽ مجاز جئن سنڌ جي قديم شاعريءَ ۾ رهيو آهي، اُن جو اثر هر شاعر ورتو، پر اُن ريت تنويرعباسيءَ نہ ورتو. شاهہ عبداللطيف ۽ شيخ اياز جو اثر بہ هُن روايتي انداز ۾ نہ ورتو. بلڪ آءٌ چوندس تہ اياز جي اثر کان تنوير پاڻ کي آجو رکيو ۽ پنهنجو رنگ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيش ڪيائين، جو هڪ طرفو فرسوده ۽ عاميانہ تقليد کان آجو رهيو، تہ ٻئي طرف مغرب جي محبت ۽ مجاز وانگر سجاڳ طريقو اختيار ڪيائين، جنهن موجب شاعر دماغي توازن وڃائي نٿو. تنوير محبت جي جذبن کي جڙ ڪلندي ڪلندي بيان ڪري ٿو ۽ روئڻهارڪو ناهي. ”حقيقت هٽي منهنجي جان جدا ڪئي“، نٿو چوي ۽ ايئن بہ نٿو چوي تہ ”ڪيا حال سٽاوان دل دا!“

ائين ذڪ جي صورت حال ۽ وڇوڙي جي وڏن کي هڪ سجاڳ انسان وانگر شعر ۾ ادا ڪري ٿو، جو ڪير اُن کي اڳ بيان تيل ۽ فرسوده خيال ۽ پراڻو انداز نہ چئي سگهي. منهنجي خيال ۾ مغربي مفڪرن، دانشورن، نقادن، ليکڪن ۽ شاعرن جو مطالعو ڪرڻ سبب اُنهن جو انداز اختيار ڪيائين، پر بيان سچو پنهنجو، عنوان سڀ پنهنجا ۽ زبان بہ پنهنجي، وري همعصر دؤر ۾ نرالي ۽ منفرد. سندس مطالعو نهايت وسيع هو. مغرب مان انگريزي ۽ پوءِ فرينچ ادب جي قريب رهيو. شيلي، بائرن ۽ ورڊس ورٿ، سندس ڪلام ۾ نظر اچن ٿا. ورڊس ورٿ جي نظم سالٽري ريپر (Solitary Reaper) جو پورو پرتوو تنوير جي نظم تي پيو. سندس ٻهرئين مجموعي ”رڱو ٿيون رباب“ ۾ نظم ”ڦٿيون چونڊيندڙ“ اُن نظاري سان هم آهنگ آهي، پر اُن جو ترجمو هرگز نہ آهي. اُتي هڪ لابارو ڪندڙ ڇوڪري دنيا و مافيها کان بيخبر، ڪم ۾ مصروف هجڻ سان گڏ ڪو گيت ڳائي رهي آهي. ورڊ س وَرٿ اُن جي ڪم ۽ گيت ۾ رُخنو نہ وجهڻ لاءِ چوي ٿو، تہ خاموشيءَ سان بيهي رهو يا چپ چاپ اڳتي لنگهي وڃو. (Stop here or gently pass) تنوير ڦُٽيون چونڊيندڙ ڇوڪريءَ جي سونهن ۽ روپ جي ڳالهہ پنجن بندن ۾ ڪري ٿو. سهڻي ڇوڪريءَ لاءِ چوي ٿو:

شاعر جي تصور کان سهڻي
ننڊپڻ جي يادن کان پياري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايـڏي ســـادي ايـڏي مـــنـــڙي
جڻ آهـي پـتـائـيءَ جي ڪـافـي.

ڦُٽيون ڪيئن جرڪن ٽيون ۽ ڇوڪري پوتيءَ جا پلو جڻ تـہ چانديءَ سان پئي پُر ڪري. هوءَ اهڙو گيت آهي، جو ڪڏهن ڪنهن جي چپن تي نـہ آيو آهي. نئون نڪور آهي. تنوير ڇوڪريءَ کي گيت سڏي ٿو ۽ گل بہ. هُو چوي ٿو:

هُوءَ گـيـت اُهـو آهـي جيـڪـو
ڪنهن جي بہ چپن تي ڪيـن آيو
هُوءَ اهـڙو گـل آهـي جنـهـن کـي
ٽڙندي نـہ ڪـنهـيـن پـي آهـہ ڏنـو.

پر ڳالهہ فقط وردس ورٿ جي نـہ آهي. ڳالهہ انگريزي شاعريءَ جي هڪ دور Romantic Revival جي آهي، اُن سلسلي جا وڏا پنج شاعر، جان ڪيٽس 1795-1821ع، پي.بي. شيلي 1792-1822ع، وليم وردس ورٿ 1770-1850ع، لارڊ بائرن 1788-1824ع ۽ ايس .ٽي. ڪالرج 1772-1834ع، گهڻو مقبول ٿيا. تنوير اُنهن جو اڀياسي هو، مٿس وردس ورٿ جي فطرت جي نظارن سان پيار وارو چٽو رنگ موجود هو. فطرت جو حسن، نديون، ڍنڍون، وڻ ٽڻ ۽ گل ڦل ئي خوشي مهيا ڪن ٿا، جن ۾ ڊئفوڊلس (Daffodils) جي سونهن جي ڳالهہ ڪندي، وردس ورٿ اُنهن کي هڪ ئي نظر ۾ هزارن جي تعداد ۾ پسي ٿو (A thousand at a glance) وردس ورٿ لاءِ، آر.او.سي ونڪلر لکي ٿو تہ:

Every one Knows that WordsWorth was (to use his own phrasa) a wonshipper of nature.

اِها وصف هر ڳالهہ چِٽي ڪري ٿي تہ هُو فطرت جو پوڄاري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو. وردس ورٿ، ڪالرج سان گڏ شعرن جو مجموعو 1798ع ۾ ڇپايو، جنهن ۾ يوناني ۽ لاطيني اثر جي خلاف موضوع هئا. اُن ڪري قائم روايت وارن کي نه وڻيو. اُن جو عنوان هو "Lyrical Ballads" جنهن جو Preface تنويرعباسيءَ، مراد علي مرزا سان گڏجي، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ۽ "سُريلن گيتن جو مهاڳ" جي عنوان سان ٽماهي مهراڻ 2-1959/3ع ۾ ڇپيو. هيءَ ڳالهه تنوير جي اُن طرف لاڙي جو اشارو ڏي ٿي. خود انگريزي شاعريءَ جي رومانوي دؤر جو داستان طويل ۽ رنگين آهي. سنڌ جي جديد ۽ ترقي پسند شاعرن، رومانوي دؤر جو اثر ورتو. اُنهن ۾ تنوير جو لهجو، موضوع ۽ زبان نشانبر ٿي. هنن ڳالهين کي قدامت پسند ٽولو هضم نه ڪري سگهيو. اُنهن هفتيوار "آزاد" ۾ جيڪا واويلا ڪئي ۽ روڏن مچايو اُهو اُتي ئي رهجي ويو. هاڻي ڪو نالي ماتر هلڪو ڦڪو لاڙڪاڻي کان سجاول تائين وقفن سان ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو، نه ته وڃي ٿيو خير!

خير، هاڻي اچون تنوير جي مٿي ذڪر ڪيل رومانوي انداز جي اثر تي. هُن سنڌي شاعريءَ جي روايت ۾ فرسوده زبان ۽ بيان کان پاڻ کي آجو ڪيو. جيڪو پهرئين مجموعي "رڳون ٿيون رباب" کان اڳ جو ڪلام هو، اُهو روايتي طرز جو هو. پاڻ کي اُن طرز کان آجو ڪيائين. حقيقت زبان کان ۽ روايتي موضوعن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيائين. "جان من" ۽ زير اضافت جي سيلاب کان پاڻ کي آجو ڪيائين. منٺا، پيارا، منَ ۽ اهڙا ٻيا لفظ هڪ طرف، نه ته سنڌ جي ڪردارن ۽ ماحول جو ذڪر ٻئي طرف سندس ڪلام ۾ آيو. نظم ماندڻ ۾ چوي ٿو:

زندگيءَ ۾ ڪڏهين تنهنجي مُرڪَ جو ميناج هو

تنهنجي اکڙين جو خمار
تنهنجي جوڀن جو بهار.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت هِو اهڙو جو دل تي سونهن جو ئي راڄ هو
ساري دنيا هئي حسين
مون بہ ٿوري دير لئہ لاتي هئي لنوَ پرين!

اُهي رنگ، اُهي بيان جيڪي اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ نہ هئا، تنوير اُهي رنگ ۽ اُهي نيون ڳالهيون سنڌي شعر ۾ آنديون. سادگيءِ بلڪل نئون انداز:

شعر لکان ٿو:
جڻ مان ڪو پوپٽ پڪڙيان ٿو
يا ڪو گل گلاب چِنان ٿو
يا ڪنهن مينهن ڦُڙي کي جهٽيان ٿو
يا ڪنهن سُهٽي من مُهٽي جو
نازڪ نازڪ ٻُل چُهان ٿو
يا ڪنهن وڄُ کي
پنهنجي پلاند ۾ قيد ڪريان ٿو
يا ڪنهن واچُوڙي کي
پنهنجي مُٺ ۾ بند ڪريان ٿو
شعر لکان ٿو.

گيتن ۾ هلڪيءَ موهيندڙ جهونگار توڙي سنگيت آهنگ، تنوير جي سُريلائيءَ انفراديت ظاهر ڪري ٿو. گيت جو ٽل جڻ راڳڻيءَ جو لکشڻ گيت آهي.

آءُ ڳچيءَ جا هار
هينئين جا هار
الا او آءُ هلي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يا

جهيٽو جهيٽو جهانجهہ وڃاءِ
درد ٿـئي تـو ٻيـٽـو ٽيـٽـو
دردن جي دل نـــہ دڪـــاءِ
جهيٽو جهيٽو جهانجهہ وڃاءِ.

هيڏانهن پيار جا جذبا هڪ اٿاهہ مها ساگر وانگر آهن، جيڪي تنوير جي سِٽ سِٽ جو سينگار آهن. مثالن جي ڪوٽ ڪونهي. هنن ٻن سٽن ۾ هُن سچي سوچ ظاهر ڪري ڇڏي آهي:

او تنوير اسان هن جڳ ۾ هڪڙو نُڪتو ڄاتو آهي
پيار سوا سڀ سياٽپ ڪُوڙي، نينهن عجب هڪ ناتو آهي.

بس پيار ۽ محبت ئي شاعر جو مسلڪ آهي. ڇٽن لفظن ۾ چوي ٿو تہ ٻي ڪا عبادت ۽ رياضت نہ ڄاڻان. رڳو محبت ئي منهنجي عبادت آهي:

نـہ ڪـا رياضت، نـہ ڪـا عـبـادت
رڳو مـحـبـت، رڳو مـحـبـت

هائڪو، جا هڪ مختصر صنف هئي، تنهن ۾ وڏن شاعرن وڏيون ڳالهيون ڪيون. هڪ خيال هڪ جذبي ڪي جيتري زور سان بيان ڪيائون، اُن ۾ پورو پورو تاثر پيدا ڪري ڇڏيائون. تنوير اهڙن شاعرن ۾ اچي ٿو جن هائڪو ۾ پاڻ ملهايو. ڳالهہ ڇوڻ جو هڪ ڏانءُ ٿئي ٿو، اُن ڪي هائيڪو ۾ ادا ڪريو تہ، نهايت ڀرپور تاثر پيدا ٿئي ٿو. ڏورايو ڪيئن ڏبو:

ٽـيـلـيـفـون نـہ خطُ
تنهنجي منهنجي وچ ۾
اَ ڪـهـڙو پـربـت.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيليفون بابت هائڪن ۾ چوي ٿو:

ٽـيـلـيـفـون وڳي
ڀانيم تون هوندينءَ مگر
غلط نمبر هيءُ پي.

•

ڊائل ڪيم هرهر
ڪنهن پئي ٽيليفون ڪنئي
ساري رانگ نمبر.

عنوان وار هائڪن ۾ مسجد، خيرپور ۽ دبئي جا هائڪا اهم آهن.

مسجد ڏي پئي ويو
رستي ۾ گل ٽڙيل ڏسي
اُتي ئي ترسي پيو.

•

مسجد ڏي پئي ويو
وات تي ٻار پئي ڪيڏيا
ڪيڏڻ تن سان لڳو.

•

مير واهه تي شام
سوني پاڻيءَ ڏي جهڪي
ٽالهيءَ جي هڪ لام.

•

قلفيءَ جو هوڪو
ننڍڙي ٻار جو ماءُ سان
خرچيءَ تي ڪيتو.

زندگيءَ جي پوين سالن ۾ تنويرعباسي اولهه جو سير سفر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو ۽ فرينچ زبان سکي. اُن جي شاعريءَ جو اپياس ڪيو ۽ چند شعرن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. فرانس خاص طور جڏهن فرينچ انقلاب 1789-1799ع واري زماني کان وٺي دنيا جي نظر ۾ آيو ۽ اُتان جا اڪابر ۽ اديب دنيا تي اثر انداز ٿيا ته فرانس جو ناماچار به ٿيو. اسان وٽ روسو مشهور ٿيو. سندس هڪ ڪتاب جو اختصار سان ترجمو ابراهيم جوڻي صاحب "تعليم" جي نالي سان ڪيو. تنوير ڪن فرينچ شاعرن جو ترجمو به ڪيو. اُنهن ۾ چارلس بودليئر به آهي. تنوير جي باري ۾ جيڪا تحقيق ٿيندي تنهن ۾ هڪ پهلو سندس فرينچ شناسي به آهي.

آخر ۾ عرض ته تنوير عباسي هڪ شخص طور به اپياس جي طلب ڪري ٿو. آءٌ ڪبير جي هن دوهي ۾ پَسان ٿو:

ڪبير آپ ٺڳائيي، اور نه ٺڳيي ڪوئي،
آپ ٺڳيي دک اُوپجي، اور ٺڳيي دک هوئي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجي،اختردرگاهي هجي، فتاح ملڪ هجي، سميع بلوچ هجي، عنايت هجي، پارس حميد هجي، تاجل بيوس هجي يا يوسف شاهين هجي، شمشيرالحيدري هُجي، يا علي بابا هجي، تاج جويو هجي يا ڪو ٻيو، هر ڪو ائين سمجهندو هو، اِئين سمجهي ٿو، ۽ ايئن سمجهڻ جو دعويدار آهي تہ تنويرُ مون سان سڀ کان وڌيڪ پيار ڪندو هو. ساڳي حالت سندس اولاد ۽ عزيزن جي آهي. ايئن ڇو آهي؟ ڇو اِيئن هرڪو سمجهندو هو تہ تنوير منهنجو آهي، صرف منهنجو؟ اِها تنوير جي فطرت هُئي. هن جو مِٽيءَ-ٻنوڙو محبت ۽ پيار جي پاڻيءَ سان ڳوهيل هو، تڏهن تہ چيو هئائين تہ:

او تنويرَ اسان هن جڳَ ۾ هڪڙو نُقطو ڄاتو آهي،
پيارَ سوا سڀ سياڻپ ڪُوڙي، نينهُن عجب هڪ ناتو آهي.

هُو شاعر هو، دانشور هو، ڏاهو هو. هن جي ذات، هن جي ڏاهپ،هن جو شعور، هن جي سياڻپ، هڪ لفظ پيار، جي محور تي ڦِري رهي هئي، هن جي شاعريءَ جو محرڪ پيارُ هو، هن جي زندگيءَ جو محرڪ پيارُ هو. پيارَ،نينهن ۽ عشقَ کان سواءِ زندگي کوکلي آهي، پوري آهي، مانارو آهي. اُهو هن جو مَتو ۽ مسلڪ هو. سندس آخري هٿ ـ تحريرَ،سندس آخري غزل بہ تہ اِهوئي ڪجهہ ٻُڌائي ٿو تہ:

آ بس عشق مِٺي ماکي،
هونئن تہ حياتي مانارو!

سندس منتشر، مگر منظم خيالن تي محيط، غزل جي ان بند ۾ عشق، لفظ بہ لکيو اٿس تہ پاسي سان پيارُ بہ لکيو آٿس. هُو فيصلو نہ پئي ڪري سگهيو تہ ”پيارُ لکي يا عشقُ“لکي،پر جملي جي جوڙجڪ ۾ اوليت عشق، کي ڏني اٿس،جو پيارَ ۽ نينهن،کان وڌيڪ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مڪمل ۽ پرفيڪٽ (Perfect) لفظ عشقُ، آهي، سندس سچي شاعري بحث هيٺ نہ آڻجي، رڳو اُن هڪ غزل کي اڳيان رکجي تہ تنوير جي سچي تصويرَ، تنوير جي سچي زندگي،تنوير جي سچي فلاسافي،تنوير جي سچي جدوجهد ۽ تنوير جي سموري وابستگي (Commitment) ۽ وارفتگي سامهون اچي ويندي:

ڪوڪو پل تئي تو تنويرَ،
صدين تي ڀي سوپارو.

رَت جو ئي تا ريجُ گهرن،
ٻني ٻني،ٻارو ٻارو.
ڳولي وٺ جي ملي سگهئي،
ماڻهو ڪوئي مُون پارو!

واقعي اسان تنوير جي زندگيءَ جو جيڪڏهن چيد ڪرڻ ويهنداسُون تہ اُن جو پل پل صدين تي سوپارو نظرايندو. هُو هڪ شخص جي حيثيت ۾، هڪ ڪامياب ۽ ڀرپور زندگي گُذاري ويو. هڪ پيارُ ڪندڙ جيون ساٿي هو. قمرِ ۽ تنوير،هم معنيٰ،هم مزاج،هم نفس،وحدت الوجودي نُور جي لاٽ هو، اولاد لاءِ اٿميو پيارُ، پيارو پُٽ سرمد،پياريون نياڻيون،راج - دُلاريون،پُٽ ۽ پيءُ جو پيارُ مثالي، پيءُ ۽ ڌيئرن جي محبت بہ مثالي! جيڪڏهن گهرَ تي نظر ڪريو تہ جنت سمان،ميرواهہَ جي ڪَڙَ،وڻڪارَ، ڌڪارَ،اونهاري سياري روشن گهرُ،رات راڻيءَ ۽ ياسمين جي هُبڪارن سان واسيل گهرُ،ڀلا جنت ٻي ڪهڙي ٿيندي آهي!!.

تنوير جي دوستيءَ جو دائرو وسيع،دوست بہ اهڙو جنهن کي دلبر دوست ئي چئي سگهجي! دُوست لفظ،جيڪڏهن ڪنهن شخص تي دنگُ اچي ڪري تہ اُهو تنويرُ ئي ٿي سگهي ٿو. هُو وِک وِک گُلابُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوکي ڇڏيندو هو، پوپٽَ پاڻهي اچي پھچندا هُئا:

مُون تہ گُلابَ لڳايا آهن،
پوپٽَ پاڻهي آيا آهن!

هُو جيترو معتبر دوست هو، اوتروئي مَعتبر دانشور، بہ هو.اسان وٽ هرڪو لئيءَ مان لَٺ پيچي،بہ ڪالم لکي دانشور پيو سڏائي،پرمون پنهنجيءَ مختصر ڄمارَ ۾ ڪو "ڪامل دانشور" ڏِٺو تہ اُهو تنوير ئي هو، جنهن جي دانش ۽ دانشوري، سندس ذاتي ملڪيت نہ هُئي، پر ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين جي ملڪيت هُئي، هُو ڳالهيرُ،لفظي بازيگرُ،لفظن جي حُرمت پائمال ڪندڙ ڏاهو نہ هو،پر هو عملي دانشورهو ۽ هر ڳالهہ کُليءَ زبان سان چوندو هو تہ:

سِنڌ! جيڪو بہ مِٽائڻ ٿو گُهري تُنهنجو وجود،
اهڙي ڪم ظرف ۽ نادانَ کي ڏسي رهنداسين!

دانشور بہ اهڙو، جيڪو رڳو ڏيڻ چاهي ۽ وٺي ڪُجهہ بہ نہ:

ڪُجهہ ڏئي ويندا سين، ڪُجهہ نہ کڻي ويندا سين،
ٻُور آهيون ۽ ڏئي ميوو،ڇَڻي ويندا سين!

تنوير هڪ مڪمل ۽ ڪامياب شاعر هو. هُو سنڌ جو،سُريلو، (Lyrical) شاعر هو،سنڌ جي تمام وڏي نقاد شاعرَ،سڳِن آهوجا، نارائڻ شيام کان پوءِ تنويرعباسيءَ کي مُڪمل سُريلو (Lyrical) شاعر سڏيو آهي، سُرلتا ۽ ميناج،سندس شاعريءَ ۾ اوتجي آيو هو. لفظ،هن جي چپن سان لڳي مِنا ٿي پوندا هُئا. خيالَ،هن جي ذهن ۾ اچي سُهٽا ۽ سوپياوان ٿي پوندا هئا. منظر هن جي ماڻڪين ۾ سمائجي معني - وند ٿي پوندا هئا. سِتون، هن جي قلم جي نوڪَ سان سون - ورن بنجي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هرڪو ڪري ٿو، پرجَيءَ - جوڙ،صرف تنوير ئي ڪري چاڻندو هو، هُو عجيب فقير منش هو، ٿوڙبندڙن،سان بہ مليو تہ ايئن چئي مليو تہ:

ڏس تہ ڪهڙو عجيب فقير آهيان،
نہ صدائي ڪيان، نہ سَئن هٽان!

اوچتو بي سبب، بنا مقصد،
اچي بيٺس مان تُنهنجي در اڳيان.

نَہ ئي جهولي جَهليان ٿو مان پنهنجي،
۽ نہ ٿو پاند تُنهنجو ئي پڪڙيان.

بس رُڳو چُپ ڪري ۽ چَپ ٻُوٽي،
ٿو نماڻين اکين سان توڏي تَڪيان.

نہ صدا ئي ڪيان، نہ سَئن هٽان،
ڏس تہ ڪهڙو عجيب فقير آهيان!

آءٌ اها دعويٰ ڪندي ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿو ڪريان تہ تنوير هڪ ڪامياب ۽ مڪمل زندگي گُذاري. هو ڪامياب شاعر هو، ڪامياب عالم ۽ محقق هو، ڪامياب جيون - ساٿي هو، ڪامياب پيءُ هو، ڪامياب دوست هو، ڪامياب ڊاڪٽر هو ۽ ڪامياب ۽ مڪمل انسان هو. انفرادي توڙي اجتماعي زندگيءَ ۾ روشن ۽ بي داغ انسان هو. غلام رباني آگري،تنويرعباسيءَ تي خاڪو لکندي،جمال رند جي ڳايل هڪ سرائيڪي لوليءَ جو بندُ حوالي طور ڪم آندو آهي:

پارِ دَرياهان هڪ ميندي دا ٻُوٽا،
عشق ڪماوين ايوين ،جيوين پينگهہ دا جُهوٽا!



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو واقعي ميندي؏ جو ٻُوٽو هو، جنهن کي جيڪو هٿ لڳائيندو هو، جيڪو هن جي صُحبت ۾ ويهندو هو، رڱجي ريٽو ٿي ويندو هو. هن سچ پچ ” پينگهہ جي جُهوٽي “ جيان جيون گُذاريو. تنوير چيو آهي تہ:

ڪوڪو پلُ ٿئي ٿو تنويرَ!
صدين تي پي سوڀارو.

پر آءٌ تہ چوندس تہ تنويرُ جو گهاريل هڪ هڪ پل، صدين تي سوڀارو هو ۽ هن پارو ماڻهو ڳولڻ سان بہ مشڪل ملي سگهندو، ڇو تہ هُو اڳيئي پاڻ فتويٰ ڏئي ويو آهي تہ:

ڳولي وَٽُ جي مِلي سگهئِي،
ماڻهو ڪوئي مون پارو.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڊاڪٽر ملڪ نديم

# تنوير عباسي هڪ رومانوي شاعر

• اڳئين زماني جا شاعر شايد ايترا باشعور هئا، جو پنهنجي سماج ۽ پنهنجي زماني جي مسئلن، معاملن، ڏُکن ڏولائن، سرهاين ۽ سُکن کي علامتن ۽ تشبيهن ذريعي رومانوي شاعري ۾ پيش ڪري ٿي سگهيا ۽ پيش ڪري ويا. جڏهن ته اڄوڪا گهڻا شاعر پنهنجي عشقيه شاعريءَ ۾، ڌرتيءَ جي دانهن ۽ سنڌ جي سونهن کي به علامتن ۽ تشبيهن ۾ پيش ڪرڻ جي Merit نٿا رکن. عشق جو اظهار به سندن خيالي ۽ تصوراتي آهي، عملي ناهي. ڇاڪاڻ ته عملي هجي ها ته، ان ۾ علامتون هجن ها ۽ ٻيا ڪيترا مسئلا ان ۾ ڊڪيل پيش ڪيل هجن ها. ڇاڪاڻ ته عشق سماج جي گهڻن مسئلن سان لاڳاپيل آهي. رومانوي شاعري اها آهي ته جيڪا بظاهر ته عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ ٿيل واردات تي مشتمل ٿئي ٿي، جنهن ۾ وصال به آهي ته وڇوڙو به آهي ۽ ان جو اهڙي ته نموني بيان، انداز ۽ پيشڪش آهي جو جنهن به مسئلي تي اهڙو شعر نهڪاءِ، ان جي معنيٰ پيو ظاهر ڪري. جيئن اسان وٽ ڀٽائي ۽ سچل آهن، اردو ۾ غالب ۽ فيض آهن. اهڙي رومانوي شاعري شيخ اياز، تنوير ۽ ان جي ڪجهه هم سن ۽ همعصر شاعرن ۾ لڀي وڃي ٿي، باقي اهڙي وزندار، ڳنڀير ۽ گهڻ رُخي شاعري تمام ٿورڙي آهي.

شيخ اياز ڪانپوءِ، تنويرعباسي جي شاعري ۾ اهڙي ڳنڀير ۽ گهڻ رُخي رومانوي شاعري ملي ٿي، ڇاڪاڻ ته هو سنڌ جي قومي تحريڪ جا اڳواڻ شاعر ۽ ڪارڪن هئا. جيتوڻيڪ سنڌ اڄ به سورن ۾ آهي. اڄ به قومي تحريڪون آهن، پر اڄ جا شاعر ۽ اديب ويڳاڻپ جو شڪار آهن. ان ڪري شايد هو شاهڪار رومانوي شاعري نٿا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تخليق ڪري سگهن. انگريزي ۾ Light Music لاءِ گُهرج ۾ ايندڙ شاعري بہ Light سڏجي ٿي، جنهنجي معنيٰ هلڪي ٿي، پر سنڌي ۾ هلڪي ۽ هلڪڙي بہ چئبو آهي، جيڪو انتهائي طنزيہ لفظ آهي. چا ڪجي جو اڄ عشقيہ شاعري بہ اهڙي ٿي رهي آهي، جيڪا تاريخ جي ڪنهن بہ دؤر ۾ شاه لطيف ۽ غالب جي شاعريءَ جي پر ۾ بہ نہ بيهي سگهندي.

عشق ۽ محبت جو هي اظهار ڪيڏو نہ ڏگهو رشتو رکي ٿو. ڪيڏو نہ گهڻ معنيٰ وارو آهي، عشق ڪان انسانيت تائين پهچڻ ڪي ئي شاهڪار شاعري چئي سگهجي ٿو. هونءَ بہ عشق تہ ڪبو بہ انسان سان آهي، چاڪاڻ تہ عورت بہ انسان آهي. جيڪو عشق اهڙي عمل جا رستا ڏيکاري، جنهن ۾ امن محبت انسانيت آهي، اهڙي عشقيہ شاعري علامتن جي خوبصورت ويس وڳن ۾ هوندي آهي، اهڙي شاعري پختي شعور وارو شاعر ڪري سگهي ٿو، تنوير جو اهڙو شعر آهي:

پيـــار جي تـوســـان ڪـيـم
آدمـــي ۾ تـــي ويــو ايمــان تــازو

(ساجن سونهن سرت. صفحو 15)

امن، انصاف ۽ انسانيت واري ئي ماحول ۾ عشق کي آزادي ملندي آهي، عشق مختلف خوشبوئن وارو گلستان ٿي ويندو آهي.

ذات پـات، رنـگ نـسـل، ديـس پـرديـس ۽ ديـن وڌرم جي ڪشمڪش، پئسي پائيءَ جي چڪتاڻ، نفرت، ڪروڌ، جنگ و جدل ۾، پيار ۽ محبت کي آزادي جو لمحو ئي نہ ملندو آهي. ان ڪري محبت جي ماحول لاءِ رومانوي شاعري جو بہ اعلان آهي تہ:

ســـــڪ وارن جي ســـــــوچ آ
ديـــن دنـــيــــا ڪـــان ڏار


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کــڻ اکـــيـــون کِل يـــار تـــون
(ساجن، سونهن سرت. صفحو 16)

محبت ۾ جيڪڏهن مذهب ۽ دولت جي ڳڻ تور ٿي ته، عاشق و معشوق هڪٻئي ڏي مرڪ سان نهاري به نه سگهندا. ان ڪري محبت جي حاصلات لاءِ ناجائز ۽ غلط سماجي پابندين سان ويڙهه لازمي آهي. جيستائين سماجي رڪاوٽون نٿيون ٽٽن، ايستائين هڪٻئي کي چاهيندڙ به دليون نٿيون ملي سگهن. پابنديون تڏهن دور ٿينديون، جڏهن انهن کي پيدا ڪندڙ يا ڪڙو ڪندڙ مڪمل سماجي يا معاشي نظام ختم نه ٿيندو، جنهنجي خاتمي لاءِ تنوير کُليو اظهار ڪيو آهي. يعني دين و دنيا محبت ڪرڻ وارن جي سوچ ۾ بلڪل الڳ آهن.

هڪ محبوب سان سچي محبت ڪرڻ واري کي هر ماڻهوءَ ۾ محبوب جو عڪس نظر ايندو آهي. اهو محبوب جو عڪس ئي انسانيت آهي، انسانيت جي معراج تي ڏاهپ ئي پُهچائيندي آهي انتهائي عقلمند انسان کي ڪنهن به انسان ۾ فرق نظر نه ايندو آهي ۽ اها ڏاهپ، محبت پيار ۽ عشق وسيلي ئي ملي ٿي، جنهنجي لاءِ تنوير هيئن چئي ٿو:

پـــورو هـــيـــس اڳي مـــان ڏاڍو
ســـڪ ڪـــيـــوم ســـچاڻ

(ساجن، سونهن سُرت. ص. 17)

محبت ۽ پيار هن کي ذهين بڻايو
هڪ ٻي شعر ۾ تنوير چئي ٿو:.

تـــيـــنـــدي تـــوســـان روح رهـــاڻ،
وقـــت ســـنـــو گـــذري ويـــنـــدو.

(ساجن سونهن سرت. ص 23)

محبوب سان، حسن سان، سونهن سان وقت سنو گذري ٿو.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي، پر علامت جو پردو لاهجي ته محبوب سميت ادب، آرٽ، ڪتابن سان به وقت سنو گذري ٿو، آزادي ۽ انقلاب جي خوابن ۾ به وقت سنو گذري ٿو، ان جي عمل ۾ به وقت سنو گذري ٿو. اها وقت گذارڻ واري علامت گهڻ معنئي واري آهي. اهڙي شاعريءَ کي دائميت آهي.

انسانيت کي معراج تڏهن ملندو، جڏهن هُن جي سماج ۾ انصاف، عدل ۽ امن، سُک ۽ سرور آهي، ان تي پهچڻ جو رستو آزادي ۽ انقلاب آهي. رستي کي تڏهن پار ڪري سگهبو، جڏهن سونهن پريو سماج ٺاهڻ لاءِ جنون جي حد تائين عشق هوندو، پيار هوندو، محبت هوندي، تنوير ان عشق جي علامت کي هن ريت پيش ڪيو آهي، چاڪاڻ ته اهو رستو عشق جي اجتماعي آزادي واري معاشري ڏانهن وڃي ٿو:

عشق سوا اوچائي ڪانهي،
پيار بنا سڀ پستي يار.

(ساجن سونهن سرت .ص. 25)

عشق ۽ پيار انهن وٽ نه هوندو آهي، جيڪي دولت ۽ طاقت حاصل ڪرڻ جي حوس ۾، زندگيون وڃائيندا آهن. اهو حوس، عشق جي اوچائي نه ڏيندو آهي، اهو حوس خود غرضيءَ جي پستي ۾ اُڇليندو آهي.

هاڻي مان به ٿي شعر پيش ڪندس، ته جيئن توهانکي خبر پوي ته پختي شعور وارو شاعر پنهنجي عشقيه شاعريءَ کي سماج جي لاڳاپي سان ڪهڙي انداز ۾ ظاهر ڪري ٿو.

مثال طور ڪو ڏکايل پوڙهو ڪنهن سان ملي ٿو ۽ اهو ڪائنس پُڇي ٿو ته ڪهڙا حال آهن، ته گهٽو ڪري ڀهراڙيءَ جو سنڌي ماڻهو يا


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀٽائي کي ٻُڌل يا ڪجهه پڙهيل هيئن جواب ڏي ٿو ته:

سسئي ۽ سور، ويا پٽيندا پاڻ ۾.

يا ڪنهن مظلوم عوام يا مظلوم قوم جي سياسي يا ادبي گڏجاڻين ۾ تحريڪن ۾، جدوجهد ۾، ڪجهه ماڻهن جو ميڙ ٿيندو آهي ته، سيڪريٽري يا مقرر گهٽو ڪري لوڪ عشقيه قصي، سسئي پنهونءَ جي هي سٽ پڙهندو آهي:

اچو سُورن واريون، ڪريون سور پچار،
ڪنهنکي گهٽا ڪنهنکي ٿورا .ڪا ناهي سورن ڌار.

حالانڪ مٿيون شعر عشقيه داستان جي حوالي سان اندر مان نڪتل آواز آهي. پر اهو سمورن سماجي ڏکن جي علامت آهي. اهو شاعر جي شاعريءَ جو ڪمال آهي، جو اهڙو شعر هر ڏک جو ترجمان ٿي پيو آهي.

ٻيا اهڙا ڪيترا مثال ڀٽائي، سچل، اياز جي شاعريءَ مان پيش ڪري سگهجن ٿا. جهڙا انهن سان ڪنهن حد تائين ملندڙ جلندڙ شعر تنوير عباسيءَ جا پيش ڪري شاهڪار .لافاني ۽ رومانوي شاعريءَ بابت مان توهانکي ٻڌايو آهي، ڀٽائي، سچل، اياز ۽ تنوير جا اهڙا بيت يا شعر سمورن بي انصاف معاشرن ۽ بي انصاف زمانن جو آواز آهن، اهڙي ئي رومانوي شاعريءَ کي بقا آهي.

□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪِڙيل اَڻ چُھيل گُلَ

• اڄ ڪان ڪيئي سال اڳ، اسڪول ۾ والي بال کيڏندي، جڏهن مان ڪَنڌِن تي ڪِري پئي هيس تہ، امان مونکي ڊاڪٽر تنوير ڏانهن وٺي وئي هئي.

مُرڪندڙ مُنهن واري مهربان ڊاڪٽر مون کي حوصلو ڏيندي چيو هيو تہ: "ڪا ڳالھہ ئي ڪانهي، ماڻهن کي گوليون جسم ۾ پيون هونديون آهن، هي تہ رڳو ڪنڌا آهن، وقت سان پاڻ ئي ڳري ويندا".

اها ڳالھہ ٻُڌي، منهنجو سُور ڇڻ اڏ ٿي ويو، علاج هليو، مان ٺيڪ ٿي ويس ۽ مان پنهنجي دل ۾ ڊاڪٽريءَ کي پنهنجو Aim of life ڪري ڇڏيو، ڇاڇا امرجليل ڪري، ڊاڪٽر تنوير سان گهريلو رستو تہ هيو، وڌيڪ ويجھڙائي ٿي وئي.

شروع کان وٺي مونکي، ڊاڪٽر تنوير وارن جو گهراڻو ڏاڍو Facinate ڪندو هيو، ننڍڙو ڪُٽنب، گُلن جيان پنهنجي Family جي ڏور ۾ پوپل، زندگيءَ جي ڳَلي ۾ پاتل ڪنهن هارَ جيان لڳندو هيو، انهن جو گهراڻو. ڊاڪٽر تنوير جي شاعري ۽ پارس جي شاعريءَ مون کي انهن سان وڌيڪ ويجهو ڪيو. مان پارس جا نوان سرجندڙ شعر پڙهندي هيس تہ لڳندو هيو، ڄڻ ڪنهن نئين دنيا ۾ اچي وئي آهيان. رنگن سان رَچيل، جهرمر تارن جهڙي، گُلن مان واس وٺندڙ جهونجهڪڙي جهڙي دنيا. ماکَ ۾ آلي ٽيل ڇپر جهڙي نرم ۽ پکين جي لاتَ جهڙي مِٺي دنيا.

پارس جي شعرن ۾ جنهن دنيا جو عڪس هيو، اها حقيقت ۾ پارس جي وجود جي چوطرف هئي، سندس گهرَ ۾ هئي. ڊاڪٽر تنوير



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو گهر ڪنهن جنت جيان هيو، جتان پارس پنهنجي شعرن جي مِٽي ڪٺندي هئي. ڊاڪٽر تنوير ڪُشاده دل ۽ پيار ونڊيندڙ هستي هيو، همدرد ۽ مددگار.

خيرپور واسين لاءِ هُن جو وجود، ڪنهن گهاٽي وڻَ جهڙو هيو، سندس سماجي، علمي، ادبي ۽ مسيحائي خدمتون وِسارڻ جهڙيون ناهن. هُن جي هجڻ سان خيرپور کي هڪ سُڃاڻَ ملي ۽ مڃتا ملي. تخليق ۽ تحقيق ۾ مصروف، هي موتين جهڙو ماڻهو الاءِ ڪٿان وقت ڪڍي سڀني لاءِ موجود ملندو هيو.

ڊاڪٽر تنوير جي حياتي هڪ مستقل مقابلو هئي، سندس ويڙهه هئي. جهالت سان، بي انصافيءَ سان ۽ مرض سان. هِن همه وقت جنگ جو انداز ئي پنهنجو هوندو هيس. مُرڪندي مُرڪندي ماٺِ ميٺ ۾ معرڪا ماري ويندو هيو. سرمدَ جو گهر ان ڳالهه جو شاهدَ آهي تہ، هتي سنڌُ جي سينڌ سنوارڻَ جا سانباها ڪيا ويا هئا!، جيئن ڏيئي مانَ ڏيئو ٻَرندو آهي، تيئن روشنيءَ جي ان لاٽَ جو سفر جاري رهيو ۽ ڊاڪٽر تنوير، اياز گل، مختيار ملڪ، ادل ۽ ٻين جي شاعريءَ جو رهنما ٿيو. سندس ان اُتساهہ جي ڪري سنڌي ٻوليءَ کي، سُٺي شاعري ملي، جيڪا هڪ ادبي سرمايو آهي.

ڊاڪٽر تنوير جي شاعري پڙهي، مان شاعري پڙهڻ سِکيس. سندس معصوم ٻولي ۽ انداز مون کي تمام گهڻو موهيو، جن ۾ سندس استعارا ۽ تشبيهون هڪ مثال آهن. ڊاڪٽر تنوير جي شاعريءَ جا موضوعَ بہ نِڪور. سندس شعر ڄڻ سنڌ ئي باغ ۾ ڪِرٻل، اَڻ ڇُهيل گُلَ هجن.

ڊاڪٽرتنوير سنڌي شاعريءَ کي جمود کان بچائي، اُن ۾ نوان تجربا ڪيا. هائيڪو هڪ ڪامياب مثال آهي.ايئن سندس ڪاوش ٻوليءَ جي ٻيڙيءَ کي بيهڻ نہ ڏنو. اُها ترندي رهي ۽ ايئن سندس خواهش بہ هئي. هڪ مسيحا جي حيثيت ۾ زندگيءَ سان پيارُ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ موت لاءِ ڏڪار سندس حياتيءَ جا اصول رهيا.

زندگيءَ جي هر مثبت پهلوءَ کي پُختو ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر تنوير هميشه اڳيرو رهيو. خيرپور، تنوير سواءِ جڻ اُٽپُوري ٿي لڳي. ڊاڪٽر تنوير لاءِ جيڪڏهن ائين چوان تہ وڌاءُ نہ ٿيندو، تہ هُو خيرپور جي سونهن هيو:

هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
هرڪا دل، هيرن جي کاڻ
جاڻي ڏِسُ تہ سِهي اڻجاڻ!

اهي سِتون ڪو موتيءَ جهڙو ماڻهو، هيرن جهڙي دل سان ئي لکي سگهي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت جا عڪس ئي سندس شاعري آهن. تڏهن ئي تہ هيتري سپاجهي،سونهن ورني ۽ سڌي سولي هر پڙهندڙ جي دل کي ڇُهندڙ آهي. علمءِ ادب سان واسطو ڊاڪٽر صاحب عبادت جيان نڀايو آهي. انهيءَ جي اونهي پروڙ، پڙهڻ ۽ پرکڻ، تحقيق ۽ تخليق ۽ انهيءَ ترتيبوار تسلسل سان شاعري هڪ نئون رنگ ۽ روپ پري نروار ٿئي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جي شاعريءَ جي آگر پڪڙي، سنڌي ٻوليءَ جي نَون شاعرن ۽ سنڌن شاعريءَ پنڌ ڪرڻ سِکيو آهي.ڊاڪٽر صاحب جو گهر هڪ مڪتب هيو، جتي شاعريءَ جو فن ۽ فڪر رکندڙ پنهنجي فَنَ کي هُنر جو روپ ڏيندا هئا. جتي تخليق جي تڪميل ٿيندي هئي.

سرمد جو گهر، رڳو سرمد جو ئي گهر نہ هيو، بلڪ هر علم دوستَ جو بہ گهر هيو ۽ اسان اُن گهر ۾ ادبي ميڙاڪن جي ڪمي اچا محسوس ڪيون ٿا. مون ڪان نتا وِسرن، اُهي گلابَ جيڪي سندس لانَ ۾ ٽڙيل هوندا هئا ۽ نتي وِسري اُها مُرڪ جيڪا. آنتي قمر کي ڏِسي سندس چپن تي اچي ويندي هئي. اُها چمڪَ جيڪا پارس، مارئي ۽ سرمد کي نهاربندي ئي اکين ۾ اچي ويندي هئس، جڻ تارا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجن، ڇڻ گل هجن، ڇڻ سنڌي ٻوليءَ جي تسلسل جا امين هجن. مون کي خوشي ان ڳالهه جي آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جا ٻارَ بہ سندن شخصيت جو عڪس آهن ۽ بلڪل ڇِٽو عڪس! ايئن ئي دل ريشم جهڙي، پشم جهڙي ۽ اَڏول ارادا رکندڙ ۽ نيائيندڙ پڻ! جيتوڻيڪ ڊاڪٽر صاحب جن هِن وقت اسان ۾ نہ آهن، پر سندن شاعري، سندن شخصيت ۽ سندن سياءُ جي شيريني، سندن ٻارن جي رُوپ ۾ اڄ بہ اسان سان گڏ آهي. اسان جي خيرپور جي خوشبوءِ ۾، هُو اڄ بہ زندهہ آهي، موجود آهي ۽ موجود رهندو.

◻



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ادل سومرو

# توهان جي ٽرين ڪنهن وقت به اچي سگهي ٿي

• هر ماڻهوءَ جي ٽرين اچڻي آهي
پنهنجون پنهنجون ٽڪيٽون سنڀالي رکو، توهان جي ٽرين ڪنهن وقت به اچي سگهي ٿي.

ڪي ماڻهو ٽرين جو انتظار ڪندا آهن ۽ ڪن کي وري خبر ئي نه هوندي آهي، ته هنن کي هي پليٽ فارم ڇڏڻو به آهي. اهڙن ماڻهن کي هلندڙ ٽرين ۾ چڙهڻو پوندو آهي. ايٽلا جوزف ۽ ثروت حسين پنهنجي ٽرين جو گهڻو انتظار نه ڪري سگهيا ۽ هنن پاڻ کي ٽرين جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ٽرين کي پيارا ٿي ويا.

توهان جي ٽرين ليٽ به ٿي سگهي ٿي، پر پليٽ فارم تي سمهڻ جي اجازت ناهي. اسٽيشن تي انتظار آهي، وڇوڙو آهي، خبر ناهي ته هي ٽرينون ڪٿان اچن ٿيون ۽ ڪيڏانهن وڃن ٿيون!

اُها رات به تارن ڀري هئي.

روهڙي اسٽيشن جو پليٽ فارم ۽ ليٽ ٽيل ٽرين جو انتظار، پٿرجون بينچون ۽ ٽڌيون منيون ڳالهيون. جمعو 12 نومبر 1999ع) ٽرين آئي ۽ تنوير عباسي اُن ۾ چڙهي هليو ويو.

• سنڌس ربل جنهن پاسي گُم ٿي وئي هئي
اُنهيءَ ئي طرف پيو ڏسان مان اجان تو
(ساجن سُونهن سُرت. صفحو 45)

• ايٽلا جوزف (هنگري جو شاعر) ثروت حسين (سنڌ جو شاعر) پنهي ٽرين هيٺان اچي خودڪشي ڪئي هئي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُن جي ٽرين وري سنڌ ڏانهن واپس نہ آئي.
سندس اکيون بہ سنڌ کان ٻاهر ئي رهجي ويون.
جڏهن بہ اوهان جو اکيون پرجي اچن تہ تنويرعباسيءَ جون اکيون ضرور ياد ڪجو.
اُهي اکيون، جن هر ماڻهوءَ جي مُرڪي آجيان ڪئي جن ۾ نماڻائي ۽ محبت هئي.

• ساجَنُ گهر آيو
هڪڙي اکِ ڏنو
۽ ٻيءَ ڪين ڏٺو

(ساجن سونهن سرت. صفحو 31)

هر ماڻهو ڪنهن جي نہ ڪنهن جي حڪم جي طابع آهي
مُئي پُڇاڻان تہ هوئنئن ئي ٻين جي حوالي، پر جيئري بہ پنهنجي وسَ ۾ ناهي.

ڪوبہ پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ ۽ آزاد ناهي
برڪت علي آزاد بہ آزاد ڪو نہ هو.

جيئري بہ خواهشون اڻپوريون رهن ٿيون تہ، مُئي پڇاڻان جون ننڍڙيون معصوم خواهشون بہ پوريون نٿيون ڪيون وڃن.
ڪٿي فطرت آڏو اچي ٿي تہ ڪٿي رشتن ناتن جون انائون رڪاوٽ بڻجن ٿيون.
”بابا اِهي سڀ شاعرائيون خيالي ڳالهيون آهن. سِيني کي پورو ڪبو ڇا؟ هُن خواهش ڏيکاري بس خير ٿيو.“
اِهي ڏکيا معاملا آهن. انهن ۾ نہ پئو. اسان جا پنهنجا طور طريقا آهن. اسان کي هتي رهڻو آهي. حالتن مطابق هلڻو آهي.
ٺيڪ آهي توهان ادبي وارثي ٿا ڏيکاريو، پر فيمليءَ جو اختيار اسان عزيزن کي آهي.
تربت کي ڇاهي؟ تربت ڪٿي بہ هجي.
شاعرن اديبن جون تُربتون ماڻهن جي دلين ۾ هونديون آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن تنوير جي ديد بادي ميڊيڪل ڪاليج کي ڏني وڃي ها تہ پوءِ تربت جو سوال اُٿي ها ڇا؟ پوءِ ڇا ڪيو ها."

ڇڏيو اِهي ڳالهيون، هر ڪو پنهنجي پنهنجي گهر وڃي.
ٻئي جاڙا چنڊ اُلهي ويا. الطاف ۽ تنوير.

(6 فيبروري 1978 ۽ 25 نومبر 1999ع)

• مٽيءَ ۾ ملندا وڃن، ماڻهو موچارا.

(تنوير چئي. صفحو 354)

قـمـر، چنڊ، تـنـويـر، روشـنـي.
مون ۾ آهيـن تون، تو ۾ آهيان مان.
پـارس، سـرمـد، مـارئـي

۽ روبي راڻي. ختم ڪهاڻي.

سرمد جو گهر خيرپور
26 نومبر 1999

تڏي تي بہ چار نوجوان شاعر اديب اُداس ڇهرن سان ويٺا آهن. سرمد جي گهر مٿان نيرو آسمان، ميرواهہ جي ڪناري اُڀا ٽالهيءَ جا وڻ، پکي هوائون.

فطرت جو شـاعـر، سنڌ جو وردسـوَرٿ نـہ، پر سنڌ جو تنويرعباسي هاڻي سرمد جي گهرَ ۾ موجود ناهي.

• ميـر واهہَ جا وڻ پڇن ٿا ڪاڏي ويو تـنـويـر.

سـب دوسـت ڦول بـاغ ڏانـهـن هـلـن

تنوير عباسيءَ جي غائبانہ جنازي نماز ٿيندي.

هي غائبانہ جنازي نماز جو اهتمام ڪنهن ڪيو آهي. جيئري، تنوير جن شيـن کـان پري رهيو، اُهي سندس مُئي ڪـانپوءِ ٽي رهيون آهن. هن تہ هٺرادو طريقي سان جيئڻ بدران، آزاديءَ سان مرڻ قبوليو هو. غائبانہ نماز بہ ٿيندي آهي ڇا؟

چونہ ٿيندي آهي، غائبانہ امتحان ٿين ٿا. نڪاحَ ٿين ٿا. باقي نماز ۾ ڇاهي؟ هي ڪهڙو ڦول باغ آهي، جتي ڪوبہ ڦول ناهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن باغ ۾ حيدر بخش جتوئيءَ تقرير ڪئي هئي ۽ تنوير عباسي ساڻس گڏ هو.

غائبانہ نماز کان بهتر آهي تہ تنويرعباسيءَ جي غائبانہ صدارت ۾ هتي مشاعرو ڪرائجي.

مشاعري جو ذڪر نہ ڪر تہ وري اچي نہ وجن هوٽنگ ڪرڻ وارا. نماز ۾ دير چو ڪئي پئي وڃي.

غائبانہ نماز جو مُلان غائب ٿي ويو آهي، ڪُجھہ نوجوان اُن کي پڪڙڻ ويا آهن.

هُو محقق مُلان پڇي ويو آهي. تنويرعباسيءَ بابت شڪ ۾ آهي ۽ سندس ايمان پڻ لوڏن ۾ اچي ويو آهي.

پلا اسلام آباد ڪير ڪير هلندو؟

پنڌُ وڏو آ يار، سوچئون ٿا. هونئن بہ تنوير جو فڪر اسان سان گڏ آهي، تنوير اسان سان هميشہ رهندو. اچو تہ تنوير جا شعر ياد ڪريون ۽ انهن کي ڦهلايون.

مان تنوير عباسيءَ جو هڪ ٽيڙو ميرواهہ جي وڻ تي ائين لکي آيو آهيان، جيئن مان پنهنجي محبوبہ جو نالو لکي آيو هوس.

مون ڏنو تہ هڪ ڪانءَ ڪُٺو، وڻ تي لکيل اُهو تنوير جو ٽيڙو وڏي غور سان پڙهي رهيو هو.

ان کي چئبو آ جمالياتي شعور.

اچو تہ سيئي گڏجي تنوير کي ياد ڪريون.

هن جي ياد ۾ ڪيڪَ ڪاٽيون ۽ ڏيئا باريون.

هن جي ياد ۾ ڪا اڪيڊمي، ڪو فورم يا ادارو قائم ڪريون. اِهي غلط تجويزون نہ ڏيو. اجايو جهيڙا ڪرائيندؤ.

تنوير کي، تنوير جي فڪر کي ڪنهن بہ فورم جي ضرورت ناهي. تنوير عظيم آهي. هن جي شاعري هر دل ۾ آهي.

• او تنوير! هي تنهنجا شعر تہ سنڌ جو ڀاڳُ مَٽائيندا.

(تنوير جٺي - صفحو 265)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنوير چوندو هو:

• ڏاهـــو تـــوري پَورو
مـاروئڙيـن کـي شـالَ وٺان

(تنوير چئي، صفحو 291)

پر تنوير جي اسان کي هڪ ڳالهه صفا نه وڻندي هئي.
سيني کي مانُ ڏيندو هو. ”مون وٽ آ هر ماڻهوءَ جو مانُ“.
اِهو رويو نه درست نه ٿيو جواسان کان وڌيڪ، غير ضروري ماڻهن کي اهميت ڏئي.

• جهـولـيءَ مـان ٿـا نـيـنـهـن ورهـايـون
جيـڪـو ڏڪاري تـنـهـن کـي بـه چاهـيـون.

(ساجن سونهن سُرت صفحو. 98)

پيو نه تنوير عباسي ضدي به ڏاڍو هوندو هو.
اسان چوندا هئاسي: سائين توهان سان شاندار قسم جي ڪا شام ملهائجي ۽ توهان جا ڪلام نئين انداز سان فنڪارن کان ڳارائجن نه چوندو: ”ڪاضرورت ناهي“.
سائين توهان جي ڪتاب جو وڏي پيماني تي مهورت پروگرام ڪرائجي.
چوندو نه ڪنهن اُيرنڊڙ شاعر جو پروگرام ڪيو.
سائين پروگرام جي صدارت ڪيو.
تڏهن به انڪار ڪندو.
لازمي آ نه سائينءَ جي انڪار ڪانپوءِ مجبوراً اسان کي پاڻ سان شامن ملهائڻ جا پروگرام ڪرڻا پيا ۽ پنهنجن ڪتابن جي مهورتن جو اهتمام ڪرڻو پيو.
علمي ادبي سرگرميون نه جاري رکڻيون آهن نه.
تنوير سائين سدائين پيو چوندوهو.

• ڪجهه ڏئي ويندا سين، ڪجهه نه ڪٺي ويندا سين
عجيبب فلاسافي آهي.

• سڙي ڏئي سُرهاڻ پيـن کي آهي سو چنـدن.
تنوير نه چندن هو. هُن پاڻ سڙي پين کي سُرهاڻ ڏني


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خيرپور ۾ هاٿي ڪوبہ چندن ناهي، جيڪو پاڻ سڙي ٻين کي سرهاڻ ڏئي.
هتي تہ ٻين کي ساڙي، هٿ سيڪڻ وارا وجي بچيا آهن.
اسان تہ تنوير کي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ جو وائيس
چانسلر بڻائڻ ٿي چاهيو، پر هُن روايت مطابق انڪار ئي ڪيو.
ٻلاشاعر هئڻ وڏي ڳالهہ آهي يا وائيس چانسلر ٿيڻ؟
شاعر وڏيڪ فخر لائق آهي.
اِهو تہ توهان شاعر پاڻَ کي خوش رکڻ لاءِ چئو ٿا. هوندن تہ مڙئي خير آ.
اسپتال تائين پُهچڻ جو ڪرايو بہ اوهان جي کيسي ۾ ڪونهي.
توهان جي پُراڻي سائيڪل ڪيترو سفر ڪري سگهندي؟
رڳوهوائي ڳالهيون.
اِهي سڪٽا اخباري بيان، متي جي سُور کان بچڻ لاءِ بہ
ٽڪيون بہ ڏياري نٿا سگهن.
رشيد ڀٽيءَ جو فائيل بہ صحت کاتي وارن وٽ رُلندو رهيو ۽
هُو بنا موڪلائڻ جي هليو ويو.
رشيد ڀٽي، تنوير جو جگري دوست هو. "ادب ۾ مارشلا"
جي عنوان سان هو پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:
"هڪ ٻئي نقاد کي اُن وقت گرفتار ڪيو ويو، جنهن وقت
هُو، سچل تي لکيل ۽ ڇپيل ڏهن مضمونن کي اڳيان رکي، اُنهن مان
ٽُڪر ڪٽي، سچل تي پنهنجو مقالو لکي رهيو هو".
(ڪتاب سياري جي رات صفحو. 145)

تحقيق بہ وڏو گورک ڌنڌو آهي.
سچل سرمست تي جديد تحقيق جي نگراني ڪرڻ لاءِ اسان
تنويرعباسيءَ کي زبردستيءَ سچل چيئر موڪليوسي، نہ هو ڪاٿي.
ٿي ويو.
اسان ڪيس سمجهايو تہ سائين توهان جو شهر سوڀوديرو.
درازا شريف جي ويجهو آهي. ان ڪري سچل چيئر تي اوهان جو وڏيڪ حق آهي.
تڏهن وڃي تنوير کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي.


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان تنوير کي چيو تہ لطيف ڪانپوءِ هاڻي هُو سچل تي بہ تحقيق ڪري.
عالمن کي تحقيق جي کوٽ بابت اجايون شڪايتون آهن.
سنڌي ماڻهن کي تحقيق سان وڏي دلچسپي آهي.
هو سدائين ٻين جي باري ۾ تحقيق ڪندا رهندا آهن
فلاڻو ڇاڻو ڪري؟ ايترا پئسا ڪٿان آندا اٿائين. ايترو خوش ڇوٿو گذاري.
سڀ ماڻهو تحقيق ۾ مصروف آهن.
يونيورسٽين ۾ بہ تحقيق يعني ريسرچ جي وڏي اهميت آهي.
پڙهڻ پڙهائڻ ايترو اهم ناهي، جيتري ريسرچ.
خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ اسان جا اُستاد ريسرچ ۾ مصروف آهن. هُو اِها ريسرچ ڪندا رهن ٿا تہ ڪهڙا ڪم نقصانڪار ۽ ڪهڙا نفعي وارا آهن. هُو اُنهن گُرن جي ڪوجنا ڪندا رهن ٿا، جن جي وسيلي اختيارين جي خُوشنودي حاصل ڪري سگهجي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ موجود نہ هجڻ جي باوجود نظر ڪيئن اچجي.
اِهي سڀ جديد تحقيق جا قسم آهن، جن جي باري ۾ ٻاهرين دنيا جي يونيورسٽين کي اڃان ڄاڻَ ناهي.
تحقيق ۾ مصروف ڏاهن کي تنوير عباسيءَ جي يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ تي دل ئي دل ۾ خوف هو.
تنوير جو تحقيق سان ڪهڙو واسطو؟
هو تہ ايم.اي پاس بہ ناهي.
پر تنوير کي انهن تبصرن جي پرواهہ نہ هئي.

• مان هيڪل ئي ويندس، مون کي اڳتي وڃڻو آهي.

(ساجن، سونهن سُرت. صفحو 13)

"چيئر" لفظ ڏاڍو ڏکيو آهي. رشتن ناتن ۾ چيرَ ڏيو ڇڏي.
"سچل چيئر" ڪاڏي سچل ڪاڏي چيئر!
اڄو سچل چيئر معرفت تحقيق ڪريون تہ تنوير عباسيءَ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو دشمن بہ هو ڇا؟
نہ تنوير عباسيءَ جو ڪوبہ دشمن ڪونہ هو. سڀ دوست ئي
هئا ۽ اُهي ئي سڀ ڪجهہ هئا.

• مان ڪِريس، هُو لتاڙي ويا
دوستي، دوست پاڙي ويا
(اير. ڪمل)

هُن چيو:

• نڪو مان خدا ۽ نڪو مان رسول
مان تنوير آهيان پوان ايئن قبول

پوءِ بہ ماڻهن هُن سان پيغمبرن وارو سلوڪ اختيار ڪيو.
تنوير جو خيال هو تہ: "هو جاڏي پيو ويندا، موتي مون ڏي ايندا"
پر هُن جو دل گُهريو دوست، هن جي دل تي پير رکي جو ويو
تہ وري سندس تڏي تي بہ نہ آيو.
توکي پرائي پچار جو گهڻو شوق آهي
تنوير وٽ وڃين تہ گُلَ ڪٽي وڃجانءِ، گِلا نہ.
اسان ننڍڙا ماڻهو
ڪنهن معمولي مامري تي بہ دانهون ڪندڙ.
هُن ڪي دانهن، هِن ڪي دانهن.
تنوير سڀ درد اندر ئي اندر سَٺا
هن سڀ لُڙڪ پنهنجيءَ دل تي ڳاڙيا
۽ ڇهري تي ساڳئي مُرڪ.

• ايترا لُڙڪ ڪو اُگهي نہ سگهي
گهاوَ ايڏا جو ڪو سبي نہ سگهي
درد ايڏا جو ڪو ڳڻي نہ سگهي
بارَ ايڏا جو ڪو کڻي نہ سگهي
پيا سيئي داغَ ڏوپجي تا وڃن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دردُ جو داغُ ڏوپجي نہ سگھي.

(ساجن، سونهن سُرت. صفحو 44)

تنوير ائين سوچيو ئي نہ هو تہ هُن جو آدمي مان اُهو قائم ڪيل ويساھہ "هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو" ائين ڪچي ويندو ۽ هُن جا آدرش ائين لُڏي ويندا.

- هي ماڻهن جو جهنگل ڪندا ڪِرڙ ماڻهو
  ڦـتـجي ويس مـان ۽ رهـڙجي ويس مـان
  بـنـا چهـري مــاڻـهــو سُڃاڻـڻ بـہ اوکــو
  الائي ديس ڪـهـڙي مـان اڙجي ويس مـان

هيرا ڦيريءَ واري دنيا ۾ اصول پرست ماڻهوءَ لاءِ گنجائش گهٽ هوندي آهي.

تنوير وڏو ماڻهو هو ۽ ها ۾ ها ملائڻ وارو نہ هو

- هي ڪند ڪنهن اڳيان جُهڪڻ نہ ڏجي
  بــهــتـــر آ ســـر ئـــي وڍائـــي ڇڏجي

هن جي ڏاهپ جي خوشبو، ڏپاري سوچَ رکندڙ ننڍڙن ماڻهن کي نہ وڻي.

- جيـڪـو گـدرو خوشـبـو ڏيـنـدو
  سـبـ کـان اڳ ۾ ڳـتـرا ٿـيـنـدو.

(تنوير چئي. صفحو 445)

- مـيـرواھہ سـان پـنـڌ
  ڪالهہ هئا جيڪي پکي
  اَڄُ نـــہ اُهـــي ان هـــنـــڌ

(ساجن. سونهن سُرت. صفحو 72)

ميرواهہَ جا ڪنارا ڪاڇي ويا آهن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهن جي دلين جا ڪنارا به ڪاچي ويا آهن.
سُڄو شهر، سُڄا ماڻهو.
سرمد جو گهرُ ساڳيو آهي.
پر اُهو هاٿي وومين چيئر تي ويو آهي.
سچل چيئر. وومين چيئر.
عورتون پلا چيئر تي وڙهنديون آهن؟

عورتون صرف ميوزيڪل چيئر گيم کيڏنديون آهن، جنهن ۾ هڪبئي کي ڌڪي ڏيڻ جي اجازت نہ هوندي آهي.
هر گيم هتي ئي رهجي ويندي
توهان کي پنهنجي ٽرين جي تياري ڪرڻ کپي
ٽرين ڪنهن وقت به اچي سگهي ٿي.

• لهندو مانُ هو پاڻ مٽيءَ جو
مونکي مٽيءَ گڏيندو
ايندو ساجن ايندو

(ساجن، سونهن سُرت. صفحو 34)

پوٺوهار جي هِن مٽيءَ ۾ رابيلن جي مَهڪ جهڙو، سنڌ جو صوفي شاعر دفن ٿيل آهي، جنهن سچي حياتي پيار، محبت،امن، انسانيت ۽ مٽيءَ جا گيت لکيا، پر ڪيس پنهنجي ديس جي مٽيءَ جي هنج نصيب نہ ٿي. توهان جڏهن به هتان گذرو تہ هن مسافر شاعر جي تربت تي پنهنجي نيڪ تمنائن جا ٻہ ٽي گل رکڻ نہ وسارجو ڇو تہ هن کي گُلن سان گهڻي محبت هئي.
مون ڪان تہ تنوير عباسيءَ جي تُربت جو نمبر به وسري ويو آهي.
هي اسلام آباد آهي.

آفيسن ۽ قبرستانن جو شهر، جتي روبوٽ رهندا آهن ۽ ”يس سر يس سر“ چوندا رهندا آهن.
هتي ڪوبہ ڪنهن سان گهڻو وقت ساٿُ نٿو نباهي.
هتي هرڪو اڪيلو آهي.
۽ تنوير عباسي بہ اڪيلو ٿي ويو.

□


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مختيار ملڪ

# اڃا به اڳتي ......

• وقت ۽ زندگي اڳتي وڌندا رهن ٿا. صدين کان اهو سلسلو جاري آهي ۽ نه ڄاڻ ڪيستائين هلندو رهندو.

زندگي هڪ تسلسل سان اڳتي وڌي رهي آهي. ارتقا يا اوسر جا مرحلا گذاري، مستقبل ڏانهن سُرڪي رهي آهي.

وقت جو تبديليون تاريخن تي منديئڙن تائين محدود نه هونديون آهن، ڪئلينڊرز ۽ ڊائريون منجهڻ به تبديليءَ جو نالو نه آهي. تبديليءَ جو سفر ارتقا جو سلسلو آهي.

تبديلي جمود جو ضد آهي. زندگي بيهي رهڻ جو نالو نه آهي، زندگي ته وهندڙ ڌارا آهي. جيڪا پنهنجي دامن ۾ تبديليون يا نواڻ کڻي ايندي رهندي آهي.

جيڪو سماج صدين تائين بيٺل رهي ٿو اهو بيٺل پاڻيءَ وانگر سينوارجي ۽ خراب ٿيو پوي.

سماج ۽ ثقافت بئي ارتقا پذير آهن. شاعر، اديب، سياستدان ۽ ڏاها Intellectuals ان تبديليءَ جي ذهني رهنمائي ڪندا آهن. لطيف چوائي :

اڪ اُلٽي ڌار، ونءُ ابتو عام سين
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار
منجهان نوچ نهار، پر پنيرو پرينءَ ڏي.
(آسا ٢-١٦)

۽ ائين سچل به چيو:
پُٺيان ڇڄ مَ ڇُل

پوان شلَ قبول



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يعني تغير يا تبديلي وقت جي ضرورت آهي. حالتن کا انحراف دراصل تبديلي جو مظهر آهي. تبديليءَ جي خواهش هر ساڃهه وند ۽ سُرت واري جي تقاضا آهي. سنڌ جو شعور ڊاڪٽر تنويرعباسي به تبديلين جو علمبردار آهي. سندس فڪر جو وهڪرو زندگيءَ جي جمود کي ٽوڙڻ جي سگهه پيدا ڪري ٿو. اُنڪري هو نئين شعور جو حامي آهي ۽ سائنس جو طرفدار آهي. تنوير پنهنجن لفظن سان ان جي پڪ ڏئي ٿو ته اسانجو سنڌي ادب، سائنسَ کان ايترو متاثر ٿيو جو اديبن جي سوچ جو رخ ئي ڦري ويو. ان جو پهريون سبب سائنسي حقيقتن کان انساني فڪر جو سڌي طرح متاثر ٿيڻ آهي. هو اهو به ڄاڻائي ٿو ته اڄوڪي شاعر پنهنجي چوڌاري بدلجندڙ دنيا کان متاثر ٿيڻ شروع ڪيو آهي.

"اديب جي اندر ۾ وسندڙ ڪائنات. سندس خواهشن، جذبن، امنگن، حيرتن ۽ خوفن واري ڪائنات. سائنسي تبديلين سببان گهٽو ئي بدلجي ويئي. سائنس جي ترقي گهڻين ئي حقيقتن کي بي نقاب ڪيو. نين نين حقيقتن جي بي نقاب ٿيڻ ڪري انسان جي سوچ هڪ نئين موڙ تي اچي بيٺي" ۽ اڳتي لکي ٿو ته: " اسان جي چوڌاري سدا بدلجندڙ دنيا جي انهيءَ انقلاب، اسان جي اندر، وسندڙ فڪري ۽ جذباتي دنيا ۾ انقلاب آندو، انهيءَ فڪري انقلاب جو اهم اثر ادب تي به پيو" . ترقي انسان جو هڪ پراڻو خواب آهي. پر روايتن تي هيراڪن جي سوچ ان خواب کي حقيقت بڻجڻ نه ڏنو.

تنويرعباسي، محسوس ڪري ٿو ته اسان جي ايشيائي ملڪن جو سماج، خاص ڪري سنڌي سماج انهن تڪڙين سماجي تبديلين کان وانجهو رهيو آهي. اُن ڪري صدين تائين ساڳين روايتن ۽ ساڳئي فڪر کي ڄُهنيو پيو آهي. تنوير ان Statusquo کي ٽوڙڻ لاءِ نئين نسل ذانهن واجهائي ٿو:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بند ڪمرو
جنهن کي اولهه جي طرف شيشو لڳل
جنهن مان لهندڙ سج لِيئا پائي ٿو روز
اڀرندڙ سج ڪين جهاتي آهي پاتي
۽ انهيءَ شيشي منجهان
بنگلي جي باغ جو منظر به ڏسجي ٿو پيو
گل ڪي نارنگي، ڪي پِيلا، ڪي اڇا
رنگ ڏسجي ٿو مگر خوشبو؟
ڪيئن ڪري شيشي جي هيءَ ديوار پار
هي جهرڪيون، هي ڪبوتر، هي ڳيرا
هڪڙي وڻ کان ٻئي تي ٽا ٽپ ٽپ ڪرن
صاف ڏسجي ٿو اهو،
پر انهن پکين جون مٺيون ٻوليون ٻُڌجن نٿيون
بند ڪمرو جنهن جي اولهه جي طرف شيشو لڳل.
جنهن منجهان ڏسجي ته سڀ ڪجهه ٿو پيو
اڀرندڙ سج ڪانسواءِ،
پر ٻُجهي ڪجهه پي نه ٿو
۽ نه ڪا خوشبو اچي،
اوچتو ڪنهن حرڪتي ڇوڪر
ڪٽي پٿر هنيو: شيشو ڀڄي پيو
خوشبو اندر ڊوڪي وئي.

تنوير عباسي، لطيف جي اهڙي طور هڪ بيت تي پورو هڪ مقالو سهيڙي ٿو، جنهن ۾ سماجي تبديلي ۽ مقصد لاءِ اڳتي وڌڻ جو ڏس آهي:

هتـــان ڪـــٽي هُت، جن رکـــيـــو سي رَســـيـــون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساجن سونهن سُرت، وکان ئي ويجهو گهٽو

هتان ڪٽي هت رکڻ جو مطلب آهي، Status-quo مان مطمئن نہ رهجي ۽ اڳتي وڌجي.

مقصد جي سچائي تنوير عباسي کي جيل ڏيکاريو. ٻڌائيندو هو تہ جيل ۾ Still life. پوءِ ڪڏهن ايئين بہ ٿيو تہ هڪ همراه خاموش وينل، ٻئي همراهہ کي زور سان چماٽ هڻي ڪڍي. پوءِ بس جيل جي زندگيءَ ۾ هڪ نئين اُٿل پٿل اچي وڃي جهيڙا ٿين، فيصلا ٿين ۽ وقت گذري.

وقت جي سانت کي تحرڪ جي ضرورت ٿئي ٿي:

وقت وڃي ٿو ترندو سهٽا تون ٿو دير لڳائين
دير نہ ڪر او منهنجا سائين، دير نہ ڪر او سائين!

تنوير وقت جي رفتار کان سست هلڻ کي پسند نٿو ڪري، اڳتي وڌڻ لاءِ ڪنهن دير کي سٺو نہ ٿو سمجهي:

ڪجهہ اڳتي هلي ڏسجي ٿا تو ملي دنيا مان
دل تنهنجي خيالن کي پنتي آ، چڙهي آئي.

روايتن جي پنجوڙ مان نڪرڻ لاءِ اڳتي واجهائڻو ٿو پوي. روايتي خيالن مان نڪرڻو ٿو پوي. نہ تہ ترقي ممڪن نہ ٿي رهي:

بيهي ڏسندو رهندو آ جڳ
پاڻ تہ وڌندا رهندا آهيون

اڳي کان اڳرو هئڻ جي جستجو لاءِ اُتساه بخشڻ،نين منزلن لاءِ، نوان رستا ڳولهڻ جي ڳالهہ تنوير جو فڪري نظريو آهي. هو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مستقبل جو متلاشي رهيو. ڳنل پيٽل روايتي انداز مان نڪرڻ کي اهميت ڏيندي نظر اچي ٿو. هو پٺي پراڻو ٿيل ڪمزور ۽ کوکلين روايتن ۾ گهٽو نٿو ڏسڻ چاهي. سندس خواهشن ۾ بهتر مستقبل جي ڳولها متاهين آهي.

هو چوي ٿو: آخر شاعري کي اڳتي وڌڻو آهي، پوءِ فارسي زده روايت هجي يا اڄوڪيءَ شاعريءَ جون عام پسند روايتون، انهن سڀني کان اڳتي وڌڻو آهي.

عام پسند وارين عادتن کي تسڪين ڏيڻ واري شاعري، اها آهي جيڪا روايتي هجي. جنهن تي پڙهندڙ کي هير پيل هجي. انڪري تنوير اڳتي وڌڻ گهري ٿو:

مان آهيان، حال ۽ مستقبل سان، سنمکُ مان ٿيندس
مونکي اڳتي وڌڻو آهي.
ڳاڙها گل پسي مان پنهنجي واتَ کي ڪين مَٽيندس
مونکي اڳتي وڌڻو آهي.
پنيرڪي کان سنجها تائين پنڌ پيو ڪاٽيندس
مونکي اڳتي وڌڻو آهي.
توڙي اڃڻو آهي مون کي مان توڙي ئي ايندس،
مونکي اڳتي وڌڻو آهي.

تنوير ڪنهن ڏاهي جو حوالو ڏئي لکيو تہ: " لفظ بہ سِڪن وانگر هلندي گسي ويندا آهن ۽ سندن اکر ڌهي ويندا آهن". تنوير کوٽا سڪا رکڻ بدران نون پلٽيل، نون ڍاليل سِڪَن واري جرڪي کي ساراهي ٿو.

تاريخ سدائين بدلجي ٿي، اڳتي وڌي ٿي، شاعر پنهنجي چوڌاري بدلجندڙ دنيا ۽ بدلجندڙ حقيقتن کان پوريءَ ريت باخبر هجي ٿو. جيئن T.S. Eliot جي تنوير پاران ڪيل ترجمي ٿيل سٽن موجب:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڃا بہ اڳتي مسافرو!
ها اڃا بہ ماضيءَ کان اڳتي پڇجو
توهان سڀئي ڪنهن خاص آئيندي جي طرف ڪين ٿا وڃو پر
اڃا بہ اڳتي وڌو.
اوهان جيڪي پاڻيو ٿا پاڻ کي سفر ۾
اوهان اُهي ڪين آهيو جن ڪنيا هئا لنگر
ڏنو هو بندر کي پٺتي هٽندي
يا جيڪي لهندا پوئين ڪناري
ڪريو سڀئي آئيندي ۽ ماضيءَ ڏي ڌيان يڪسان
جو هن گهڙيءَ بلڪل وقت جي بيهجي وئي آ
پنهنجي ڪنارن جي وچ ۾ ڪوئي بہ وقت ناهہ

تاريخ جي تسلسل کي ڪير بہ روڪي نٿو سگهي. انهيءَ اٽل حقيقت کي ڪير بہ بدلائي نٿو سگهي:

وري نہ اچبو وري نہ اچبو
اڳتي هلبو اڳتي هلبو
ڪاڏي ڪوئي ماڳ نہ آهي
توڙي ڪوئي پاڳ نہ آهي
پوءِ بہ اڳتي هلڻو آهي
پوءِ بہ اڳتي هلڻو آهي
اڻڄاتي ڪنهن ماڳ ڏي هلبو
پر هر اها ماڳ منزل آ
جيڪا تو مون سوچي آهي،
پنهنجي قسمت پنهنجي هٿَ ۾


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنوير اڳتي وڌڻ جي ڌُن ۾ ايترو تہ مگن آهي، محو آهي، جو وڌڻ جي نشي ۾ مست گهٽو اڳتي وڌي ويو هو. منزل کان بہ اڳتي:

ڪيسيتائين هلندين سونهان!
مون کي اڃان بہ اڳتي ويٺو آهي.
جيڪا تنهنجي ناهي ڏنل
تنهنجي سونهپ، تنهنجي ساڃهہ
تُنهنجي سياڻپ آهي ڳنل
تون جيڪي واٽون ٿو ڇاڻين
تن سان ناهي منهنجو ڪم
تنهنجي هڪ هڪ وک کان نيارو
آهي منهنجو قدم قدم

تنوير Statusquo کي ٽوڙڻ جو عزم رکي ٿو:

هيءُ هڪ تلاءُ
جنهن تي واءُ
ڳُهنج پيي نہ ٿو وجهي
نہ چمڪدار سطح جنهن ۾ مُنهن ڪوئي ڏِسي سگهي
روز صبح ٿئي ٿو، پر شفق جو رنگ
هن کي سون ڪين ٿو ڏئي سگهي
ستارا روز چمڪندا رهن مگر نہ عڪس ڪو
اهو تلاءُ آ انڌو
چنڊ پيي چڙهي اڃي
تڏهن بہ هن ۾ لهر ڪانہ ٿي اُٿي
جيڪا چنڊَ ڏي وڌي
۽ تلاءُ،هي انڌو تلاءُ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاف ٿئي، شفاف ٿئي
ان ۾ پاڇو چنڊ جو تري
ٻار ڪو پٿر هٽي
واءُ ڪو ٽڪو لڳي
عمر هي سبز رنگ سينور آهي جو
جُڳن جو جھنگ
۽ هڪ دفعو ڇڄي پوي.




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مان تنوير آهيان، پوان شلَ قبول

• شوڪت حسين شوري پنهنجي هڪ مضمون ”نئين حساسيت، ڪهاڻي ۽ زندگيءَ نظرياتي تعلق“ جي مُهڙ ۾ لکيو آهي تہ: ”اسان جي دل ۾ جيئن اچي ٿو تہ سنڌيءَ جي عظيم ۽ سيني کان وڏي شاعر ۽ سنڌيءَ جي سڀ کان وڏي ڪهاڻيڪار جا ٽپا هٽندا وتون ٿا“. سنڌيءَ جي عظيم ۽ سيني کان وڏي شاعر هجڻ جو جيڪو ٽپو شيخ اياز تي لڳايو ويو هو، سو ڪجھ سالن کان پوءِ استاد بخاريءَ تي ۽ هاڻي تازو ابراهيم منشيءَ تي لڳو آهي.

وقت وڏو ماتداڻ آهي. سچ ۽ ڪوڙ جو فيصلو ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي ضرور ڪري ٿو. اسان جي پلوڙ شاعر تنوير عباسيءَ جي فن، فڪر ۽ پورهئي تي اڳ ۾ بہ ڪجھ نہ لکيو ويو آهي ۽ هاڻي بہ ڪجھ ننڍو لکيو وڃي. ان سان رڳو عقيدت جو اظهار ڪرڻ سڀ ڪجھ تہ نہ آهي. تنوير عباسيءَ جي مهانتا ڪي تہ هِندُ، سنڌ ۾ تسليم ڪيو ويو آهي.

سوڀي گيانچندانيءَ شيخ اياز لاءِ چيو هو تہ: ”هن سنڌ جي هزارين ننڍين وڏن شاعرن کي جاڳايو ۽ اوساريو آهي. اسان گهٽي وقت تائين ٻيو اياز پيدا ڪري نہ سگهنداسون“ مان سائين سوڀي گيانچندانيءَ سان انهيءَ ڳالھ ۾ سهمت آهيان پر، پنهنجي جاءِ تي هيءُ بہ هڪ سچ آهي تہ اسان گهٽي وقت تائين ٻيو تنوير بہ پيدا ڪري نہ سگهنداسون.

رٻانيءَ، اياز جي عظمت جي باري ۾ لکيو آهي تہ: ”اياز اول ۽ آخر عظيم شاعر هيو،ليڪ پر اسان انهيءَ سچائيءَ کي بہ نظر انداز ڪري نٿا سگهون تہ، تنوير سنڌي زبان جو عظيم شاعر هيو. جنهن سنڌ جي هزارين ننڍين وڏن شاعرن کي جاڳايو ۽ اوساريو آهي“.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اياز گل، تنوير جو پوئلڳ ۽ تسلسل آهي جيڪو پنهنجي فن، فڪر ۽ شاعريءَ جي سڳنڌ سان ساريءَ سنڌ کي واسيندو رهي ٿو. ڊاڪٽر ادل سومرو آهي، جنهن جي آبياريءَ ۾ تنوير روح اوتي ڇڏيو. اهو به سنڌ جي ڌرتڪڻ ٻڌجي چڪو آهي. مختيار ملڪ، تنوير جو ادبي وارث به آهي ته ان جي شاعري جو تسلسل به آهي، اها ئي ڳالهه آهي ته هن سينئر پروڊيوسر هوندي به پنهنجي فڪر کي ٻين وانگر هرويرو ناجائز فائدو وٺي پبلسٽي نه ڏني آهي.

ڪنهن شاعر جي ڪلام جو اثر قبول ڪرڻ ئي ڳالهه آهي ۽ ان جي ڇانو هيٺ رهي اوسارجڻ ئي ڳالهه آهي. تنوير وٽ جيڪو به ويو ته ان جو ڏُکندو ڏور ٿي ويندو هو. هو صوفي السٽي هيو. هو خودسر ۽ مغرور نه هو. هن وٽ ماڻهپي جو مانُ هو. هو ڪنهن جو اپمانُ نه ڪندو هو. هو پٽ تي ويهي به روح رهاڻيون ڪندو هو.

هن جو ڪردار بي داغ ۽ شفاف هيو. هن ڪڏهن به نظريو نه مٽايو. هن جي آڏو جيڪو آدرش پهريائين هيو ته مرڻ گهڙيءَ تائين به اهو ئي رهيو. هو بهادر انسان هيو. هو ڪڏهن به موت کان ڊڄندو نه هو. هو موت کي، ويس مٽائڻ وارو خانگي جهڳڙو سمجهندو هو، تنهنڪري هو موت کي ڪا به اهميت نه ڏيندو هو.

اهڙي ڪردار لاءِ ڪنهن اردوءَ جي شاعر چيو آهي ته:

چهري کي دهار سے ڪٽتي نهين چراغ کي لو،
بدن کي موت سے ڪردار مٽ نهين سڪتا.

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪبو ته اسان کي ان جو ڪيترو شعر، جمالياتي، رومانوي ۽ تصوف جي رنگ ۾ رنگيل نظر ايندو. تصوف جو رنگ ڏسو:

مان ئي آهيان پنهنجو جاني
سبحاني، ما اعظم شاني
نانهه ۾ هستي پنهنجي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل ديــوانــي، دل ديــوانــي.
درد ئـي آهـي مـســيــحــا
قـمر بـاازنـي چئـي اتــاري
تـو ڪـيـئـي مُردا جيـاري.
درد پيغمبر انهيءَ جو معجزو آهي سچاڳيءَ!

محبت جا تون خيما کوڙ، پيائي پوڙ، دلين کي جوڙ
دُوئي کي هڻ تون هڪ ئي ڌڪ، انا الحق حق اناالحق
سيئي مشرب منهنجا آهن، مذهب مون آڏو ڇا هن
نـ آهي منهنجو ڪو مسلڪ اناالحق حق اناالحق

سچل چيو تہ: ”من نمي گويم اناالحق يار مي گويد بگو“

مـان چـوان ان کـي عـڪـس تـو سـڏ جـو
ـون چــويــن تـــو اهـــو پـــڙاڏو آ

فارسيءَ ۾ بہ اهو خيال آهي تہ:

آن نـــدا ڪـــــہ بـــربـــانـــگ ونـــوا اســت
خود نـوا آنـسـت، وايـن بـاقـي صـــدا اسـت

تنوير عباسيءَ بہ هڪ هنڌ چيو آهي تہ:.

نـڪـو مـان خدا ۽ نـڪـو مـان رسـول
مـان تـنـويـر آهـيـان، پـوان شـل قـبـول

نـ ڏاهيـان، نـ ماريان نـ سـاڙيان تـو مـان
مـحـــبـت ڪـرڻ آهـ مـنـهـنـجو اصُول



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچل سائينءَ چيو آهي تہ:.

نہ مان پير،نہ مان مريد، ساري فقر جو فقير،
نہ مان حاڪم، نہ مان ظالم، آهيان امن جو امير،

بُلها شاهہ وري هن ريت چيو آهي تہ:.

نہ ميں مومن وِچ مَسيتان
نہ ميں وچ ڪفر دي ريت آن
نہ ميں پاڪان وچ پليت آن
نہ ميں موسيٰ نہ فرعون
بلها ڪِي جاڻان ميں ڪون.

تنوير عباسيءَ جو فن زندگيءَ جو ترجمان آهي. هن جي شاعريءَ جا ڪجهہ دؤر گذريا آهن. هِڪ دؤر ۾ هو غزل لکڻ پسند ڪندو هو. ٻئي دؤر ۾ هن گيت، دوها ۽ بيت لکيا. آخري دؤر ۾ نظم ۽ آزاد نظم لکيائين. تنوير جي غزل جو رنگ نهايت پيارو ۽ دل کي موهيندڙ آهي، داخلي ۽ خارجي جذبن جي اپٽار غزل ۾ نهايت ڪاريگريءَ سان ڪئي اٿس:

انهيءَ رات ڏاڍو گهٽو پي ويس مان
سنڌءِ گهرجو رستو بہ ڀُلجي ويس مان

نہ مونکي خبر هئي تہ ڇاهي جواني
۽ توسان ملڻ کان پو سمجهي ويس مان

گهٽو ئي وقت ٿيو جو ملي سگهيا ناهيون.
اڃا بہ مصلحتن کان بچي سگهيا ناهيون
ڪڏهن ٿيون ٿا فرشتا، ڪڏهن ٿيون ٿا خدا


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڳي ٿو ائين ته، انسان ٿي سگهيا ناهيون
او تنوير! اڃان به گهڻا ئي جيئڻ لاءِ سهارا آهن
گل اڃاپي سُرها آهن، دوست اڃاپي پيارا آهن

آءُ ازل کان ويٺو آهيان واٽن ۾ نيڻ وڇائي
جڻ منهنجا محبوب هتان هاڻي گذرڻ وارا آهن.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي، تنوير جي شاعريءَ جو اڀياس ڪندي ڪيس انگريز شاعر ورڊس ورٿ سان ڀيٽ ڏني آهي. ٻوهئي صاحب جو چوڻ آهي ته:

”تنوير فطرت يا ماحول جو مشاهدو، فطرت جهڙيءَ صاف ۽ شفاف دل سان ٿو ڪري، ان ڪري هن جو مشاهدو پاڪ ۽ خالص جذبات سان ڀريل آهي.

هن فطرت جي مشاهدي مان خود اسان کي جدا ڪري ٻاهر نه رکيو آهي، پر انسان کي حسين ترين مظهر قرار ڏنو آهي، تنهن ڪري تنوير ماڻهن جو شاعر آهي.“ ٻوهئي صاحب جي مقالي مان اها ڄاڻ پليءَ پت ملي ٿي ته تنوير اڳئين روايتي شاعريءَ کان بيزار ٿي، نئين موڙ ڏانهن مڙيو ۽ هن روايتي شاعريءَ جو دستور ئي ڇڏي ڏنو. انهيءَ جو سبب” ورڊس ورٿ“ جو مطالعو به ٿي سگهي ٿو.

ٻوهئي صاحب جي دليلن جي تائيد انهيءَ مان به ٿئي ٿي ته تنوير جو ورڊس ورٿ جي مجموعي ”سُريلا گيت“ جي مهاڳ جو ترجمو به ڪيل آهي.

تنوير جي ”رومانيت“ ۾ اها ڳالهه شامل آهي ته هن غم، پيڙا، مايوسي ۽ نااُميديءَ جهڙين زندگيءَ جي سچاين کان هٽي ڪري، رڳو تصور ۽ تخيل جي دنيا کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.چوي ٿو:

اڪڙين منجهه ڦُٽا ڪانڊيرا
دل جي واٽن تي ويراني



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيار اڳيان ٻئي بي معنيٰ ٿيا
ڇا دانائي، ڇا نادانيءِ.

لڳائي آئيني تون پَرفيُومُ قيمتي ليڪن
جي گل تو آندا، انهن جي سڳنڌ وئي ڏڪجي
مون پنهنجو درد تہ چرچي ۾ لنوائي ڇڏيو
مگر تون مونکي ڏسي ڇو پلا پئينءَ روئي.

تنوير عباسيءَ کي پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ سان بيپناھ محبت هئي. ”هيءَ ڌرتي،“ نظم تنوير جي محبت ۽ عقيدت جي چٽي شاهدي ڏئي ٿو:

هيءَ ڌرتي آ، سخي،
هيءَ ڌرتي آهي بخشڻهار پي
هيءَ ڌرتي آهي پالڻهار پي
هيءَ ڌرتي آهي جڳ ڏاتار پي
هيءَ ڌرتي آهي سرجڻهار پي
هن وٽ ڪٿي مان ڪيچُ ٿئي
داٿي منجهان انبار ٿئي
ڏھہ دنيا، ستر آخر
هيءَ تہ دنيا ۾ ئي ستر کان وڌيڪ موت ڏئي.

تنوير وٽ عشق جو تصور بہ نرالو آهي. هو چوي ٿو تہ:

توسان عشق الستي يار
توسان عشق الستي يار

عشق سوا اوچائي ڪانهي
پريت سوا، سڀ پستي يار


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مـوهـڻ، مَهڪَ ۽ مـئي آهــڙي
هــيءَ تـنـويـر جي وســتـي يــار.

سائين سليم ڳاڙهويءَ صاحب تہ عشق لاءِ هيئن فرمايو آهي تہ:

عـــشـق اٿـــر، عـــقـل ڪـــان ارڏو اوُچو
ســـــوچ ۾ وارو وجائـــيــنـــدو نــ آهـــ
عـــشـق سـچ جي روشـنـائـيءَ جـو مـنـار
ڪـنـهـن ڪـي اونـدهـ ۾ رُلائـيـنـدو نـ آهـ

تنوير وٽ فنا جو تصور ساڳيو آهي جيڪو وجوديت وارن جو آهي:

تنهنجي حـقـيـقـت آ فنا
منهنجي حـقـيـقـت آ فنا
حــسـن فــانــي
۽ مـحـبـت فـانـي
فنا جو ئي فنا سان لڳاءُ

وجودي فلسفيـن وٽ، سچائي ۽ نيڪي داخلي شيون آهن، هنـن جي نظر ۾ گناهـ، موتُ،ڏک ۽ پيڙا انسان جي غير مصدقہ زندگيءَ جي هلڪڙائي کي اگهاڙوڪن ٿا. ڪاميو، آخري عمر ۾ اهو چيـو تہ: ”اسـان کـي، هٺ ڌرمي ڇڏي مصيبت ماريل انسانن لاءِ استحصالي سَگهنِ جي خلاف جهاد ڪري، سماج کي بهتر بڻائڻ گهرجي“.

سماج سڌارڪ جي حيثيت ۾ تنوير بہ ساڳي ڳالهہ ڪري ٿو سماج ۾ امن، آشتي ۽ محبت جو پرچار ئي سماج کي بهتر بڻائي سگهي ٿو. چوي ٿو تہ:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تُون منهنجي چمن کي باهہ نہ ڏي
مان تنهنجي چمن کي باهہ نہ ڏيان
هي گل آخر پي گل آهن
۽ خوشبو آخر خوشبو آ

گل تنهنجا توسان جال جُڙن
گل منهنجا مون وٽ شال ٽِڙن
۽ شال سدا آباد رهي
هي منهنجو چمن، هُو تنهنجو چمن
۽ شل خوشبو آزاد رهي
۽ شل خوشبو آزاد رهي

ائين برابر آهي تہ وڏو اديب ٿيڻ بيشڪ وڏي ڳالهہ آهي، پر وڏو انسان ٿيڻ اجا بہ وڏي ڳالهہ آهي،

تنوير عباسي هائيڪن جو بہ پلوڙ شاعر آهي. هن نئين نسل کي هائيڪي لکڻ لاءِ صحيح گس ۽ اصول ٻُڌايا آهن. هن هائيڪي تي ڪجهہ مضمون بہ لکيا جيڪي وڏي اهميت رکن ٿا. هائيڪي ۾ خارجي منظر پيش ڪيا ويندا آهن. هائيڪي جي ٽن سٽن ۾ وڏي ڳالهہ ڪري وجبي آهي.

اڪثر نوجوان هائيڪي جي اصولن کان بيخبر هوندا آهن ۽ ٽيڙو يا ٽِستي کي ئي هائيڪو ڪوٺيندا آهن.تنوير عباسيءَ جو هڪ هائيڪو آهي تہ:

حويلي نالو
پٽ ڪوٽ جي پٽي ڪِري
پوءِ بہ لڳل تالو.

ناهي ڪجهہ بہ وڏيڪ
اُڏري جيٽ پلين ويو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## هيءَ دونهين جي ليک

تنوير عباسيءَ 1985ع ۾ نظم جي هڪ بند ۾ اڳڪٿي ڪئي هئي تہ:

مان هتان جو ناهيان
مان هتان جو ناهيان
هي ماڻهو اجنبي
هيءَ مٽي اوپري

ڇا تنوير عباسيءَ لاءِ اهي ماڻهو اوپرا هئا ۽ اها مٽي اوپري هئي؟ جتي هو هاڻي ابدي ننڊ ۾ ستل آهي. يا هن لاءِ سنڌ جا ماڻهو ۽ سنڌ جي مٽي اوپري هئي؟ جن لاءِ هن شاعري ڪئي. هتان جي ماڻهن لاءِ هن چيو تہ:

هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ
جاٽي ڏِس تہ سهي اڻجاڻ

۽ سنڌ جي ڌرتيءَ لاءِ چيائين تہ:

ڌرتي ماتا
پُختا تي ويا
توسان ناتا

پنهنجي آتي آتي ڇاتي
تنهنجي ڇاتيءَ ساڻ ملائي
توکي ڏاڍو ياڪر پائي
سُمهي پياسين دردُدہائي
جيئن کو ننڍڙو بالک



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ مُنهن پنهنجو
پوَ کان ڇڏيندو آهي لڪائي

ڪيئن بہ هجي تنوير اسان جو آهي، اسان جي سنڌ ڌرتي جو شاعر آهي. هُن جي شاعري هُن جي موجود هجڻ جو احساس ڏياريندي رهندي.
انهيءَ لاءِ اردوءَ جي مشهور شاعره پروين شاڪر چيو آهي تہ:

مر بھي جاؤں تو، کہاں لوگ مجھے بُھلادیں گے؟
لفظ میرے، مرے ہونے کي گواهي دین گے

■



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پارس حميد

# ڇَڏڻ نہ تنهنجون ڳالهڙيون

• شاعري اندر جي احساس جو نالو آهي ۽ اهڙو اظهار، جيڪو اندر مان اُڌما ڏيئي آبشار جي ڌار وانگر وهندو رهي ٿو. شاعري شعور جو سفر آهي، "شعور جو اُهو سفر جنهن جا هيل تائين لتاڙيل سمورا مرحلا طئي تيئڻ کان پوءِ بيو پيرو ساهوارو ماڻهو ٿيو آهي ۽ هڪ سرشتي کي وجود ڏيئي سگهيو آهي، جنهن کي بيشڪ ماڻهپو ڪوٺي سگهجي ٿو". ماڻهپي جي هن سرشتي جي ڪري انسان کي ڌرتي، پيار، آزادي، فڪر، آدرش، قانون ۽ اڏامر جي ڄاڻ ٿي سگهي آهي ۽ ان شعوري ڪوشش ماڻهوءَ کي ماڻهپي جي سفر ۾ وڏي هٿي ڏني آهي. ماڻهپي جي حوالي سان شاعر ان سرشتي جي سيني پهلوئن سان پيار ڪري ٿو. ڌرتي، پيار، آدرش ۽ فڪر جي آزادي سچي شاعر جو ايمان رهيو آهي. "جتي ماڻهپو موجود آهي اتي شاعري پنهنجي ماڳ ڏانهن (جنهن کي سندس منطقي حدون بہ ڪوٺي سگهجي ٿو) هڪ مقرر تيل دڳ تي لڳاتار هلندي رهي ٿي، جتي سُرت جي سرچاءَ جي وهڪ موجود ڪونهي اتي اُهو معاشرو دفن ٿي ويو آهي". خوشنصيبي جي ڳالهہ آهي، اسان جو محترم شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسي ماڻهپي جي ماڳ ڏانهن هڪ مقرر تيل سچي دڳ تي هلندو رهيو. هتي مان پنهنجي ڳالهہ کي هٿي ڏيڻ لاءِ فيڊل ڪاسترو جا لفظ ورجائيندس تہ: "سچ پچ تہ اسان فقط پنهنجي وقت جي ماڻهن لاءِ ئي ڪوشش ڪريون ٿا ۽ اسان جي تخليق لافاني شهرت جي اعزاز کان محروم ٿي نٿي سگهي" هي فيڊل ڪاسترو جا چيل لفظ اسان کي ڊاڪٽر تنوير عباسي جي شاعري جي اڀياس لاءِ گهڻي مدد ڏيئي سگهن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب جي شاعري، تخليق پنهنجي ماڻهن لاءِ ئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُئي، ماڻهن کي نئين وات ڏيکارڻ واري تخليق هئي ۽ اسان کي يقين آهي تہ سندس تخليقون لافاني شهرت جي اعزاز کان محروم ٿي نٿيون سگهن. اُهي اسان کي سدائين ڌرتي جي پيار ۽ انسان جي آزادي جو ڏس ڏينديون رهنديون. سندس شاعري اوندھہ کان روشني جو سفر ڪيو آهي ۽ ان جي شاعريءَ پنهنجا ڏگ ۽ پيچرا ناهيا آهن ۽ موضوعن جا اهڙا گل پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيا، جن کي اڳ ۾ ڪنهن بہ پوپٽ پنهنجي ٻَرَن سان نہ ڇُهيو:

مون توکي هٿ ڏنا
ان لاءِ تہ ڪم ڪرين
۽ تون انهن هٿن کي
گهڙي گهڙي هر ويلي
دعا جي لاءِ ڪٽين!

هي هڪ اڻ ڇُهيو موضوع هيو، جنهن کي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي تصور، خيال ڇُهيو ۽ مٿين شعر جي صورت ۾ اسان تائين پهتو. ڊاڪٽر تنوير جي شاعري پڙهندڙن جي ذهن ۾ موجود آهي ۽ ان جي شاعريءَ جو وهڪرو، ڪنهن رڪاوٽ کان سواءِ پنهنجي فطري انداز ۾ پڙهندڙن جي دلين ۾ جذب ٿيندو رهي ٿو:

ڪوئي نہ ڄاڻي ڪنهن جا آهيون
سڀ هڪٻئي جا پنهنجا آهيون
پَنَ ۽ گونچ ۽ مکڙيون آهيون
ڇڻندا آهيون، ڦُٽندا آهيون
بيهي ڏسندو رهندو آ جڳُ
پاڻ تہ وڌندا رهندا آهيون

مٿئين غزل جي سٽن ۾ ڪيترو نہ فِلو Flow آهي. جيڪو ڪنهن آبشار جي ڌارا وانگر، ڪنهن نديءَ جي وهڪري وانگر وڌندو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهي ٿو ۽ اسان کي پاڻيءَ تي ترندڙ ڪاغذ جيان پاڻ سان گڏ وٺي هلي ٿو. اِهو ئي هڪ وڏي شاعر جو ڪمال آهي، جو پنهنجي احساسن سان گڏ پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙ جي احساسن کي به پاڪر ۾ پري هلي:

هيءُ جو ڪنهن جي سُڏڪن منهنجو هانءُ چِنو
هيءُ جو ڪنهن جي لڙڪن سان هيءُ پاند پنو
پـــانـيـم مـنـهـنـجي ٻـار تـــاٻـو ڪـــاڏو
هـيءُ جو ڪـنـهـن جي ٻـار تـــاٻـو ڪـــاڏو

مٿئين شعر جي سٽن ۾ ڪيترو نه سوز آهي، هتي نه صرف داخلي پيڙائن جو اظهار ڪيل آهي، پر معروضي حقيقت جو انڪشاف به ڪيل آهي ۽ اِهو ئي احساس سندس شاعريءَ جي منفرد هجڻ جو دليل آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شخصيت جو اثر ان جي اسلوب تي به گهرو Style is the man him self وانگر سندس Diction ۾ به اُهو ئي پيار وارو انداز ۽ اُها ئي نهنائي ظاهر ٿئي ٿي:

تـون يـاد اچيــن ائيــن جيـئـن هـوا گُهـلـي ٿـي
اڻ ڇاتي خوشي جڻ منهنجي جهوليءَ جهلي ٿي

جڻ مـاڪ پـوي ٿـي ۽ ڪـا تـذڪـار تـئـي ٿـي
جڻ صـبـح تـئـي تـو وري مـڪـڙي ڪـا ڪُلي ٿـي

چيـو جو شـعـر اُهـو تـنـهـنـجي چَپ تـي آيـو آ
جيـئـڻ سـجـايـو آ، پـنـهـنـجو لـڪـڻ سـجـايـو آ

ڪئي هُئي مون نه رڳو تنهنجي سونهن جي ساراهه
۽ تـوري ڳالـهـه کـي مـاٺـهـن ڪـٽـي وڌايـو آ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متين شعرن جي پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ کان پوءِ جيڪي به دوست، سائين تنوير عباسيءَ سان مليا هوندا ته، ان جي نهٺائي ۽ ان جي پيار واري انداز جو سحر ضرور محسوس ڪندا هوندا ۽ ان جي ٻهڪارن جهڙين ڳالهين ۽ هلڪن هلڪن ٽهڪن جي ٻهڪار ۾ ويڙهجي ويا هوندا:

سـيـاري، پَنَ ڇڻـن
ڇڻن نه تنهنجون ڳالهڙيون
چنبـڙي دل ڪـي پـون

شاعري ذات جي اظهار جو اثرائتو ذريعو آهي ۽ غزل ان اثرائتي اظهار ۾ خاص اهميت رکي ٿو. موضوعن جي نواڻ، گهرائي ۽ شاعراڻي وسعت غزل کي اجا به وڌيڪ نکاريو آهي. مان هتي سائين تنوير عباسيءَ جي غزلن جون ڪجهه سٽون پيش ڪندس جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو، ته هُن غزل کي ڪيتري نه موضوعن جي گهرائي ۽ شاعراڻي وسعت ڏيئي ڪيڏو نه نکاريو آهي:

وري شـعـر تـنـوير نـازل ٿـيـن ٿـا
ثـمـر سـوچ جا نيـت حـاصـل ٿـيـن ٿـا
سي چاڻن ٿا ڪيئن گـهـارجي زندگـاني
جي مـاڻهـو مـحـبت جا قـائل ٿـيـن ٿـا

پنهنجي رت مان ٽڙندو آهيان ٻڄي گل گلابي
ٽاريءَ تي لڙڪي سوريءَ جي زينت ٿيندو آهيان
ماڻهن ليکي ماڻهو آهيان پوءِ به الائي ڇاهيان
ڪڏهن ڏيئو، ڪڏهن گُل، مان ويس مٽيندو آهيان
منهنجي هٿ لڳڻ سـان ئي ٿـيـو
تـنـهـنـجو جڳ ڊولائـتـو

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جي سچي پس منظر ۾،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي ماڻهن ۽ ڌرتيءَ جو رشتو پيوند ٿيل نظر اچي ٿو. مان هتي داغستاني شاعر رسول حمزاتوف جا لفظ لکندس، جيڪي هُن ”منهنجو داغستان“ ۾ لکيا آهن: ”شاعر لڏائو پکي نہ آهن، شاعري جنم ڀومي ۽ گهر کان سوا ائين آهي، جيئن پاڙن کان سواءِ وڻ ۽ آکيري بنا پکي“ ڊاڪٽر صاحب جي شاعري انسانيت ۽ ڌرتي جي ڏکَ جي حوالي سان جديد شاعريءَ جي نمائندگي ڪري ٿي:

ڀَڙڪي ڀَڙڪي باهہ
مچ ٻري ۽ مُرڪي سنڌ

شعلا شعلا چوڌر طرف
روشن ٿي ويئي راهہ
مچ ٻري ۽ مُرڪي سنڌ

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيتريون ئي خوبصورتيون آهن. خاص طرح سان سندس غزل موسيقيت سان ڀرپور آهن، جن کي پڙهڻ سان مَنَ ۾ هڪ عجيب اُٿل پيدا ٿئي ٿي ۽ جڏهن ڪنهن شعر کي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان مَنُ اٿل کائي، تہ سمجهو شاعري پنهنجو ڪم ڏيکاري وئي، ائين جيئن ڪا گوري پنهنجي خوبصورت اکين سان جادو جاڳائي ويندي آهي:

خبر نہ آهي تہ طوفان دَرَ کي کڙڪايو
يا دل جو دوست ڪوئي منهنجي دَرَ تي آيو آ
اوهان تہ منهنجي طرف اک کڻي بہ ڪين ڏٺو
۽ مون تہ روز اوهان لاءِ پئي نهاريو آ.

هائيڪو جاپاني صنف آهي، موضوع جي حوالي سان هائيڪي جو تعلق قدرتي منظرن ۽ رومانٽڪ طبيعت جي اُمنگن ۽ موسمن جي خوشگواري سان آهي. ڊاڪٽر صاحب سنڌي شاعريءَ ۾ هائيڪو جي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صنف تي تمام گهڻو ڪم ڪيو ۽ هائيڪو جي صنف کي مقبول عام بنائڻ ۾ سندس اهم ڪردار آهي. هُن نہ صرف هائيڪو ۾ رومانٽڪ خيالن ۽ فطرتي ماحول ۾ خيالن جو اظهار ڪيو آهي، پر هائيڪي جي مواد ۽ موضوع کي اڳتي وڌائي عام زندگيءَ ۾ ڪم ايندڙ شين (Objects) کي بہ دلڪش انداز ۾ لکيو آهي. ٽيليفون اسان جي عام زندگيءَ جو هڪ Object آهي، ان تي سندس ڪجهہ هائيڪا هيٺ ڏجن ٿا:

ٽيليفون وڳي
ڀانيم تون هوندينءَ مگر
غلط نمبر هيءُ پي

ڊائل ڪيم هر هر
ڪنهن ٻئي ٽيليفون ڪنئي
ساري، رانگ نمبر

ماريندڙ ايڪانت
خالي گهر کائڻ اچي
ٽيليفون بہ سانت

مٿيان هم آوازن وارن قافين جا هائيڪا ڇڻ ننڍڙا نظم آهن، جيڪي اسان کي پاڻ ڏانهن Attract ڪن ٿا.

بيشڪ اڄ سائين تنوير عباسي اسان سان گڏ نہ آهي پر سندس خيالن جي خوشبو اسان سان ساڻ آهي. اُهي ماڻهو ڪيترا نہ خوش نصيب آهن، جيڪي ماڻهن جي مَنَ ۾ ديرو ڪن ٿا. اهڙن انسانن جي فڪر کي وقت جي ڌَز نٿي لَٽي سگهي. سندس خيالن، شعرن جا ديپ سدائين، سدائين ٻرندا رهندا.

□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اختر درگاهي

# هڪ مرد قلندر ـ تنوير عباسي

پرهہ جو پيدا ڪيو ڪي سامي ڪي سچ
مٿس رتو مولهيو جڻن ڪا ڪڪر وچ
نہ ڪي ڏاءُ مَ ڏچ، آ ڪريون ڪر خبرون.

• تنوير عباسيءَ جو نالو ورتڻ سان، ذهن تي، سنڌي ادب جي اُفق تي چمڪندڙ هڪ اهڙي "انڊلٺي" شخصيت اُڀري اچي ٿي جنهن جو هر رنگ ۽ ڍنگ سچو، کرو، نرالو ۽ بي بها هيو/آهي.

ويهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي ادب اندر ڪجھہ اهڙا نالا نمودار ٿيا، جن پنهنجي ترقي پسند فڪر، آفاقي سوچ ۽ جديد ۽ نواڻ ڀري فن ذريعي سنڌي ٻوليءَ، ادب خاص طور تي شاعريءَ جو روايتي ۽ هڪ هنڌ بيٺل رخ موڙي، پنهنجون نيون راهون ۽ سوچون متعارف ڪرايون. اهڙن شخصيتن ۾ ڪشنچند بيوس، هري دلگير، شيخ اياز، نارائڻ شيام، اسانجو سائين تنوير عباسي ۽ ڪجھہ ٻيا نالا اچي وڃن ٿا.

سنڌي ادب جي انهيءَ لڙهيءَ ۾ شيخ اياز هڪ "ٽِڪ" جي حيثيت رکي ٿو، جنهن ڪانپوءِ ريفرنس طور تنوير عباسيءَ جو نالو ورتو ويندو آهي، پر ان چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ "تنويرعباسي" پنهنجي شخصيت، فن ۽ فڪر ۾ انهن کان مختلف، نرالو ۽ يگانو ماڻهو هيو. شاعري هجي، نثر هجي، تحقيق هجي، تنقيد هجي، ترجمو هجي، سفرنامو هجي يا سندس Extempore تقرير، تنويرعباسي انهن سڀني صنفن ۾ پنهنجو پاڻ مڃايو ۽ جڏهن بہ ڪيس پڙهيوسون ۽ ٻُڌوسون تہ ٻهريان کان مختلف، Informative ۽ انوکو نظر آيو. تنوير



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عباسي پنهنجن لکڻين ۾ ڪڏهن بہ Repeatation جو قائل نہ هو، اهوئي سبب آهي جو سندس هر لکڻي اظهار، هيئيت، ۽ سندس تيز مطالعي، مشاهدي جي روشنيءَ ۾ Powerfull ۽ مڪمل اثر ڪندڙ آهي.

تنوير عباسيءَ جي شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي ڪيل تحقيق سندس وڏو ڪارنامو آهي. ان جو خاص سبب اهو آهي تہ تنوير عباسيءَ کان اڳ شاهہ لطيف جي رسالي جا اڪثر مؤلف ۽ شارح بنيادي طور تي پاڻ شاعر نہ هئا. جن شاهہ لطيف کي پنهنجي پنهنجي نقطہ نظر سان هڪ عظيم شاعر تہ پيش ڪيو آهي، پر اُهي شاہ لطيف جي شاعراڻي ڪيفيتن ۽ سندس حساس دل جي امنگن ۽ دانهن کي ان حد تائين سمجهي نہ سگهيا. جنهن پس منظر ۾ شاهہ لطيف اهو ڪلام چيو. تنويرعباسيءَ شاهہ لطيف جو مطالعو هڪ سُڄاڻ شاعر جي حيثيت ۾ ڪيو، نتيجي طور سندس، شاہ لطيف جي ڪلام تي ٿيل اڀياس ۽ تحقيق بين سيني محققن ۽ عالمن کان انوکي ۽ لطيف جي فڪر کي وڌيڪ ويجهو آهي. اها ڳالهہ صرف مان نہ ٿو ڪيان، پر سنڌ جي برک ڏاهي سائين غلام مصطفيٰ شاہ پڻ ائين لکيو آهي تہ: ”تنويرعباسيءَ، شاهہ لطيف کي نئين نموني ۽ نظرياتي نقطئہ نظر کان پيش ڪيو آهي ۽ تنوير صاحب روايتي انداز واري ادب کي ڇڏي هيءُ نئون ۽ تحقيقي ڪم هٿ ۾ کنيو آهي. (1) خود تنوير عباسي پاڻ بہ اها ڳالهہ لکي آهي تہ: ”مون هن عظيم شاعر (شاهہ لطيف) جو اڀياس هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڪيو ۽ سندس فني عظمت کي سندس شعر مان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. (2).

تنويرعباسيءَ کان اڳ، شاهہ لطيف تي جيترو بہ لکيو ويو ان ۾، انهن شاہ لطيف جي پرک هڪ Schollar شاعر جي حيثيت ۾ گهٽ، پر هڪ ولي ۽ درويش جي حيثيت ۾ وڌيڪ ڪئي. ان کان سواءِ جيئن تہ اسان جا اُهي مانائتا اديب پاڻ بذات خود شاعر نہ هئا، تنهن ڪري انهن شاهہ لطيف جي عشق سان ٽمٽار دل جي اڌمن، آهُن،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دانهن ۾ عذابن کي اهڙي ريت نه پرکيو، جيئن تنوير عباسيءَ ان کي ظاهر ڪيو، هونئن به ڪنهن عظيم ۽ انوکي شاعر جي ڪلام کي تيستائين سمجهي نه سگهبو، جيستائين سندس ڪلام سرجڻ جي سموري عمل، ان جي پس منظر، حالتن ۽ شاعر جي داخلي ڪيفيتن کي پروڙي نه سگهبو. ان کان سواءِ شاعر جي فڪر تي اثرانداز ٿيندڙ ماخذن کي به مطالعي هيٺ آڻڻ ضروري هوندو آهي. شاه لطيف جي فڪر ۽ ڪلام جا اصل ماخذ ڪهڙا هئا. تنويرعباسي سڀ کان پهريان انهن جو مطالعو ڪيو، پوءِ ويهي شاه کي سمجهايو. شاه لطيف جي اهم ماخذن ۾ قرآن مجيد، مولانا روميءَ جي مثنوي، ننڍي کنڊ جي ڀڳتي تحريڪ ۽ پُوربي شعر و ادب ۽ سنڌ جو مقامي ادبي ماحول اچي وڃن ٿا. تنويرعباسيءَ انهن سيني ڏارائن جي روشنيءَ ۾ شاهه لطيف تي تحقيق ڪئي. ان کان سواءِ هڪ سچاڻ شاعر جي حيثيت ۾ شاه لطيف جي شاعريءَ جي فني قدرن، ان جي لفظي موسيقيت، عڪسن، رنگن، اُهڃاڻن، تشبيهن، تمثيلن، استعارن، اصطلاحن کي وڏي محنت، محبت ۽ پنهنجي قلم جي طاقت سان پيش ڪيو آهي.

هتي مون تنوير عباسيءَ جي تحقيقي اسم طور صرف هڪ ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪو آهي"شاه لطيف جي شاعري".تنوير عباسي صاحب جا ٻيا ڪيترائي تحقيقي ڪتاب، مقالا،مضمون ۽ تقريرون منهنجي ان راءِ کي وڌيڪ سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

توڙي جو تنوير عباسي هر صنفَ سُخن کي ڪاميابيءَ ۽ خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو، پوءِ به هو بنيادي طور تي هڪ شاعر هيو. سنڌ جو اهڙو خوبصورت ۽ نماڻو شاعر، جنهن جو لهجو ماکيءَ کان مٺڙو ۽ معصوم هيو. اهڙو جهڙو تنويرعباسي پنهنجي شخصيت ۾ معصوم ۽ مٺڙو ماڻهو هيو. حد درجي جو حساس، ڪومل جذبا رکندڙ ۽ سدائين مرڪون ونديندڙ ۽ دُکايل دلين کي آٿت ڏيندڙ. مان پاڻ کي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان لاءِ گھڻو خوشنصيب سمجھان ٿو تہ مون زندگيءَ جا ڪي لمحا سائين تنويرعباسي سان گذاريا ۽ ڪانئس فيض پرايو. منهنجي ساڻس پهرين ملاقات 1978ع ۾ ٿي جڏهن آءٌ صرف ۱۵ سالن جو ٻالڪ هيس. درازن ۾ سچل سائينءَ جي عرس تي تنويرصاحب ادبي ڪانفرنس جي ڪارروائي پئي هلائي، تنوير عباسيءَ آڏو منهنجي حيثيت هڪ جيتامڙي جي هئي، ڏڪندڙ جسم ۽ هٻڪندڙ لفظن ۾ ڪيس اهو چوڻ جي جرئت ڪري سگهيس تہ: ”سائين مان مشاعري ۾ شعر پڙهڻ چاهيان ٿو“. تنوير صاحب منهنجو نالو پُڇيو ۽ فوراً مونکي شعر پڙهڻ لاءِ سڏ ڪيو،منهنجي خوشيءَ ۽ حيرت جي حد نہ رهي. ان ڏينهن کان طئي ڪيم تہ هر سال سچل سائينءَ جي عرس تي ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿبو، ان جو خاص ڪارڻ تنوير عباسيءَ جي اها پُرڪشش شخصيت هئي، جيڪا مقناطيس وانگر اسان جهڙن پروانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي آڻيندي هئي. تنوير عباسيءَ جي اجان بہ ويجهي چڻ لاءِ، مون 1982ع ۽ 1983ع ۾ خيرپور ۾ منعقد ٿيندڙ ”سچل نيشنل سيمينار“ ۾ هڪ ادنيٰ ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو، ڇاڪاڻ تہ انهن سيمينارن جو روح روان سائين تنوير عباسي هو. هيئنر سائين تنوير عباسي پاڻ بہ اسان سان پيار ڪرڻ لڳو ۽ مان هفتي ۾ هڪ ڏينهن ضرور ساڻس ڪچهري ڪرڻ،خيرپور سندس ڪلينڪ تي ويندو رهيس ۽ اهو سلسلو سندس حياتيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن تائين جاري رهيو. سائين تنويرعباسيءَ جي ڪچهرين مان اسان اهو ڪجھ پرايوسون جو، جيڪڏهن پوربون لائبريريون بہ پڙهون پوءِ بہ اوترو ڪجھ نہ ملي سگهندو، جيترو فيض تنويرعباسيءَ جي ڪچهرين مان اسانکي مليو. ادب جي گفتگو هجي يا ٻوليءَ جي، شاهہ لطيف جو ذڪر هلي يا سچل سائينءَ جي مستيءَ جي ڳالھ، مولانا روميءَ جي مثنوي هجي يا حافظ، خيام، سرمد جو ڪلام، اردو ادب ۾ اقبال هجي يا حسرت موهاني، ويندي فيض احمد فيض تائين، نثر ۾ مولانا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابوالاڪلام آزاد هجي يا فلاسافي، مذهب، منطق يا موسيقي، سائين تنويرعباسي جڏهن ڳالهائڻ ويهندو هيو تہ سمنڊ وهائي ڇڏيندو هيو، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اسان غوطا ڪائيندا هئاسون، تہ ڪڏهن ڪڏهن هيرن، جواهرن کي ميڙڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسون.

اهو تنوير عباسيءَ جي فيض جوئي اثر هيو جو منهنجو لاڙو شاعريءَ جي مقابلي ۾ تحقيق ڏانهن پيو ۽ سنڌس ئي چوڻ تي مون بيدل جي اردو ڪلام تي تحقيق ڪئي ۽ ان کي تاليف ڪيو. ڪنهن نئين ۽ اُڀرندڙ ليکڪ جي همت افزائي ڪرڻ سائين تنويرعباسيءَ جي خاص خوبي هئي. اسان جي ڪچاين ڦڪاين ۽ خامين کي بہ اهڙي ريت ٻڌائيندو هيو، جو بجاءِ دل هارڻ جي وڏيڪ اتساه ملندو هيو ۽ بهتر سکيا ملندي هئي. تنوير عباسي مون جهڙن ڪيترن ئي نون لکندڙن جي باقاعده تربيت ڪئي، افسوس جو هينئر سنڌي ادب ۾ تربيت ۽ سکيا جو اهو عمل نہ رهيو آهي، جيڪو سنڌي ادب جي ارتقا ۽ بهتر اوسر لاءِ ضروري آهي. اسان تہ صرف پنهنجي ”مان“ ۾ پُورا آهيون ۽ پنهنجين غلطين تي نظر ئي نہ ٿي پوي. تنويرعباسي جيڏو وڏو ماڻهو هيو اوڏي وتس هيٺائين هئي، هو تمام وڏو بهادر شخص هيو.

مون هڪ پيري ڏڄي ڏڄي کيس عرض ڪيو تہ: سائين اوهان پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ: ”قاضي قاضن“ ميان مير جو پاٽيجو هيو، پر اهو تہ ان جو ڏوهٽو هيو، پاڻ هڪدم چيائين ” اڙي ها يار مون کان غلطي ٿي وئي آهي“ . اها آهي تنويرعباسي صاحب جي وڏائي، نہ تہ هو اهو بہ چئي پئي سگهيو تہ اها ڪتاب جي پروف جي غلطي آ، يا اهو ئي صحيح آهي جيئن مون لکيو آهي. تنويرعباسيءَ جي فڪر ۽ فيض مان سکيا وٺڻ جو مونکي اهو بہ موقعو مليو جو، مون سنڌس ڪيترين ئي تقريرن ۽ ليڪچر ٽيپ تان اُتاريا ۽ انهن کي فيئر ڪري کيس ڏنا. پاڻ جڏهن بہ اهي تقريرون ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ليڪچر ڪتاب ۾ شايع ڪرايائين تہ منهنجو نالو مهاڳ ۾ ڇاڻائي مونکي بہ مانائتو بڻائي ويو.

آءٌ انهن خوشنصيب شاعرن ۾ بہ شمار ٿيان ٿو، جن جي شعري ڪتابن جو مهاڳ تنويرعباسي لکيو. منهنجي نڪور شعري مجموعي ”شاعري مُرڪي پئي“ تي لکيل تنويرعباسيءَ جو مهاڳ سندس حياتيءَ جي آخري لکڻيءَ طور ياد ڪيو ويندو. اهو مهاڳ تنويرعباسي صاحب پنهنجي وفات کان چند ڏهاڙا اڳ مونکي لکي ڏنو. تنويرعباسي صاحب جواهو مهاڳ مون سان سندس پيار جو اظهار آهي، جنهن کي آءٌ پنهنجي ادبي زندگيءَ جو وڏي ڪان وڏو اعزاز ۽ سرٽيفڪيٽ سمجهان ٿو ۽ ان تي فخر ڪريان ٿو.

سائين تنوير عباسيءَ ۾ هڪ مڪمل ۽ بهترين Ideal ۽ انسان جون سموريون خوبيون موجود هيون. تنوير صاحب اسان سان ڪيل ڪچهرين ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن جي گلا يا شڪوه نہ ڪئي، ۽ جڏهن بہ ڪنهن جو ذڪر ڪيو تہ سٺن لفظن ۾ ڪيو. جي اهو ٻڌندو تہ فلاڻي ماڻهوءَ سندس گلا پئي ڪئي، تڏهن بہ سندس چهري تي ڪو گُهنج نہ پوندوهو ۽ خاموش رهندو هيو ۽ ان ماڻهوءَ متعلق ڪي بہ Comments نہ ڏيندو هيو. هو هڪ مستقل مزاج شخص هو، جتي بہ ملندو، جنهن جاءِ تي بہ ملندو، جنهن حيثيت ۾ بہ ملندو هميشہ جهڙو پيار ڪندڙ ۽ آدر ڀاءُ ڪندڙ هو.

تنوير عباسي موسيقيءَ جو بہ وڏو ڄاڻو هيو، مون سان اڪثر سندس ڪچهري راڳ جي حوالي سان ٿيندي هئي. مونکي حيرت آهي تہ هُو لوڪ راڳ تہ ڇا ڪلاسيڪل راڳ جو بہ وڏو ماهر هيو. ڪلاسيڪل موسيقي جا ٺاٺ هجن، راڳ هجن، انهن جي نوٽيشن هجي، آروهي، امروهي هجي، وادي يا سموادي سُر هجن، ويندي آلاپن، تانن، پلٽن تائين ڪيس ڄاڻ هئي. مون ڪافي دير تائين ڪيس نہ صرف جهونگاريندي بلڪ ڳائيندي بہ ٻُڌو هو. اڪثر بيدل جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪافي ”چلو ري سنئيان چرچا ويڪيـن، آپ چمن ۾ آيا“ پيرو راڳ ۾ وڏي نهراءَ سان، ۽ بلم پت لئي ۾ ڳائيندو هيو.

تنوير عباسي صاحب جي ئي چوڻ تي مون موسيقيءَ جي حوالي سان B.A ليول جو سليبس تيار ڪيو، جو سندس اها خواهش هئي تہ، شاهہ لطيف يونيورسٽيءَ ۾ ميوزڪ جو شعبو قائم ٿئي ۽ ان ۾ B.A ليـول جي ڊگـري ڏني وڃي. منهنجو تيـار ڪيل Music جو سليـبس تنويرعبـاسيءَ کي ڏاڍو پسـنـد آيو. ۽ هُن اهو سليـبس سينڊيڪيٽ کان پڻ منظور ڪرايو، پر افسوس جو هيل تائيـن اهو شعبو کُلي نہ سگهيو آهي. مون هينئر اهو سليبس خيرپور ۾ ئي قائم ”استاد منظور علي خان ميوزيڪل اڪيڊمي“ وارن جي حوالي ڪيو آهي. تنوير عبـاسي صاحب جي شخصيت، هڪ گهڻ پاسـائيـن شخصيت هئي، سندس ڪهڙي پهلو تي لکي ڪهڙي پهلو تي لکجي. هن تي جيترو بہ لکبو ۽ ڪٿي سوين .Ph.Ds ڪجن پوءِ بہ تنوير عباسي جهڙي شخصيت سان انصاف تي نہ سگهندو. تنوير عباسيءَ جهڙو ماڻهو صدين ۾ بہ پيدا ٿي نہ سگهندو. هو هڪ مرد قلندر ماڻهو هيو، سچو،کرو، بي بها، نرالو، يگانو. پاڻ اڪثر عبدالرحمان جاميءَ جو هڪ فارسي شعر پڙهندو هيو، جيڪو سندس شخصيت تي پورو لهي ٿو:

وفا ڪنيم ملامت ڪشيم خوش باشيم
ڪہ در طريقت ما ڪافرسيت رنجيدن

□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر نذيراحمد سومرو

# ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جي هڪ جهلڪ

• تنوير عباسي ڪارنر پاران، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ياد ۾ سيمينار ۽ سندس حوالي سان شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي طرفان نڪرندڙ تحقيقي جرنل، پٽائي جو شمارو نمبر: 7 ”ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر“ شايع ڪرڻ واري مهورت جي موقعي تي، آءٌ شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر اي.آر ملڪ صاحب ۽ سنڌي شعبي جي چيئرمن ڊاڪٽر ملڪ نديم، ڊاڪٽر ادل سومري، ناميارى شاعر اياز گل ۽ برڪت بلوچ کي خاص طور تي داد ڏيان ٿو ته هنن صاحبن پاڻ ۾ بين اديبن ۽ عالمن کان ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ تي مضمون ۽ مقالا لکرائي هڪ ڪتاب شايع ڪرايو آهي. اهڙا سيمينار هر سُني ۽ وڏي شاعر جي ياد ۾ ٿيڻ گهرجن جيئن نئون نسل، انهن جي نقش قدم تي هلي، انهن جي فڪر مان روشني ۽ توانائي حاصل ڪري سگهي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ يا ائين چئجي ته ون يونٽ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ نوجوان شاعرن جي جيڪا کيپ پيدا ٿي، تن منجهان هڪ اهم نالو تنوير عباسي به آهي، تنوير عباسي هڪ ئي وقت شاعر، اديب، خاڪا نگار ۽ ڏنڌي جي لحاظ کان طبيب (ڊاڪٽر) هو. ون يونٽ واري عرصي ۾ تنويرعباسي بين سنڌي قوم پرست شاعرن سميت گهٽو مٿي اُڀري آيو، ويتر شيخ اياز جهڙي گهڻ مطالعاتي ۽ مشاهداتي وڏي شاعر جي دوستي ۽ رفاقت هن جي جوت ۽ تخيل ۾ اضافو آندو. ون يونٽ خلاف جيڪا تحريڪ وجود ۾ آئي، ان جو هڪ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حصو ڊاڪٽر تنوير عباسي بہ هو. ون يونٽ واري دؤر ۾ جڏهن مٿان ڪان نادري حڪم اچي ڪڙڪيا تہ: خبردار هاڻي سنڌ کي ”سابق صوبو سنڌ“ ڪري لکيو وڃي، تڏهن شيخ اياز، نياز همايوني، قمر شهباز، اُستاد بخاري، تاج بلوچ، ذوالفقار راشدي ۽ امداد حسيني سميت تنوير عباسيءَ جي چپن تائين سنڌ جا احتجاجي گيت ٻريا ۽ ٻُريا. سنڌ جي مشهور صحافي ۽ اديب شيخ عزيز، سنڌيءَ جي هڪ سُٺي شاعر ابراهيم منشي جي مرتئي تي روزاني ڊان ڪراچي ۾ هڪ مضمون "Munshi -A Vocal Poet" جي عنوان سان لکيو هو، جنهن ۾ هُو لکي ٿو تہ ون يونٽ توڙيو تحريڪ ۾ جن ماڻهن گهڻو ڀوڳيو، تن ۾ شيخ اياز، ڪامريڊ سوڀو گيانچندڻي ۽ تنوير عباسي شامل هيا.

تنوير عباسيءَ جي شاعري منهنجي لاءِ هميشہ وڻندڙ رهي آهي. اڄ کان 25 سال اڳ جي ڳالهہ آهي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج (هاڻي ”استاد“ بخاري ڪاليج) دادوءَ جي ساليانى مخزن ”منچر“ ۾ مون هڪ ڊگهو مضمون ”تنوير عباسي کي شاعري پر ايک طائرانہ نظر“ جي عنوان سان لکيو هو. منهنجي مضمون کي نہ رڳو ڪاليج جي پرنسپال ۽ هڪ ادب دوست الطاف احمد شيخ ۽ اُستاد بخاريءَ، پر حصہ اردوءَ جي انچارج پروفيسر سيد عبدالجميل پڻ ڏاڍو پسند ڪيو هو. مون منچر جي ڪاپي ڪيس ڏياري موڪلي هئي. ڪجھہ عرصو گذريو تہ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي جي شعبہ اقتصاديات جي ان وقت جي ليڪچرر ۽ هاڻي ڊين آف اسٽوڊنٽس افيئرس ڊاڪٽر محمد نواز چنڊ جو ساڳئي شعبي جي ليڪچرر (هاڻي پروفيسر) ميڊم رُخسانہ سان وهانءُ ٿيو تہ، يونيورسٽيءَ جي ڪيمپس ۾ ڪاڄُ ٿيو هو. ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد نواز چنڊ، جڏهن منهنجو تعارف ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ سان ڪرايو، تہ پاڻ بيحد خوشيءَ جو اظهار ڪري منهنجي لکيل مضمون جي واکاڻ ڪئي.

شاعرن جي لاءِ مشهور آهي تہ: ”خدا جي ارض هيئيان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي خزانہ آهن، تن جون چاٻيون شاعرن جون زبانون آهن." اهو سوچي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي سچي شاعري ڏاڍي شوق سان نئين سِر پڙهڻ شروع ڪيم، تہ ڏسان تہ خدا جي ارض هيٺيان لِڪل خزانن مان ڪهڙي خزاني جي چاٻي تنوير عباسي وٽ آهي؟ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شخصيت ۽ شاعريءَ واري فن تي هيل تائين جيڪي بہ مضمون ۽ مقالا لکيا ويا آهن، تن ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کي صوفي ۽ حقيقي قسم جو هڪ سيڪولر سوچ رکڻ وارو شاعر ۽ شخص قرار ڏنو ويو آهي. پر ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شاعري جي ڪجهہ حصن تي نظر وجهبي تہ محسوس ٿيندو تہ ڊاڪٽر تنوير عباسي نہ تہ مڪمل صوفي هو ۽ نہ ئي مڪمل سيڪولر سوچ جو مالڪ:

"نہ ڪو مان خُدا، نَہ ڪو مان رسول،
مان تنوير آهيان، پوان شل قبول"

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شعرن ۾ "باربار" خدا جو ذڪر ۽ خدا لفظ جو تڪرار آهي. ظاهر آهي تہ ان جا بہ ڪي سبب هوندا؟ مثال طور هڪ هنڌ چوي ٿو.

"نہ ملائڪ نہ ڪو شيطان آهيان
مان تہ انسان رڳو انسان آهيان
نہ "خدا" آهيان نہ ان کي ڳوليان
پنهنجي محبوب ۾ مستان آهيان".

وري ٻي هنڌ چوي ٿو:

او الله جا تصور
تو ۾ سڀ ڪجهہ آهي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تقدس، قهر، جبر ۽ رحم،
تنهنجا نوانوي نالا،
پر تو ۾ هڪ شيءِ ڪانهي،
"انسانيت"

انديا سان تعلق رکندڙ اردو ٻوليءَ جو وڏو اديب ۽ نامور نقاد گوپي چند "نارنگ" هڪ مضمون لکيو هو جنهن جو عنوان هو.

"مت ڪبير ڪَا هُو ڪَو ٿاپي،
مت ڪَاهُو ڪو ميٽي هو".

گوپي چند "نارنگ" جو هي مضمون انديا جي صوبي بهار جي گادي واري هند ۽ مشهور شهر پٽنه مان شايع ٿيندڙ سيمه اشرفيءَ جي رسالي "مباحثه" جي آگسٽ سيپٽمبر 2001ع ۾ شايع ٿيو هو.
گوپي چند "نارنگ" پنهنجي مضمون جي آخر ۾ لکي ٿو:

"خاطر نشان رهے کہ ادب فن هے اور فن هر قدرت لازم هے. برهنہ گفتاري فن پر قدر اور زبان پر قدر کي نفي هے. باشعور فن کار جانتے هيں کہ ادب، ادبيت يعني معنئ آفريني اور حسن کاري سے بنتا هے نري فکر سے نهيں. فنکار مبلغ نهيں، اس کا کام کسي کو "تهاپنا" يا "ميٹنا" نهيں بلکہ اس کا کام اپني بات کهنا اور ادب تخليق کرنا هے جو لطف و معنئ کا سرچشمہ هو."

سنڌي سياستدان ۽ رٽائرڊ ڪامورا، اقتدار جي ڪُرسين کي ماڻڻ جا ڪئين ڪشالا ڪڍن ٿا ۽ ڪُرسيون ماڻڻ لاءِ جيڪي جتن ٿين پيا ان جي عڪاسي، تنوير عباسيءَ ڏاڍي سٺي نموني ۾ ڪئي آهي. مثال هو چوي ٿو:


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي آڏو خود حڪومت جو جُهڪي ويو گردن
۽ هن ڪُرسي لاءِ، ايمان پي وڪڻي ڇڏيو!

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي پنهنجي محبوبہ گهرواري ۽ اولاد سان محبت بہ مثالي هئي. هُن اولاد جي خوشيءَ کي پنهنجي هر خوشيءَ تي ترجيح ڏني، گوتم ٻڌ وانگر بنواس ورتو ۽ سندس آخري پساهہَ بہ سنڌ کان تمام پري پُورا ٿيا ۽ مون کي بهادر شاه ظفر ۽ تنوير عباسيءَ ۾ دفن ٿيڻ جي لحاظ کان تمام هڪجهڙائي نظر آئي. هاڻي ڪير پوئوهار وڃي تنويرعباسيءَ جي مزار تي گل چاڙهيندو ۽ فاتح پڙهندو؟!! اسين پٽ شاه ۽ شيخ اياز ۽ مڪلي تي پير حسام الدين راشديءَ جي مزار تي بہ ڪونہ ٿا وڃي سگهئون، تہ پوئوهار تہ تمام پري آهي.

”اب تو يادون کي ڀي همت نهين رهي،
يارون ني بهت دُور بساليں اپني بستيان“.

▩



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ابراهيم ڪرل

# خوبصورت دل رڪندڙ شاعر
# تنوير عباسي

•

• شاعري سماج جو آئينو آهي، جنهن ۾ جذبن ۽ احساسن جي عڪسن جو روپ ڏئي پيش ڪيو وڃي ٿو. پوءِ اهي جذبا خوبصورت به هجن ٿا ته بدصورت به. ”جنهن ڪي گدلائپ، نفرت، حقارت ۽ اڻوڻندڙ احساس يا عڪس به چئي سگهبو آهي“. مطلب ته جنهن خيال، مان خوبصورتي،رنگيني ۽ خوشبوءِ يا هاڪاري شي پلئه پوي ان ڪي اسين خوبصورت احساس سان پرپور شاعري چئون ٿا ۽ جنهن خيال، ۾ نفرت، حقارت، گدلائپ ۽ ڪراهت محسوس ڪريون ٿا. انهن احساسن کي اوگڻ واري درجي ۾ شمار ڪريون ٿا. اهڙن سڀني احساسن سان ڀريل شاعري، اسان جي سماج جي شاعري آهي. جو ته اسين پنهنجي سماج ڪي نيڪي، بدي، ڪوڙ، سچ، ڀلائي، بُرائي ،خوبصورتي، گدلائي جهڙن ڳُڻن ۽ اوگڻن کان ٻاهر نٿا ڪڍي سگهون. اهڙن احساسن کي جڏهن هڪ شاعر پنهنجي شاعريءَ جو محور بڻائي ٿو ته اها شاعري، شاعر جي ذاتي زندگيءَ کان علاوه هن معاشري جي تصوير پڻ پيش ڪري ٿي. جنهن کي ٻين لفظن ۾ اسين سماج جو آئينو سڏيون ٿا. اهو اسان جي اک جو ڪمال آهي ته اسان انهن پيش ڪيل شڪلين ۽ عڪسن کي ڪهڙي رخ سان ڏسئون ٿا، انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ اسان جيڪڏهن هڪڙو ننڍڙو مثال وٺون: ته ڪني سينور ورتل پاڻيءَ جي تلاءَ ۾، جيڪڏهن هڪ ڪنول جو گل ٽِڙيل آهي ۽ ٻي طرف هڪ ماڻهو لانگوٽو ٻَڌي انهيءَ ڪني پاڻيءَ ۾ لهي اهو گل اتان پٽي اچي ٿو. جنهن جي جسم تي انهيءَ ڪني



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻيءَ جو سينور ۽ گندگي لڳي وڃي ۽ پوءِ اهو منظر ڏسندڙ ماڻهو، پنهنجا ويچار ڏين ته: ”ڪهڙي ضرورت هئي گندي پاڻيءَ ۾ لهي گل پٽڻ جي "ياوري"ڏسو خوبصورتي ماڻهوءَ کي پاڻ ڏانهن ڪيئن ڇڪي رهي آهي“ ته منهنجي خيال ۾ اها شيءِ اسان جي سوچ ۽ سمجهه تي دارومدار رکي ٿي ته، اسان انهن احساسن کي ڪهڙي رخ سان ڏسون ٿا. ٺيڪ ائين ئي ڊاڪٽر تنويرعباسي به پنهنجي اينگل سان خوبصورتيءَ کي ڏٺو آهي، اهو سندس نظر جو ڪمال آهي ته ڪيئن، هُنَ ننڍڙن ۽ معمولي واقعن ۽ ڇُرپر کي باريڪ بينيءَ سان ڏٺو آهي. جيئن سندس هڪ شعر آهي ته:

لوڏِ نه ٿاريءَ کي، گلڙن واريءَ کي
پوپٽ اُڏري ويندو.

عام زندگيءَ ۾ اسان اهو احساس ڪٿي ڪندا آهيون ته هڪ پوپٽ جي اُڏري وڃڻ سان ڇا ٿيندو؟ ڪو آسمان ڪري ڪونه پوندو ۽ نه وري پوپٽ گلن تي ويهڻ ڇڏي ڏيندو، پر ڊاڪٽر صاحب، پوپٽ جي اڏري وڃڻ کي ايترو ته باريڪ بينيءَ سان ورتو آهي جو لڳي ٿو ته، پوپٽ جي اُڏري وڃڻ سان هڪ شاعر جي دل ٻيهي رهندي ۽ هو اهڙو منظر وري ڏسي نه سگهندو.

هڪ ٻئي شعر ۾ تنوير چيو آهي ته:

تون جي چُپ تي وئين تنوير ته ڪوبه نه شعر ٻُڌائيندو
دل وارن جي دردَ وندن جي محفل ڪير مچائيندو
پوپاڙيءَ جي پاڇن ۾ سونهري رنگ ملائيندو
واه ڪناري لهندڙ سجُ، ڪجين مان ليئا پائيندو

هڪ شاعرَ جي دل ڪيڏي خوبصورت دل آهي جيڪا شعر نه


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻُڌڻ تي بين ٿي ڪري، تہ جي تون شعر نہ ٻڌائيندين تہ ڪير بہ شعر نہ ٻڌائيندو. تنھن ڪري تون ئي شعر ٻڌاءِ، ھنن درد وندن ۽ دل وارن جي محفل کي مچاءِ. ھي واھہ ڪناري جيڪو تنھنجو گھر آھي، اتان جي شام اداس ٿيندي ۽ لھندڙ سج ڪجھہ مان ليئا پائي مايوس ٿي لھي ويندو. سج تہ روز لھندو آھي پر اھو سج ڪيڏو مايوس ٿي لھندو، جنھن شام ڪوبہ شاعر پنھنجو شعر نہ پڙھندو ۽ انھيءَ محفل مان ماڻھو بنا ڪجھہ ٻُڌڻ جي ھليا ويندا. تنوير اھڙن احساسن ۽ حسين خيالن کي پنھنجيءَ شاعريءَ ۾ آڻي خيالن کي رنگيني بخشي آھي. نہ ڪي انھن شاعرن وانگي جسماني بک جو پورائو ڪيو آھي، جن جي شاعريءَ ۾ ذاتي جنسي بک اُبڙڪا ڏئي ھن سماج جي ذھن کي ڦٽي وڌو آھي. دنيا جون سڀ خوبصورتيون انھن لاءِ صرف پڪڙڻ، مروڙڻ ۽ اڇلائي ڇڏڻ تائين محدود آھن. جڏھن تہ تنوير جي لفظن ۾ انھن لفظن جي حرمت جو بہ خيال رکيو ويو آھي تہ، انھن خوبصورت جذبن جي پَوترتا پڻ محفوظ آھي. ھڪ شاعر جي دل ايتري ئي نرم ۽ نازڪ ٿيندي آھي جيترو ڪنھن گل ۽ پنکڙين جو نازڪ ھجڻ. تڏھن تہ تنوير چيو آھي تہ:

مون تہ گُلابَ لڳايا آھن
پوپٽ پاڻھين آيا آھن

واقعي تنوير سيواگر رھيو آھي. ھُن گلن سان گڏ، ماڻھن کي بہ ايترو پيار ڏنو جو، ھو سچي سنڌ لتاڙي تنوير جھڙي گل جو واس وٺڻ خيرپور ضرور ايندا ھئا. ڇڪ اھي پوپٽ ھئا ۽ تنوير گل جو ڪردار ادا ڪيو. تڏھن ئي تہ سندس خوشبوءِ اڃا تائين ڦھلبي رھي ٿي:

او تنوير اڃا بہ گھٽائي جيئڻ لاءِ سھارا آھن
گل اڃا بي سرھا آھن، دوست اڃا پي پيارا آھن.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوستيءَ جو قدر ۽ اهڙن اڇوتن خيالن کي پني تي اُتارڻ جو ڏانءُ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کي ايندو هو. هو لفظن کي پنهنجي اصلي مقام تي ايڊجسٽ ڪرڻ جو ماهر هو. هو انساني قدرن جو پاسبان هو، جيڪي قدر صدين کان سنڌ جي روايتن ۾ شامل رهيا آهن. حياءَ واري نظر سان ڏٺل اهي سڀ عڪس تنوير جي شاعريءَ ۾ موجود آهن. وڏي ڳالهه تہ اهو سڀڪجهہ سندس ذاتي زندگيءَ ۾ بہ شامل هيو. سندس ڪردار سنڌ جي صاف شفاف ڌرتيءَ جيان هو، جنهن مان هميشہ اهڙائي گلاب ڦُٽندا رهيا آهن.

ڊاڪٽر صاحب جي سڄي زندگي هڪ کُليل ڪتاب جيان هئي، جنهن کي جيڪڏهن ڪنهن دانشور پڙهيو تہ هُو گهري سوچ ۾ پئجي ويو ۽ جيڪڏهن ڪنهن عام ماڻهوءَ پڙهيو تہ هُو بنا ڪجهہ ٻڌائڻ جي سمجهي ويو. سندس چهري تي هميشہ تري ايندڙ مرڪ معصوم ٻار جي مرڪ جيان هئي، جنهن کي پنهنجي پرائي جي خبر نہ هوندي آهي ۽ هر ڪنهن سان هونگرون ڏئي کلندو آهي. جن تنوير جي غائبانہ جنازي نماز پڙهائڻ کان انڪار ڪيو، تنوير تہ انهن سان بہ مرڪي ملندو هو، پنهنجي حصي جو پيار هو اهڙن ماڻهن کي بہ آڇيندو هو. اهڙي ڪردار جي جهلڪ سندس شاعري جي هنن سٽن مان ڏسي سگهجي ٿي:

نہ ڪو مان خدا ۽ نہ ڪو مان رسول
مان تنوير آهيان پوان شلَ قبول
نہ ڏاهيان، نہ ماريان، نہ ساڙيان ٿو مان
محبت ڪرڻ آهي منهنجو اصول

هن هميشہ محبت ڪئي، نفرت ڪرڻ هن سکي ئي ڪونہ هئي. تڏهن تہ هشام اديبن جا وٽس لنگهي ويندا هئا ۽ پنهنجا ڏک سور وٽس وجي اوري ايندا هئا. موت تي نہ اُهي مايوسيون هونديون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيون ۽ نہ اهي ڏک ۽ سور ...... اڄ اسان تنوير جا پيروڪار تہ سڏايون ٿا، پر اسان پنهنجي اندر مان ان ابليس کي نہ ڪڍيو آهي، جيڪو اسان کي ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي اشتعال ۾ آڻي ٿو ۽ اسان خود غرضي، منافقي، خود مطلبيءَ جي ڄار ۾ ڦاسندا وڃون ٿا. اسان کي عزت ڪرائڻ لاءِ پلاننگ ڪرڻي ٿي پوي. ذهن ۾ ڪيترين ئي سازشون جوڙڻيون ٿيون پون. پل اسان پنهنجي نفس کي آٿون ۽ آسرا ڏيون، پر اسان جو اندر سيڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندو آهي. تنوير جي واتَ تي اگر هلڻو آهي تہ دل جي دُوئي کي ڌوئڻو پوندو. خلوص، پيار ۽ محبت سان ملڻو پوندو. پنهنجن شعرن ۾ استعمال ٿيل لفظن جي حرمت قائم رکڻي پوندي، ۽ انهن جي صحيح استعمال جو خيال رکڻو پوندو. اڄ ئي اسان اديبن ۽ شاعرن تي قول ۽ فعل جي حوالي سان آڱريون کڄي رهيون آهن. اسان کي تنوير عباسيءَ جي زندگيءَ کي سامهون رکي وک وڌائڻي پوندي، جيئن تنوير جي تَرَ تي اهو حرف نہ اچي تہ تنوير روشني نہ ڪري ويو آهي. اڄو تہ هن هٽرادي پيدا ڪيل اوندهہ کي ٽڙي ڪڍڻ جو عزم ڪريون.

ادب ۽ شاعري کي سماج جو آئينو ٻڌائي پيش ڪريون، پر شرط اهو آهي تہ اسان پاڻ بہ ان آئيني جي آڏو بيهي پنهنجو احتساب بہ ڪريون.

□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرور سيف

# سچ، سونهن ۽ سُرت پريو تنوير

• سنڌ جو سدا ملوڪ پٽ، فيض محل جهڙو سهڻو، سنڌ جي جَر جهڙو مٺو، ڏيجي جي ڪوٽ جي وسيع دل رکندڙ، معصوم شاه جي مناري جهڙو اوچو، لطيف سائين جي روضي جهڙو سفيد، وٽندڙ سياءَ وارو تنوير عباسي، سنڌ جو اهو عظيم اثاثو آهي، جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. اهڙو قيمتي اثاثو جنهن کان صدين تائين سنڌ جا نسل لاڀ حاصل ڪندا رهندا، جيستائين شعر وَ ادب آهي، جيستائين لطيف آهي، جيستائين سچل آهي، جيستائين شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي آهي، جيستائين خيرپور آهي، جيستائين انسانيت آهي، سچ آهي، سونهن آهي، سُرت آهي تيستائين تنوير ۽ تنوير جو فڪر جاري آهي، جاري رهندو، زنده آهي، زنده رهندو.

تنويرعباسي هڪ باجهارو ۽ پيارو شاعر هو، اهڙو شاعر جنهن وٽ زندگيءَ جا سڀ ئي رنگ آهن، پوپٽن جي ڇٽن جهڙا عڪس آهن، جنهن وٽ چيڪي مٽيءَ جي ٻني ٻني خوشبوءِ آهي، جنهن وٽ ساڪر جي سڳنڌ، سنڌو جي ڇوهہ، سنڌڻ ڪڻڪ جا ڪيرا آنيو ۽ ڪُنڌي مينهن جا مٺا ڳُوها آهن.

تنوير، شاعري شاگرديءَ واري دؤر کان شروع ڪئي، شاعريءَ جو سفر 1950ع کان ڪيو ۽ جيون جي آخري پل تائين ان سان نينهن نڀائيندو آيو ۽ سنڌي زبان کي رڳون ٽيون رباب، شعر، سچ ترڪيءَ هيٺان، هيءَ ڌرتي، تنوير چئي ۽ ساجن سونهن سُرت جهڙا شعري مجموعا ڏنا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر تنوير هڪ اعليٰ پايي جو شاعر هو، شاعريءَ ۾ تنوير صاحب جو ڪنهن سان مقابلو نہ آهي، پر مئدم فهميده حسين جي لفظن ۾: ”تنويرعباسي تنقيد ۽ تحقيق جي حوالي سان تمام گهٽو مڃانهون آهي. هن مصروف ۽ معروف شاعر جو تنقيدي ۽ تحقيقي ڪم شاندار آهي ئي آهي، پر ان جيڪو نثر استعمال ڪيو آهي، اهو بہ انتهائي مٺو، لطافت پريو ۽ شاعرائو آهي، جنهن سان پڙهندڙ جي جلد رسائي ٿي وڃي ٿي“.

ڊاڪٽر تنوير جو پل پل سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو آهي. هُن پنهنجي جيون جو ڪوبہ پل اجايو نہ وڃايو. مسيحا تہ هو ئي، اها مسيحائي، ڊاڪٽر صاحب فردن جي بہ ڪئي، تہ سماج جي بہ، ادب جي بہ ڪئي تہ ثقافت جي بہ.

1973ع ويٽنامي ادب جي شاهڪار ناول ”جي ماريا نہ موت“ جو مترجم، انگريزيءَ جي بهترين شاعرن جي شاعريءَ کي ”سُريلن گيتن جو مهاڳ“ جي سِري سان سنڌي ويس ڏيندڙ، تنوير جڏهن موتي ۽ ڪلا جو مهمان بنجي دبئي وڃي ٿو تہ، ان سفر جي ساعت ساعت کي مُٺ ۾ پيڪوڙي 44 صفحن تي ”چنڊ بہ ٽڪر“ جهڙو نفيس ۽ لڙڪن مرڪن جو سنگم سفر نامو لکي ٿو ۽ جڏهن 1984ع ۾ يورپ وڃي ٿو تہ ”ڏوري ڏوري ڏيهہ“ جهڙو وڻندڙ ۽ معلوماتي سفر نامو لکي، سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ خوبصورت اضافو ڪري ٿو.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لينگويج اٿارٽي، شاهہ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، اڪيڊمي آف ليٽرز پاڪستان، سچل چيئر، سچل سرمست يادگار ڪاميٽيءَ سان سالن جا سال واڳيو رهندڙ ۽ سنڌي اديبن جي عظيم تنظيم سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل رهي، سنڌ،سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندڙ ڊاڪٽر تنويرعباسي، ڪافي سيبتن اديبن، شاعرن ۽ عالمن جا مهاڳ، مقدما، پيش لفظ، تعارف لکيا. جيڪي انهن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعرن اديبن لاءِ ڪنهن بہ وڏي اعزاز کان گهٽ نہ آهن، انهن ۾ بردي سنڌي جو" اکڙيون مينگهہ ملهار"، اياز گل جي" سوچون سرها گل" جو مهاڳ، فتاح ملڪ جي شعري مجموعي "ڪنول پاڙون پاتال" جو مهاڳ "نيٺ تہ بالڪ وڏڙو ٿيندو"، يوسف شاهين جو شعري مجموعو" اندر ۾ اُهاءِ ٿيو" ۽ نظام الدين زائر جو "وڻ وڻ تنهنجو واس" جو مهاڳ، رشيد ڀٽي جي افسانن جي مجموعي "ديس سُتو، دل وارا جاڳيا"، رشيد ڀٽيءَ جو "سچل جو مڪتب"، حميد سنڌيءَ جو" آري اڇين شال" جو انوکو اسلوب، "سچل لغات" ڊاڪٽر سنديلي جو پيش لفظ، ڊاڪٽر نواز علي شوق جو "سنڌ جو عطار"، ڊاڪٽر نواز علي شوق جو ئي"سچل سرمست جو طالب فقير صلاح" جو پيش لفظ، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو شعري مجموعو" ڳاڙها هٿ پيلا چهرا" جو مهاڳ، سندري اتم چنداڻي جي ناول "پريت پراڻي ريت نرالي"، تاجل بيوس جي شعري مجموعي "جڏهن پونءَ بٺي" ۽ فقير علي محمد ٿالپر جو مجموعو"رتن انمول" جو مهاڳ، ڊاڪٽر پشپاولڀ جي شعري مجموعي "درياءَ کان پاهر"، تاج بلوچ جي شعري مجموعي "خوشبوءِ جو زهر" جو مهاڳ "تاج بلوچ ۽ فن"، مختيار ملڪ جي خوبصورت شعر ڪتاب"اماس ۾ بہ سوجهرو" جو مهاڳ "مان صدين تائين ڳائيندس"، نجم نور جي ڪلام "اجرڪ ۽ چنڊ جو"، بي باڪ شاعر ايازگل جي مجموعي" دک جي نہ پڄاڻي آ" جو مهاڳ "سچ سياڻي جاڪري"، اختر درگاهيءَ جي ڪنواري مجموعي" شاعري مرڪي پئي" جو"نقش نقاش ثاني" جيڪو ڊاڪٽر صاحب جو ڪنهن ڪتاب لاءِ لکيل آخري مهاڳ آهي، جيڪو اسلام آباد وڃڻ کان ۽ هن جهان مان رخصت ٿيڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ يعني 6 نومبر 1999ع تي ڊاڪٽر صاحب لکيو هو، انهن ۾ اياز گل جي مجموعي"دک جي نہ پڄاڻي آ" جو مهاڳ،45 صفحن تي لکيل رڪارڊ مهاڳ آهي. مهاڳ، مقدما، پيش لفظ اصل ۾ ڪتابن جا آئينا هوندا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن، جنهن ۾ پڙهندڙ پهريان ليئو پائي ڪتاب ۾ عڪس ۽ جوهر پسندو آهي، پر ڏسڻو اهو آهي تہ آئينو ناهيو ڪنهن آهي:

صبح آيو ۽ اميدون آسرا جاڳي پيا
رات وئي ۽ روشنيءَ جا ترورا جاڳي پيا.

ڊاڪٽر صاحب افسانن ڏي بہ رجوع ڪيو، ونڊڪاءُ، ايمان پاءِ ۽ لوئي سندس افسانا آهن، پر پوءِ ڊاڪٽر صرف ۽ صرف شاعريءَ کي پنهنجي خيالن جو ذريعو بڻايو ۽ افسانا نگاري نہ ڪيائين. فهم ۽ فڪر سان پوڻءِ مٺي کي منور ڪندڙ تنوير، جنهن جي نثر ۾ شاعراڻو حسن هو. 1988ع ۾ "ترورا" ڏنو، جنهن ۾ هائيڪو، آزاد نظم،ادب ۽ سائنس، نالا، جديد سنڌي شاعري تي تحقيقي مضمون، شخصيتن تي خاڪا، ڪتابن تي تبصرا ۽ انٽرويو وغيره شامل آهن. هن ئي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب زندگيءَ جي خوبصورت ڏينهن يعني شاگرديءَ واري دؤر جون ايل ايم سيءَ ۾ ساروٽيون ساربون آهن، "منهن تنين مشعل" خاڪن ۽ يادگيرين جو ڪتاب 1990ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي، حيدر بخش جتوئي، پير حسام الدين راشدي، مولانا گرامي، پنهنجي جگري يار رشيد ڀٽي، نسيم ڪرل، راڳ جي راڻي عابده پروين جي زندگي جا عڪس ۽ اولڙا پسايا ويا.

ڊاڪٽر صاحب ترتيب ۽ تاليف جو ڪم ڪيو. 1975ع ۾ "باراڻا ٻول" مرتب ڪيو، "سنڌ جا صوفي بزرگ" مرتب ڪيو، 1981ع ۾ چونڊ سنڌي شاعري نالي ڪتاب ترتيب ڏنو، جنهن ۾ شيخ اياز، گدائي صاحب، حامي، طالب المولىٰ، بردي سنڌي ۽ سليم ڳاڙهوي جهڙن مشهور شاعرن جي شاعري شامل آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر صاحب مختلف موضوعن تي ڪوڙ سارا مضمون ۽ مقالا لکيا، جيڪي اخبارن، مخزنن ۽ رسالن جي زينت بڻبا رهيا، ڪافي ڪتابن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي ڊاڪٽر صاحب تبصرا ڪيا. خاص طور گورڌن محبوباڻي جي ڪتابن پيار ۽ پئسو، آنچل، راتيون ۽ مرجهايل گل تي تبصرا ادب جو سرمايو آهن.

متين سموري ڪم کان وڌيڪ مثانهون ڪم، تنويرصاحب جو آهي، سچل شناسي ۽ لطيف شناسيءَ جو، جو ڊاڪٽر صاحب جو وڏو ڪم آهي.

ڊاڪٽر صاحب سچل سائينءَ جي سلسلي جي ٻن شاعرن جي ڪلام جي تحقيق تاليف ڪئي، جن ۾ هندي، سرائيڪي ۽ سنڌي جي معروف شاعرن خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ جو ڪلام ۽ سنڌي زبان جي سالڪ فقير نانڪ يوسف جو ڪلام 1983ع ڪئي. ڊاڪٽر صاحب جي ڪوشش سان 1980ع کان "سرمست" ڪتابي سلسلو شروع ٿيو، جيڪو اڃان تائين جاري آهي. 1980ع کان 1989ع تائين جا 9 سرمست جا پرچا ڊاڪٽر صاحب پاڻ ايڊٽ ڪيا. سچل چيئر پاران "آشڪار" شروع ڪيائين ۽ سچل سووينيئر جو بنياد وڌائين:

لاٽَ مان ٻي لاٽ ٻرندي، ڦهلجي وئي روشني
تمڪي تمڪي روشنيءَ جا سلسلا جاڳي پيا.

ڊاڪٽر صاحب علي اڪبر درازي ۽ نماڻي فقير جيان سچل جو عاشق هو، هن سچل تي ايترو لکيو آهي، جو شايد ڪنهن ٻئي لکيو هجي. اهو سچل لاءِ ائين هو، جيئن شاهه سائين لاءِ گربخشاڻي، هن سچل سائينءَ جي فن ۽ فڪر تي مختلف رخن کان ڪيترائي مضمون لکيا، جيڪي اخبارن، مخزنن، تحقيقي جرنلن ۽ رسالن ۾ ڇپبا رهيا، انگريزيءَ ۾ Sachal Sarmast مرتب ڪيائين، جنهن ۾ جڳ مشهور عالمن ڊاڪٽر اين ميري شمل، ڊاڪٽر سي شيڪل، ڊاڪٽر ڇيترام پرسرام، ٽي ايل واسواڻي، گرديال ملڪ، پروفيسر ايل ايڇ اجواڻي، امر



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جليل ۽ خود تنوير صاحب جا پُرمغز مقالا شامل آهن. ڊاڪٽر صاحب سچل سائينءَ جا ١٧ قلمي ۽ ڇاپي نسخا اڳيان رکي، سچل سائينءَ جي سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام تي تحقيقي ڪم ڪيو، جيڪو تقريبن 95 سيڪڙو مڪمل حالت ۾ ان اميد سان موجود آهي، ته سچل چيئر ان کي ضرور ڇپرائي پڌرو ڪندي.

مان تنوير به آهيان سائين، مان تنوير به ناهيان
پنهنجي پياري کي پهچڻ لئه، ڇا ڇا ٿيندو آهيان

لطيف سائين ڪائنات جو وڏي ۾ وڏو سچ آهي، ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ ايچ ٽي سورلي هن سچ کي سڄ جيان ادب جي افق تي پڌرو ڪيو، هن جي روشنيءَ مان لاڀ وٺڻ لاءِ ڪيترن عالمن، ڏاهن، اڪابرن ڪوششون ڪيون، مقدس صحيفي جهڙي شاهه جي ڪلام کي ”شاهه جو رسالو“ جا ڪيترائي نسخا مرتب ڪيا، شرحون لکيون، معنائون ڏنيون، مقدما لکيا ۽ پنهنجي پنهنجي حساب سان ”شاهه“ سمجهايو، ڪن شاهه صاحب تي روحانيت جا غلاف چاڙهيا، ڪن شاهه صاحب جي پنهنجي پنهنجي نظريي پٺاندڙ تشريح ڪئي، ڪن شاهه صاحب جي ڪلام کي قرآن پاڪ جو تفسير ۽ ڪن مثنوي روم جو ترجمو قرار ڏنو. ڪن استادن، لطيف سائينءَ جي هر شعر جون ٻه ٻه معنائون شاگردن کي پڙهايون، لطيف سائين جي بيتن ۽ واين تي ڪوٺن جا ڪوٽ چاڙهيا ۽ عام ماڻهو جي پهچ کان پري ڪرڻ جا جتن ڪيا، ضيائي دؤر ۾ هڪ تنظيم طرفان سکر ۾عالمي لطيف ڪانفرنسون ڪرائي، لطيف کي مڪمل مذهبي پرچارڪ شاعر قرار ڏيڻ جون ڪوششون ڪيون. ڪيترن شاهه جي ڪلام تي روزگار ڪيو، ڪيترن پي ايڇ ڊي ڪئي، اهڙي صورتحال ۾ نفيس طبع، نازڪ سپاءِ ماڪ ڦڙي جهڙي شفاف ذهن ۽ مکڻ جي چاڻي جهڙو من



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رڪندڙ سنڌ جي تنوير، لطيف سائينءَ جي ڪلام تي نئين زاويي سان ڪم ڪري "شاهه لطيف جي شاعري" لکيو. جنهن سان شاه جي شيدائين کي نيون معنائون، نئون گس مليو. ٽن جلدن تي مشتمل هن فڪري ڪاوش ۾ ١٢ مختلف مقالا آهن، جن ۾ تنوير، شاهه جي حقيقي ۽ جمالياتي پيغام کي اجاگر ڪيو. شاهه صاحب جي شاعريءَ جو ادبي منظر ٻڌايو. شاهه جي شاعريءَ تي پوندڙ اثرن، آڳاٽن سنڌي شاعرن، هندي ڪلاسيڪل شاعري، هندو ۽ مسلمان شاعرن جي ڪلام جو شاه سائين تي اثر کي واضح ڪيو ۽ ڄاڻايو تہ شاهه صاحب ڪيئن پنهنجي ذهن جون دريون کليل رکيون ۽ مطالعي، مشاهدي کي جاري رکي سنڌ جي ماحول ۽ مزاج جي مطابق مختلف ڌارائن، مذهبي مقامي ۽ سماجي روين، ڏکڻ ايشيا جي ڪلاسيڪل شاعري ۽ فارسي عربي شاعري جي ميلاپ سان لافاني ۽ حسين شاعريءَ کي وجود ۾ آندو. ڊاڪٽر صاحب، شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ آندل سماجي مذهبي ۽ اخلاقي قدرن ۽ انهن جي تبديليءَ تي روشني وڌي ۽ واضح ڪيو تہ لطيف ڪيئن ڪوڙن سماجي قدرن کي رد ڪيو. ڊاڪٽر صاحب، شاهه سائينءَ جي عوامي شاعري، عوامي ٻولي، عوامي لهجي ۽ شاعريءَ ۾ موسيقي تي وڌي معلومات ڏني، شاهه صاحب جي عڪسي ۽ اهڃاڻي شاعريءَ تي ويچار ونديا، روحانيت جا غلاف هٽايا. مختلف سُرن ۽ داستانن مان چونڊ عڪسي شعر ڏئي پڙهندڙ کي لطف ۽ ساڃاهه ڏني ۽:

سنهين لڪ، نڪ سنئين، ڪجل ڀنا نيڻ
سامونڊي مون سيڻ، ڪہ تو ڪالهه لنگها

جهڙا شعر روحاني ۽ باطني معنيٰ واري ڇيد ڪان بچايا.
"شاهه لطيف جي شاعري" تحقيقي ڪتاب جا ١٢ ئي مقالا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهہ صاحب تي ڪيل پي ايچ ڊي وارن سينني مقالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ معلوماتي آهن، جن سان لطيف سائينءَ جي شاعري ۽ ان جي حقيقي جوهر، مزاج، پيغام ۽ حسن کي سمجهي، پسي، پرکي ۽ پروڙي سگهجي ٿو.

ايڏي وڏي محنت ۽ پيار پريي پورهيي کان پوءِ بہ نياز ۽ نوڙت جو هي نرمل مجسمو چئي ٿو تہ:

نہ ڪو مان خدا ۽ نہ ڪو مان رسول
مان تنوير آهيان پوان شل قبول



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ آفاقيت

• ايسپ جي آکاڻين ۾ هڪ جوان جماڻ، ملوڪ مهانڊن واريءَ ڇوڪريءَ جو ذڪر آهي، جيڪا شهر کان پري رڻ پٽ ۾ اڪيلي اڪيلي، اڪيون هيٺ ڪري ويٺي هئي، نڪو هوس اوهي، نه واهي، اوچتو ڪو سپاجهو جوان اتي اچي نڪتو، جنهن سندس دل ورتي ۽ پڇيائينس ته: ”تون ڪير آهين؟“ هن وراڻيو ته: ”منهنجو نالو سچ آهي“. جوان وري پڇيس ته: ”هتي اڪيلي، اکيون هيٺ ڪري ڇو ويٺي آهين، شهر ۾ ڇو نٿي هلين؟“ تنهن تي هُن وراڻيو ته: ”جڏهن مان شهر ۾ رهندي هيس تڏهن ڪُوڙ رڳو تورن ماڻهن وٽ هوندو هو، جڏهن سڀني ماڻهن مون کي ڏڪاري ڇڏيو ۽ ڪوڙ کي پاڻ وٽ رهايو تڏهن مان شهر ڇڏي هلي آيس.“

صديون گذري ويون آهن، سچ ڪالهه به وڏو ڏوهاري هو ۽ سچ اڄ به وڏو ڏوهاري آهي ۽ سچ سپاٽي به مها ڏوهاري رهندو، ڇو ته سچ ۾ هڪ طاقت آهي، جيڪا ڪوڙ کي رولي ڇڏيندي آهي ۽ ڪوڙ ڪڏهن به نه چاهيندو آهي ته، هُو سچ جي ڪري رُلندو ۽ ڏڪاربو رهي، انڪري ڪوڙ پاڻ جهڙيون طاقتون گڏ ڪري سچ کي آباديءَ کان نيڪالي ڏيندو آهي. سچ کي تورائي قبول ڪندي آهي. شاعر به تورائيءَ ۾ هوندا آهن، ڇو ته شاعرن کي سچ وڻندو آهي. جيئن سچ کي اڪيلائي وڻندي آهي، تيئن شاعرن کي به اڪيلائي وڻندي آهي.

بدلائي ڇڏيندي هيءَ دنيا او پرين توکي
جي تو ڪري همت هن دنيا کي نه بدلايو (1)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آفاقيت اهائي آهي، جنهن ۾ دائمي قدر آهن. دائمي قدر، هر خطي جا ساڳيا هوندا آهن، اهو خطو ايشيا جو هجي، آفريڪا جو هجي يا ڪٿي يورپ جو هجي. پيار، محبت، امن، درد، وڇوڙو، خوشي، ميلاپ، سچ، ڪلڻ، روئڻ ۽ انسان کي خوشيون ڏيندڙ لمحا، انهن جي پل شڪل صورت ڪهڙي بہ هجي، انهن جي خوش ٿيڻ يا رنج ٿيڻ جا ذريعا پل ڪهڙا بہ هجن، پر دائمي قدر هڪجهڙا آهن. محبوب ملڻ سان هر ماڻهو خوش ٿئي ٿو. محبوب جو وڇڙڻ هر ماڻهوءَ کي رنجيدو ڪري ٿو. ٻين کي خوشيون ڏيندڙ انسان صرف پاڻ تائين محدود نٿو رهي، پر ان جو اهو عمل ٻين خطن جي انسانن تائين پکڙجي وڃي ٿو. هڪ اديب، دانشور، شاعر، رانديگر، سماج سُڌارڪ، اداڪار، راڳي وغيره جڏهن پنهنجي عمل وسيلي منظر عام تي اچي ٿو، تڏهن لکين، ڪروڙين مختلف خطن جا انسان، ان سان ان عمل وسيلي پيار ڪن ٿا. اهڙي شخص سان پنهنجون محبتون وابستا ڪن ٿا. انهن جي هر چُرپر کي نوٽ ڪن ٿا ۽ انهن کي آئيڊيل بڻائن ٿا. اِهي شيون انسان جي فطرت ۾ شامل آهن ۽ فطرتي شيءِ آفاقي هوندي آهي. دائمي ۽ لافاني روين کي قومن جا ڏاها انسان واڪاڻيندا آهن، جيئن معاشرو وڏيڪ انسان دوست ۽ سونهن ڀريو ٿي پوي:

جڏهن بہ دوست ٿا، توسان ملڻ جا ڏينهن اچن
لڳي ٿو چڻ تہ گلن جي ٽِڙڻ جا ڏينهن اچن (2)

ٻيا سيئي داغ ڌوپجي ٿا وڃن
درد جو داغ ڌوپجي نہ سگهي

تنويرعباسي، روشني هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي روشنيءَ مان ٻيون روشنيون پيدا ڪيون. هُن پنهنجي روشنيءَ مان ڪيترائي ڏيئا ٻاريا، جن جي روشنيءَ مان تنوير جي روشنيءَ جهڙي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روشني محسوس ٿيندي رهي ٿي. روشني اڳتي وڌائڻ جو جذبو خود تنوير ۾ موجود هو. سندس لفظ آهن تہ: ”جي پنهنجي ڏکندڙ ڏيئي جي وسامڻ کان اڳ ۾، ان جي لاٽ مان ڪي ٿورا ئي ڏيئا ٻاري سگهيس، تہ منهنجو جيئڻ سجايو ٿيو“.(3)

لهرون ٿي ۽ هنج ۾ پنهنجي، چانڊوڪيءَ کي لوڏيون
بادل ٿيون ۽ اُپ ۾ چنڊ جي، مُنهن کي لڪايون ڪوليون
اڄ تہ چڪور جيان من کي، پنهنجي هاٿي چنڊ ڏي اڏايون
آ چنڊ سان راند رچايون!

هيرَ ٿي ۽ پريات جو، پنهنجون جهوليون ڀريون خوشبوءِ سان
ماڪ ٿي ۽ ڪي رنگ چورايون، مکڙين جي تہ گلن تان
ڀونئر ٿي گل گل جي چوڌاري ڦيرا هر هر پايون
آ گلڙن سان لنؤ لايون!

(تنوير چئي ص 89)

تنويرعباسيءَ جي آفاقي قدرن واري شاعريءَ بابت ،سندس ئي همعصر ۽ وڏو شاعر نياز همايوني هن طرح ويچاري ٿو: ”تنوير روايتون ٽوڙيندڙ ۽ جدت پسند شاعر آهي، جن جي شاهدي سندس نظم ٻيجل ڏانهن، سسئي ڏانهن، سهڻي ڏانهن، مارئي ڏانهن، نئين مارئي، ڀنائي ڏانهن، موهن جو دڙو ۽ نئون دستور وغيره ڏيئي رهيا آهن.“

آفاقيت جو تصور اهوئي شاعر پيش ڪري سگهي ٿو، جنهن وٽ جدت آهي. رتيل پٽيل گسن تي هلندڙ شاعر، پنهنجي موت سان گڏ پنهنجون لڪيون بہ گڏ دفن ڪرائيندا آهن.

آفاقيت پسند شاعر ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين جا دوست هوندا آهن. هُو ڌرتيءَ جي سچائين جي اُپٽار ڪندا آهن. هُو ڌرتيءَ جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سونهن ۽ ڌرتيءَ واسين جي خوبصورتيءَ کي واڪاڻيندا آهن، جو تہ انهن جي واکاڻ ۾ ئي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ واسين جي بقا جو دارو مدار آهي. چڱائي، چڱائيءَ کي جنم ڏيندي آهي. سونهن مان نئين سونهن نپجي آهي. مثبت سوچون، چڱن معاشرن جو شيوو هونديون آهن. سٺا معاشرا، چڱاين جو وڏيڪ ۽ اثرائتو ڦهلاءُ ڪندا آهن.

هن جڳ ۾ سيڪو تڏهن ئي رهڻي سگهي ٿو، جڏهن الفت جو وهنوار هوندو، جيڪي سڪ وارا هوندا آهن، اُهي زماني کان هٽي ڪري سوچيندا آهن. جيڪي روشني پکيڙيندڙ ماڻهو هوندا آهن، اُهي وات ڏسيندا آهن. انهن جو ڳالهائڻ خوشبودار گل جهڙو ٿيندو آهي، اهڙن ماڻهن لاءِ انسان چاهيندو آهي تہ اِهي سدائين ڳالهائيندا رهن.

مُرڪ جي ڪابہ قيمت نہ ٿيندي آهي، اُهي ابوجهہ ۽ بي عقل آهن، جيڪي مرڪ جي قيمت کي ڪٿڻ جو سوچي رهيا آهن. عشق کان وڌي ڪا اوچائي نہ آهي، پيار کان سواءِ باقي هر شيءِ هيٺ ڪِريل آهي.

اهڙن گٽن وارن انسانن کي ڏسندي ئي تنوير انسان پرستي سکيو:

جيئڻ سڀ جو جڳ ۾
الفت جي آڌار
ڪڻ اکيون کِلُ يار تون!
سڪ وارن جي سوچ آ
دين دنيا کان ڌار
ڪڻ اکيون کِلُ يار تون!

(ساجن سونهن سُرت، پهريون ڇاپو 1996ع ص - 16)

بسنت جهڙو سپرين، جنهن جو
گفتو گفتو گل



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مورک ماپن تا موتين سان
تنهنجي مرڪ جو مُل

(ڪتاب: ساڳيو، صفحو 18)

عشق سوا اوچائي ڪانهي
پيار بنا سڀ پستي يار

(ڪتاب ساڳيو، صفحو 26-25)

توکي ڏسندي ئي تنوير
سِکيو انسان پرستي يار

آفاقيت، دائميت ۽ ڪلاسيڪيت جي لاءِ لطيف سائينءَ جو بہ بيت آهي تہ :

وڪـــر ســـو وهــاءِ، جو پـئـي پُـراڻـو نـہ ٿـئـي
ويــچـيـنـدي ولات ۾، ذرو ٿـــئـي نـہ ضـــاءِ
ســاڪــا هــڙ هـلاءِ، آگِ جنـهـنـجي اُبـهِيــن (4)

(سُر سري راڳ، داستان ٿيون، بيت 2)

ساڳين ئي خيالن جو تسلسل تنوير عباسيءَ وٽ بہ آهي. هُو بہ دائمي ۽ آفاقي قدرن جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح سان ڪري ٿو:

ڪوماڻل گل تي
پوپٽ ايندو ناهي!
اُجڙي جيڪي باغ ويا
انهن باغن ڏي
پوپٽ ايندو ناهي!

(ساجن سونهن سُرت، صفحو 28)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توکي چاهيان ٿو ان لئہ ٿي
جيون کي مان چاهيان ٿو

(ڪتاب ساڳيو، صفحو 29)

پيار نہ آ واپار ڪو
ڪوئي زيان نہ سُود
جي آهيان موجود مان
آهي حق موجود
تون پي لا محدود ۽
مان پي لا محدود

(ڪتاب ساڳيو، صفحو 30)

ڪنهن بہ شيءِ جو مسلسل ورجاءُ بور ڪري ڇڏيندو آهي، ان جي ڪري وقت بوقت هر شيءِ ۾ نواڻ پيدا ڪئي ويجي ٿي. جنهن بہ شيءِ ۾ نواڻ جي گنجائش ناهي، اها پاروتي شيءِ مثل آهي، جنهن جو رنگ تہ ساڳيو هوندو پر، سواد ۾ تازگي نہ هوندي. ڊاڪٽر تنوير عباسي بہ هر شيءِ ۾ نواڻ ۽ تحرڪ جو قائل هو. دائمي قدرن کي نئين ۽ وڻندڙ انداز سان پيش ڪرڻ خود هڪ وڏي ڏات آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي اهڙي ڪوشش جو ثبوت سندس هيءُ گيت بہ آهي:

آءُ تہ پنهنجي سُرَ کي مَٽايون
هن جڳ کي بدلايون
راڳ پراڻا آلاپيندي
پنهنجي دل پي پرجي ويئي
ساڳي سُرَ تي ڪَن لائيندي
خلق خدا جي ٿڪجي پيئي
ساز نوان کي آئيون پيارا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راڳ نـــوان ڪـــي ڳايـــون
ســـازَ ۾ ســـوز ســـمـــايـــون

چارڻ چوري چنـگ تـــڪـي پـيـــا
پـــر نـــه مـــلـيـــو ڪـــو سرَ جو دان
گـيـت مـري ويـا سـاز پـڄـي پـيـا
چُپ ٿـي ويـو هـي ســـارو جهـــان
بـــڻــي جي سِر جي آ جي ضــــرورت
پـــنـــهـــنـــجي سِرَ ڪـــي ودايـــون
سِرَ جو ســـانــگـــو لاهـــيـــون

لـڙڪ وسـائـي وسـائـي تـڪـاسـيـن
پـــر نـــه وســـائـــي دل جي آڳ
ســارنـگ ڳـائـي ڳـائـي تـــڪـــاســيـــن
هـــاڻـــي ڳاءِ نـــئـــون ڪـــو راڳ
سُرَ ۾ ســـمـــائـــي آڳ انـــدر جي
آءُ تـــه ديـــپـــڪ ڳايـــون
آءُ تـــه بـــاهـــه دُکـــايـــون

(ڪتاب"تنوير چئي"، صفحو 90)

تنويرعباسيءَ جي شاعريءَ جا احساس پنهنجي الڳ دائمي معنيٰ رکن ٿا. هُو شاعريءَ جي روح کان واقف هو. هُو شاعريءَ جي آفاقيت واري احساس جي ڄاڻ رکندڙ شاعر هو. پنهنجي ڪتاب جي ارپنا ۾ اهڙن ئي آفاقي احساسن جي اُپٽار ڪئي اٿائين:

”چيـــٽ جي پـهـــريـــن ڦـــوٽـهـــڙي جي نـــالـــي
ســـانـــوڻ جـــي پـهـــرئـيـــن وســـڪـــاري نـــانءِ
مـنـد بـسـنـت ۾ ٽـڙنـدڙ پـهـريـنءَ مـکـڙيءَ نـالـي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نئين چاول جي پهرئين پهرئين ساهه جي نانءِ

گليشيئر مان، سانوڻ جي اُسَ سان ڳڙندڙ پهرئين ڦُڙي جي نانءِ
نئينءَ ڪنوار جي ڳل تي، پهرئين هٿ ڇُهاءَ سان ايندڙ سرخيءَ نانءِ
پهرئين قوم پرست جي هاريل، پهرئين رتُ ڦڙي جي نانءِ
پيڙيل قوم جي پهرئين بي اختيار ۽ باغي نعري جي نالي
تنهنجي نانءِ
جنهنجو ڪوئي نالو ناهي، سيئي نالا جنهن جا آهن".
(ڪتاب ساڳيو، "ارپنا")

آفاقي قدرن جي شاعرن وٽ اميدون ۽ اتساهه ٿيندا آهن. هُو ايندڙن لاءِ پيچرا ناهي اُتي قسمين قسمين گُل پوکيندا آهن، جيئن ايندڙ، پيچرا ۽ خوشبوءِ ڏسي رستا پُلجي نه سگهن. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ به ايندڙن لاءِ رستا گهڙيا، نون لکندڙن لاءِ اتساهه جو سبب بڻيو، هن ہئي جي اچڻ لاءِ رستا بند نه ڪيا پر وِڻيون ڇڏيون. جيئن ايندڙ سولائيءَ سان ان ئي رستي تي اچي ۽ پنهنجو مقام ٺاهي. تنوير عباسي، نئين نسل سان محبت ڪندڙ شاعر هو. هُن جون ڳالهيون اتساهه جو سبب بڻبيون هيون. نوجوان هن وٽان نئون اتساهه کڻي اُٿندا هئا. نوجوان، جيڪي نه صرف معاشري جو مستقبل آهن، پر اُهي ٻولي ۽ ادب جو به مستقبل آهن ۽ اِهي نوجوان ئي آفاقيت جو تسلسل پڻ آهن:

منهنجي جيون جي مقصد کي مون کان اڳتي نيندو
ايندو ساجن ايندو
آءُ تہ ماضي آهيان سائين، هُو مستقبل ٿيندو
ايندو ساجن ايندو.
(ساجن سونهن سُرت، صفحو 34)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حوالا ۽ مددي ڪتاب

1. "تنوير چئي" تنويرعباسي. پهريون ايڊيشن 1989ع
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي: صفحو 155

2."ساجن سونهن سرت" تنويرعباسي. پهريون ڇاپو
1996ع. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. صفحو 38

3. "رڳون ٿيون رباب" تنويرعباسي. پهريون ڇاپو 1959ع

4. "شاهه جو رسالو" ڪليان آڏواڻي. سنڌ تحقيقي بورڊ
حيدرآباد. ڇاپو ٻيو 1991ع. صفحو 64



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قدير انصاري

# تنوير عباسي ۽ سندس ڪجھ اهم ڪم

• دنيا جي ٻين پراڻين ٻولين جي برعڪس سنڌيءَ ۾ سرجيل ادب جي تاريخ ڪا گھڻي پراڻي ڪونهي. قديم وقتن جي بجاءِ ماضي قريب ۾ تخليق ٿيل ادب ئي سنڌي ٻوليءَ جي مٿي تي موڙ ٻَڌا آهن. سما، ڪلهوڙا، ٽالپر ۽ انگريز دؤر سنڌي ادب لاءِ سٺا وقت رهيا آهن. جيڪڏهن نيڪ نيتيءَ سان جائزو ونجي ته، انهن وقتن ۾ به ادب ڪن ادارن يا تحريڪن جي اثر هيٺ تخليق نہ ٿيو ۽ فنڪار انفرادي طور تي ئي ادب ۽ ٻوليءَ جي بقا ۽ بهتريءَ لاءِ ڪم ڪندا رهيا. پراڻن وقتن ۾ قاضي قاضن، شاهه ڪريم، شاهه لطيف، قليچ بيگ ۽ 20 صديءَ جي وقت ۾ شيخ اياز ۽ تنوير عباسيءَ جهڙا فنڪار سنڌي ادب جي مکيہ ڌارا جا اهم ڪردار رهيا آهن.

تنوير عباسي به، اياز ۽ قليچ بيگ وانگر هڪ اهڙي ادبي شخصيت آهي، جنهن پنهنجي گھڻ رخي ڪم ۽ صلاحيتن جي باعث پنهنجي حيثيت هڪ "گُروءَ" واري ناهي ورتي آهي. سندس ذهن ساڳئي وقت ادب، ڊرامي ۽ موسيقيءَ ۾ ايترو مصروف رهيو، جو ان ڳالهه جي ڪَٿ ڪرڻ مشڪل هئي تہ هو بنيادي طور تي ڪهڙي فن جو ماڻهو هئو. توڙي جو سندس سڃاڻپ هڪ شاعر، تحقيق ڪندڙ عالم ۽ نثر نگار جي هئي، پر ڪوبہ موسيقيءَ ۽ مصوريءَ جو پارکو ۽ ڄاڻو تنوير عباسيءَ کي ۽ سندس معلومات کي سطحي چئي نہ سگھندو.

هڪ ڪامياب لکندڙ جي حيثيت ۾ تنوير نثر جي مختلف صنفن ۾ لکيو ۽ تحقيق ڪئي. سندس لطيف شناسيءَ جو ڪير شيدائي ناهي. هن لطيف تي ٿيندڙ تحقيق کي هڪ نئون انداز ۽ رخ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏنو ۽ لطيف جي جمالياتي پاسي کي ايترو تہ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو جو، روحاني رمزون سمجهڻ وارن کي بہ سندس تحريرون ۽ ترڪيبون پڙهڻيون پئجي ويون. تنوير عباسيءَ جو سچل، نانڪ يوسف ۽ خوش خيرمحمد فقير تي ڪيل ڪم بہ ڪو عام رواجي ڪم نہ هيو. تنوير صاحب کي اڄ ڪلهہ جي مروج ”ڪم ٽپايو“ طريقي واري تحقيق ڪان بہ چڙ هوندي هئي. هو ڪنهن بہ تحقيقي ڪم کي ايمانداري ۽ سؤ سيڪڙو سچائي سان ڪندو هئو. تحقيقي ڪم ۾ سندس رويو آبجيڪٽو ۽ تخليقي ڪم ۾ سبجيڪٽو هئو. تنوير صاحب محنت ڪري حقيقتون گڏ ڪيون، انهن جي صالح هجڻ بابت پڪ ڪئي ۽ بعد ۾ نتيجا ڪڍيا. تنوير عباسيءَ جي هڪ شاگرد ڊاڪٽر انورفگار هڪڙي، ڪيس هڪ اهڙو استاد ڪري ليکيو آهي، جيڪو تحقيق جي ڪم ۾ رتي برابر ڪوتاهي بہ برداشت نہ ڪندو هئو ۽ ان ڪم جا سڀ مروج اوزار استعمال ڪرڻ جي حق ۾ هيو. اهو ئي سبب آهي جو اهي سڀ عالم جيڪي تنوير صاحب جي هٿ هيٺ ڪم ڪندا رهيا، انهن جا ڪم عام رواجي يا ٻہ نمبر نہ آهن بلڪ سندن تحقيق سندن استاد جي ڪم وانگر اڇي اُجري رهي.

تنوير عباسيءَ سنڌي تنقيد ۾ بہ گهٽو ۽ سٺو ڪم ڪيو آهي. هن جيڪي بہ تبصرا ۽ ڪتابن تي مهاڳ ۽ پيش لفظ لکيا، سي سنڌي تنقيد کي نئين دڳ لائڻ جي ڪوشش هئا. اياز گل جي ڪم تي تنوير عباسيءَ جو لکيل تبصرو، فقط هڪ مهاڳ ئي نہ آهي پر، هڪ دؤر جي شعر تي لکيل هڪ اهم دستاويز بہ آهي. تنوير صاحب جو هڪ اهم ڪم سنڌي زبان ۾ جاپاني صنف هائيڪو تي لکيل جامع تعارف بہ آهي، جنهن ۾ هن هائيڪو تي فني ۽ مزاجِ جي اعتبار کان جامع تبصرو ڪيو، ان جي جامع اپٽار ڪئي ۽ آخر ۾ هُن پڙهندڙن تي ڪو زور بارُ نہ وڌو تہ، فقط سندس چئي کي آخري لفظ سمجهي ويهي رهجي. نتيجي طور سنڌيءَ ۾ پين شاعرن بہ هائيڪو لکيا ۽ ان صنف تي ڪجهہ ٻيا اهم مضمون بہ ڇپيا. جيتوڻيڪ سنڌي تنقيد ۾ اهڙا ٻيا بہ ڪم ٿيڻ گهربا هئا، جيڪي صحتمند بحث جو سبب بڻجن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ها پر، ائين گهٽ ئي ٿي سگهيو. تنوير عباسي ادب ۽ آرٽ جو نہ فقط علمي پر عملي نقاد پڻ هئو. 70,60 ۽ 80ع جي ڏهاڪن ۾ جيڪو بہ ترقي پسند ادب ڇپيو، تنوير ان کي جيئن جو تيئن Own نہ ڪيو پر، هن انهن سڀني رجحانن جي مخالفت ڪئي، جيڪي Irrational هئا ۽ ادب ۾ فني قدرن کي پائمال ڪرڻ جو سبب بڻيا. تنوير جو خيال هئو تہ ڪابہ صنف پنهنجي فني گُهرجن، پنهنجي خاص مزاج ۽ موضوعاتي سٽاءَ ڪانسواءِ اڻپوري آهي، جيئن غزل بغير تغزل ۽ رديف قافئي جي ۽ نظم بنا خيال جي تسلسل جي. هو ترقي پسند هو ۽ بهتر انداز ۾ سوچيندو ۽ عمل ڪندو هو. تنوير وٽ پرکڻ ۽ ورتاءُ ڪرڻ جا پنهنجا ماڻَ ماپا هئا.

تنوير عباسيءَ جي نثر جا نسبتاً تفريحي پاسا سندس سفرناما ۽ شخصي خاڪا آهن. خاص طور تي سندس ماڻهن ۽ ڪردارن تي لکيل نثر، سنڌي زبان ۾ لکيل ڪجهہ بهترين نثري لکتن منجهان آهي.

تنوير عباسي ادب ۾ Rationalist هئو، Realist هئو، توازن پسند ڪندو هئو. هو پسند ڪندو هئو تہ ليک جنهن بہ صنف ۾ لکجي ان جون سڀ گهرجون پوريون هجن ۽ ان جي مزاج وٽان هجن. مثلاً هائيڪو ۾ منجهيل خيال نَہ پر واضح تصوير جي گُهرج آهي ۽ غزل ۾ تغزل لازمي آهي، جيڪو ڪيس حَسين ڪندو ۽ جي غزل خوبصورت نہ هوندو تہ پيو ڪير هوندو؟

ٿامس اسٽرن ايليٽ لکيو تہ: ”جيڪي ڪجهہ لکجي چڪو اهو روايت آهي ۽ جيڪي ڪجهہ ان روايت ۾ نہ آهي، اهو روايت ۾ اضافو آهي“. تنوير عباسيءَ کي ان معيار تي پرکجي تہ هو ايترو شاندار ليکڪ ٿي سامهون ايندو، جنهن ۾ روايت وَس ويندي نہ ملندي ۽ جيڪا شيءِ ملندي، سا سندس انفرادي صلاحيت يا Individ-ual Talent هوندي.

□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تنوير ۽ تخليق جو خاموش شهر

• ميرواهہ جي ڪناري خاموشيءَ وچان ڪڙو تيل "سرمد جو گهر" ۽ هن شهر جا نوجوان شاعر، اڄ بہ انهيءَ انتظار ۾ آهن تہ، هڪ ڏينهن اوچتو تنوير پنهنجي واعدي مطابق خيرپور ۾ هليو ايندو ۽ سڀني کي حيران ڪري ڇڏيندو. ٽالهيءَ جا اهي وڻ جيڪي هيلوڪي سياري ۾ ميرواهہ جي ڪناري سان ڪجهہ وڌيڪ سوڳوار ٿي ويا هئا جيتوڻيڪ تنوير جي "هائيڪوز" ۾ صدين تائين ساهہ کڻندا پر، انهن ڪاغذن جو ڇا ٿيندو جيڪي تنوير پنهنجي ٽيبلن تي اڌ ۾ ڇڏي اُٿي هليو ويو؟

ڪجهہ ڏئي وڃڻ ۽ ڪجهہ نہ کڻي وڃڻ جي ڳالهہ ڪندڙ تنوير، جيتوڻيڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ تضادن کان پري پري رهيو مگر سندس وڇوڙي کان پوءِ سندس وصيت، هڪ عجيب تضاد وانگر اُڀري آئي ۽ انهيءَ تضاد جو تڏو ان وقت ڪچي ڇڪو، جڏهن خيرپور ۾ "سرمد جو گهر" مان، تنوير جي مَرتئي جو تڏو ڪنيو ويو. تنوير جي وصيت رڻ ۾ رُلي وئي ۽ اسلام آباد جي پٿريلي زمين جو مانُ مٿاهون ٿي ويو.

تنوير، لطيف جي شاعريءَ تي هڪ نئون Vision ڏنو ۽ ان کي نہ صرف هڪ نئين Angle کان ڏنو پر اسان سڀني کي پڻ ڏيکاريو. هُن ساجن، سونهن ۽ سُرت جي فلاسافيءَ کي جهڙي طرح ڊفائن ڪيو، اهو صرف هُو ئي پئي ڪري سگهيو. تنوير، لطيف ۽ سچل کان پوءِ خوش خير محمد فقير ۽ نانڪ يوسف جي اکرن کي اڏوهيءَ جي وات مان ڪڍي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايو. تنوير، چار مضمون لکي هنيوچيون هٽڻ ۽ ادب جي خدمت جو پٽڻو پٽڻ وارن مان بہ نہ هيو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُن بلڪل ايئن خاموشيءَ سان ڪم ڪيو جيئن هُو خاموشيءَ سان مسڪرائيندو هيو. يا جيئن خاموشيءَ سان سگريٽ پيئندو هُيو. گلن، پوپٽن، ٽانڊاڻن، ناسي اکڙين ۽ جهرمر ستارن کي پنهنجي شعرن ۾ پينٽ ڪري ڇڏيندڙ شاعر تنوير، انهن شاعرن مان بہ نہ هيو جن لاءِ شاعر چيو آهي تہ:

شـعــر ريڙهـيءَ تـي هُيــن ۽ وڏا هـوڪـا هُيـا
جن کي شاعر ٿي سڏيئون سي تہ گهوريئڙا هيا.

هو تہ مختلف Getherings ۾ نارائڻ شيام جا اهي لفظ ورجائيندو هو تہ: "شاعر ريس ڪورس جا گهوڙا ناهن ٿيندا". تنوير سنڌي شاعرن جي Ranking واري راڳڻيءَ ۾ سُر نہ مِلايو ۽ ائين هُو بلڪل الڳ ٿلڳ پنهنجي ذات ۾ Unique قسم جو شخص رهندو آيو تہ (عظمتن جو تعين، عهدا، اسٽيج ۽ اخباري ڪالم ناهن ڪندا اُهي تہ دلين جي زمينن مان ڦُٽي نڪرنديون آهن.)

ڊاڪٽر تنوير سنڌي ادب ۾ ڪثرت سان استعمال ٿيندڙ لفظ، Generation gape جي مَٿان cross ڏئي، انهيءَ مشڪري ٻٽجي ويل لفظ جي اهميت وڃائي ڇڏي. Youngsters کي پيار سان پڙهڻ، ڪين پيار سان ٻُڌڻ کان وٺي ڪين شفقت ڀريون صلاحون ڏيڻ تائين، ڊاڪٽر تنوير جوسياءُ نيري آسمان جهڙو ئي آهي.

دنيا۾ سرجندڙ ماڊرن لٽريچر کان وٺي ڪلاسڪس تائين تي هڪ جيتري نظر رکندڙ ڊاڪٽر تنوير ڪڏهن بہ ڪنهن اداري جي ڦرٽي ڪرسي حاصل ڪرڻ لاءِ Musical chair game ۾ حصو نہ ورتو ۽ جڏهن ويجهي ماضيءَ ۾ سندس آڏو اهڙي صورتحال جا رستا اچي ويا تہ، هن هڪ اهڙي سُنسان رستي جي چونڊ ڪئي، جِتي هونئن تہ خاموشيءَ جو وسرام هُيو پر، انهيءَ خاموشيءَ جي ڀِئي ڇيڙي تي تخليق جو هڪ سمنڊ جيڏو شهر آباد هُيو. تنوير تخليق جي خاموش



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شهر جو حصو بڻجي ويو، ڦرڻيون ڪرسيون پريشان، وائڙيون، پنهنجي direction وڃائي ويهي رهيون.

چالڻ تون تنوير، ايئن هليو وئين اوچتو؟
مورک تنهنجي رُوح کي، ڏين وينا جهيرَ
ائين هليو وئين اوچتو.

تون جي ڏٺا خواب ها، ڪاٿي آ تعبير؟
ائين هليو وئين اوچتو.

واھُ وهي ٿو ماٿِ ۾. تنهنجي جڳ تحرير
ائين هليو وئين اوچتو.

چالڻ تون تنوير. ائين هليو وئين اوچتو.
چالڻ تون تنوير. ائين هِليو وئين اوچتو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تنوير عباسيءَ جي انقلابي شاعري

• جڳ مشهور ليکڪ ۽ نقاد، ٽي.ايس.ايليٽ جي هڪ مضمون جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، محترم محمد ابراهيم جويو صاحب لکيو آهي: ”اها ڳالهه ڪا خاص اهميت ڪونه ٿي رکي ته ڪنهن شاعر جي چاهيندڙن جو حلقو سندس حياتيءَ جي دؤر ۾ وسيع هو يا نه. اهم ڳالهه اِها آهي ته هر نسل ۾ هميشه هُن جي چاهيندڙن جو ڪجهه نه ڪجهه حلقو موجود هجي“. (١) شاعريءَ جي اهڙي ڪوالٽي تي جڏهن اسين ورهاڱي بعد جي جديد سنڌي شاعريءَ جو اڀياس ڪريون ٿا ته اسان ڪي، اهڙا ڪيئي شاعر نظر اچن ٿا جن جو جديد شاعريءَ جي اُوسر ۾ پنهنجو پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيل آهي. جن مان هڪ اهم ۽ بنيادي شاعر طور ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو نانءُ به آهي، جنهن وٽ پنهنجي همعصر شاعرن ڪان وٺي نئين ٽهيءَ جي نمائنده شاعرن تائين چاهيندڙن جو هڪ وڏو حلقو هر دؤر ۾ رهيو آهي. تنوير جي ادبي شخصيت ۽ فن هڪ اهڙي ذات ڏٺي واري رهي آهي،جنهن وٽ ذات به آهي ته ذانءُ به، اصول به آهن ته آدرش به، جنهن وٽ قول ۽ فعل هڪبئي سان ايئن سلهاڙيل رهيو آهي جيئن هارَ ۾ موتيءَ داڻا پوهيل هوندا آهن.

ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڊاڪٽر تنوير جي شخصيت جا ڪيترائي رُخ رهيا آهن. هُو هڪ اهڙو اديب، دانشور، محقق، مترجم، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، تعليم دان، لطيف ۽ سچل ڪان وٺي عهدِ حاضر جي شاعرن جي ڪلام جو پارکو ۽ نقاد رهيو آهي، جنهن جي پنهنجي هر هڪ ادبي رُخ ۾ هڪ جدا گانا مجيل حيثيت رهي آهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب رڳو شاعر هجي ها ۽ ادب جي ٻئي ڪنهن به صنف ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه به نه لکي ها ته به، هُن جو ادبي درجو ايتري بلند مقام تي پهتل هجي ها جيترو ڪي اڄ آهي. هڪ شاعر طور ڊاڪٽر جي ڪلام ۾ اُهي سڀ فڪري لاڙا، رُجحان، اصول، آدرش ۽ اعليٰ جذبات اسان کي ملن ٿا جيڪي هڪ سگهاري شاعر جي ڪلام جو پرتوُو ٿيا ٿا وڃن. اهُوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر صاحب جو ڪلام گوناگون استعارن، تشبيهن ۽ موضوعن سان ڀريل آهي. جن ۾ هو عزم، اُتساهه، حوصلي ۽ آدرشي زندگيءَ جو پرچار ڪندي انقلاب جو ڏس ڏي ٿو، هڪ نئين جهان اڏڻ جي راهه ٻُڌائي ٿو. اُهو ئي اسان جي اڄوڪي دؤر جو به موضوع آهي.

ڊاڪٽر صاحب انقلابي شاعريءَ جي حوالي سان اسان جو پهريون شاعر نه آهي، پر هن جيڪو هنَ قوم جي دُک، دردن، اذيتن ۽ پيڙائن جي ڪٿا کي بيان ڪندي قوم کي ڏاڍَ، ڌڪاءَ ۽ ظلم خلاف جنگ جوٽيندي، اُتساهه، آدرش ۽ قومي بيداريءَ جو پيغام ڏنو آهي، انهي ڪيس عظيم شاعرن واري قطار ۾ سڀ کان اڳيان آڻي بيهاريو آهي، جنهن ۾ شيخ اياز بعد ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو نالو اهم آهي. جيئن غلام محمد گرامي صاحب لکي ٿو ته: ”محبت باهمي اخوت، انسانيت، عام جو شعور، حب الوطني (ڊاڪٽر تنوير) جي فن جا مکيه عنصر آهن. اهي ئي قُدر آهن جن کي عالمي قدر چيو ويو آهي، جي سندس شاعريءَ جي جان آهن“. (٢) گرامي صاحب جي اِها راءِ سؤ سيڪڙو درست آهي جو ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجي ڌرتيءَ جي انسانن سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتيءَ کي ڏِسي، هڪ شاعر جي حيثيت ۾ جيڪا همدردي ۽ ساٿ رهيو، انهيءَ جذبن جي جهلڪ اسان کي ڊاڪٽر صاحب جي هنن شعرن مان ملي ٿي، جن ۾ بحيثيت شاعر ۽ فرد مظلوم هن جا جذبات شامل آهن.

گـــڏ ٿـــيـــو، گـــڏ ٿـــيـــو
جي مَرون تـــه گـــــــڏ مَرون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ جيئون تہ گڏ جيئون
ڪجهہ ڪريون
۽ جو ڪريون تہ گڏ ڪريون

•

ڏني سين اُوندهہ اندر سڙي پيو
ڏيئا هياسين ،ٻري پياسين.

انقلابي شاعريءَ جو ذڪر ڪندي محمد ابراهيم جويو صاحب، شيخ اياز جي حوالي سان هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ: ”اياز جي سموري ڪلام ۾ هن ڌرتيءَ جي پيڙهيءَ پيڙهيءَ جي هزارين سال پراڻي پيڙا ڇڪجي آئي آهي. ان پيڙا ۾ چوٽڪاري جو امر سپنو بہ هن جي ساڃَهَ شاعري ۾ آهي“ (٣) عزم، حوصلي، همت، جذبي ۽ انقلاب جي اها ساڳي تصوير اسان کي ڊاڪٽر تنوير جي ڪلام ۾ بہ نظر اچي ٿي، جيڪو ڏاڍ کي سهڻ بدران جدوجهد جو پيغام ڏي ٿو. مايوس ٿي ويهڻ بدران ايڪو ۽ اتحاد جوڙڻ جو اعلان ڪندي نئون عزم ۽ حوصلو ڏي ٿو، جيئن ڊاڪٽر فهميده حسين جو خيال آهي تہ: ”هُو (تنوير) پنهنجي ذات ۾ هڪ تحريڪ هو جنهن سنڌ جي هر ٿهي، هرنسل لاءِ ڪيئي پيغام ڇڏيا آهن“ (٤) جيئن اياز ظالم سان مُهاڏو اتڪائي عزت سان جيئڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، بلڪل ائين ئي ڊاڪٽر تنوير عباسي بہ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ قوم جي حقن خاطر سِرُ ڏئي سرهو ٿيڻ جو درس ڏي ٿو، جيئن هنن ٻنهي امر شاعرن جي هنن شعرن مان اسان کي عزم، جدوجهد ۽ انقلاب جي شمع روشن ۽ حوصلو بلند نظر اچي ٿو:

پنهنجي رت ۾ ريٽو جهندو، اُڀ تائين جهوليندو
اهڙو ڏينهن بہ ايندو
(شيخ اياز)



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مضبوط جهوپڙيون ۽ ڪمزور محل ماڙيون
سو ڏينهن آهه ويجهو، ٿينديون اُپيون ڪهاڙيون
(تنويرعباسي)

هـر مـنـزل ڪـان اڳتـي وڃ
ڪنهن منزل تي پير نـه ٺار!
(شيخ اياز)

ڪنهن اڱيان ڪنڌ جهُڪڻ کـيـن ڏجي
بـهـتـر آ سِـرُ ودائـي ڇـڏجـي.
(تنويرعباسي)

هر باشعور، سجاڳ ۽ فڪري شاعر جي سوچن، خيالن ۽ احساسن ۾ اهڙا ڪيئي سپنا هوندا آهن، جن ۾ هن جي ديس وارن لاءِ سُک، امن، آشتي ۽ همدردي جا ڪئي رنگ رچيل تين ٿا. هُو پنهنجي مارو ماڻهن کي سُک جو ساهه کڻندي، خوش گذاريندي ڏسڻ جو آرزومند هوندو آهي. جن جي آس ۽ اميد هن جي شعرن ۾ سمايل هوندي آهي. ڊاڪٽر تنوير به اهڙو ئي هڪ سجاڳ شاعر آهي. هن وٽ به پنهنجي ڌرتيءَ جي دردمندن، آس نراس ٿيل اداس اکين وارن ماڻهن لاءِ اُميدن ڀريا احساس ۽ آسرا ملن ٿا. اِها خوبي ڊاڪٽر صاحب جي باقي ٻين شاعرائين خوبين مٿان قابض (Dominate) نظر اچي ٿي، اُن ڪري جو هُو خود به هن ديس جي ماڻهن منجهان ئي آهي. جيئن ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جي خيال مان به ظاهر ٿو ٿئي تـه: ”تنوير جي شاعريءَ ۾ تمام گهڻيون شاعرائيون خوبيون موجود آهن پر سندس شاعريءَ ۾ جيڪا وطن دوستي نظر اچي ٿي، تنهن سبب سندس ڪلام کي اعليٰ مقام حاصل آهي. سندس شاعريءَ ۾ منزل ماڻڻ خاطر جابجا جدوجهد جو پيغام ملي ٿو“ (۵) ڊاڪٽر تنوير جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُهو پيغام فقط پنهنجي قوم وارن تائين سجاڳي ۽ بيداريءَ جو اعلان نہ آهي، پر پوري عالم انسان جي سمورن انهن ماڻهن لاءِ آهي جيڪي انهيءَ پيڙاءُ مان گذري ۽ جي رهيا آهن. هن جي اهڙي شاعري ۾ آسمان تائين ڦهليل وسعت سمايل آهي، جيئن هنن شعرن مان ظاهر آهي:

جوتِ جلندي رهي
لاٽَ ٻرندي رهي
جي ننڍا مچ مچائي سگھو دوستو
چٽنگ چوليءَ ۾ پنهنجي لڳائي هلو
روشني زندگي آ اِها زندگي
ڪنهن امانت جيان دل سان لڳائي هلو

•

ڪنهن پرهہ اسان کي پاليو هئو، هن رات اسان کي روليو آ
تہ بہ اونداهين جي قيدن ۾، دَر آزاديءَ جو کوليو آ

•

جيئڻ تا گھرن جيڪي هن دؤر ۾ سي
وڃي نيٺ عزت جوئي موت مرندا

ڊاڪٽر صاحب فطرت جو عاشق آهي. هن کي پنهنجي ڌرتيءَ جي هر هڪ فطري نظاري سان، سونهن ۽ سادگي سان بي انت چاهہ آهي. هڪ آدرشي ۽ انقلابي شاعر طور هن جو محبوب، پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ سان سلهاڙيل اُهي ابوجهہ، اياڻا ۽ بي وس انسان آهن، جيڪي ڪيترين ئي پيڙهين کان وني پيرن، وڏيرن، جاگيردارن جي ظلم واري چڪيءَ ۾ پيسجي، گھٽجي ۽ پل پل مري رهيا آهن، جن جي اهڙي حالت زار کي ڏسي، هڪ دم ڊاڪٽر جي مَنَ مان هيءُ لفظ انقلاب جي گونج ٻڌجي ٿا اُڀرن تہ:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ ڏس آسمان ڏي
نہ ڏس آسمان ڏي
ملائڪ نہ لهندا
نبي ڪونہ ايندو
هي ڏک جو اسان تي
آ نازل ٿيو اُن جو
ڪو عيسيٰ اچي ۽ مسيحا ڪونہ ٿيندو
اسان پاڻ ئي پنهنجا مسيحا
اسان پاڻ ئي پنهنجا پيغمبر
اسان پاڻ ئي قافلو، پاڻ ئي سرواڻ آهيون
اسان پاڻ ئي پنهنجو نرواڻ آهيون

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب، پنهنجي ڪتاب ۾ تنوير جي انهيءَ انقلابي حسَ ڪي، تشبيهاتي لفظن ۾ هن طرح سان بيان ڪري ٿو تہ: ”هن (تنوير) جي هٿ ۾ اهڙو ساز آهي، جيڪو هر راز سَلي ٿو. وقت جي اک مان ٽِميل ڳوڙها ۽ ڪوريءَ مان سڙيل باهہ جيڪي گيت ظاهر ڪري ٿي سي اکين ۾ آڪيرو بڻائي وينل مٺن ماڪيءَ جهڙن ماڻهن لاءِ آهن“ (٦) اِها مناس، اِها همدردي، اِهو عزم ۽ بلند حوصلو ڊاڪٽر تنوير جي اهڙن اڪيچار گيتن، غزلن، وائين، ٽيڙُن ۽ نظمن ۾ سمنڊ جي ڇولين جيان اُٿلون ڪائيندي نظر ٿو اچي. اچي اُجري ڪاغذن تي اُتريل ڊاڪٽر جي اهڙن شعرن ۾ پڻ همدرديءَ سان گڏ جاڪوڙ ۽ جدوجهد جو پيغام سمايل آهي، جيئن هن جي هنن شعرن مان معلوم ٿو ٿئي تہ:

آءُ تہ پنهنجي سُر ڪي مٽايون
هن جڳ ڪي بدلايون
راڳ پراڻا آلاپيندي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مري خود توهان کي جياري ڇڏيوسين

پنهنجي خون جو هر هڪ قطرو جاودان ٿيندو
هي نہ رائگان ٿيو آ ۽ نہ رائگان ٿيندو

ڊاڪٽر تنويرَ جي شاعريءَ ۾ منزل کي حاصل ڪرڻ جو عزم ۽ عمل جي روشن راهہ جا چِٽا نشان ملن ٿا. هُو اميد جاڳائي ويساهہ ۾ نئون اتساهہ ڀري ٿو. ڏاڍ، ڏهڪاءُ جي خلاف حق جو نعرو بلند ڪندي آجپي لاءِ جنگ جوٽڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، جنهن لاءِ هن پنهنجي تخليقاتي آڏار تي شاعريءَ جي ذريعي، اظهار کي آواز ڏئي اُڀاريو آهي. ڊاڪٽر کي اهو فن ۽ ڏات قدرت جي طرفان مليل آهي، جنهن کي زماني جي شعور سان لاڳاپي پنهنجي ماحول جي عڪاسي ڪئي آهي، جيئن نامور اديب لڇمڻ ڪومل پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي تہ: "شاعر تخلياتي زبان جو طالب آهي ۽ شاعر علامتي ۽ استعاراتي تاجي پيٽي ۾ ئي شاعرائي تخليق ڪري ٿو، ان ۾ لفظ رنگ ڦهلائين ٿا، خوشبو پکيڙين ٿا". (٨) ڊاڪٽر تنوير جي شعر ۾ بہ اهڙي ئي خوشبو پکيڙيندڙ رنگ رچيل آهن.

شاعري ڪنهن هڪ دؤر تائين محدود ناهي هوندي بلڪ اِها ايتري تہ وسيع هوندي آهي، جو شاعر جو پيغام پنهنجي دؤر جي انسانن کان وٺي ڪيترن ئي ايندڙ دؤر جي نسلن تائين ڦهليل ٿئي ٿو. خاص طور تي انقلابي شاعري تہ هر وقت ۽ دؤر جي حالتن جي سڌار لاءِ جڻ هڪ راهبر جو رهنمائي وارو ڪردار ادا ڪري ٿي، ڊاڪٽر صاحب جي انقلابي شاعري بہ ائين ئي آهي. اهڙي شاعريءَ بابت تفصيلي بحث ڪندي ڊاڪٽر تنوير پنهنجي هڪ مضمون ۾ هينئن لکي ٿو تہ:"هر دؤر جي شاعري، ان دؤر جي جديدشاعري هوندي آهي. هر دؤر ۾ ڪي شاعرائيون روايتون ڇنڊجي ڇٽي وينديون آهن، تہ وري ڪن نين روايتن جو بنياد پوندو آهي. (٩) ڊاڪٽر تنوير بہ سنڌ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙائي نوان فڪرَ، لاڙا ۽ فلسفا متعارف ڪرائيندڙ شاعر آهي، جنهن جي چاهيندڙن جو حلقو ايترو تہ وسيع آهي جو ان جو ڳاڻيٽو ناممڪن آهي. جيئن نوجوان ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار احسان دانش، ڊاڪٽر تنوير جي سنڌي ادب ۾ تاحيات ادبي مقام ڪي بيان ڪندي لکي ٿو تہ: ”ڊاڪٽر تنويرعباسي سنڌ جو هڪ اهڙو قابل فخر محقق، مدبر، شاعر ۽ ڏاهو هو، جنهن ڪي جيسيتائين سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو وجود هوندو ۽ ياد رکيو ويندو“.

(١٠) منهنجي خيال مطابق تہ هڪ عظيم، هر دؤر جي شاعر جي اِهائي سڃاڻپ ٿئي ٿي، تہ هُو نسل درنسل زنده جاويد رهندو اچي، سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽر تنوير بہ هڪ اهڙو ئي خوش نصيب شاعر آهي، جيڪو تاحيات ادب جي آسمان تي روشن تاري جيان هر دؤر ۾ چمڪندو رهندو.

موت نہ آهي ماتِ اسان لئہ،
موت نہ آهي مات!
وقت جي لهرن تي هر جڳ ۾
لڙهندي رهندي لات!
روز نئون سج ٻنجي اُڀرون
جڏهن اچي پريات!
موت نہ آهي مات!



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Farrukh Malik

# Poetic Novelty of Tanveer Abbasi as Modernist

• When modernism took strong hold of creative minds of the world, the poetry started turning away from previous unwanted decor of language to natural speech of common man. It was influence of modernism that William Wordsworth felt obliged to enunciate in his 1802 preface of Lyircal Ballads that he wants to write "in a selection of language really used by men". In literature, the modernism revealed a breaking away from established rules, traditions and convention. This modernization of literature continued into 20th century and the reaction to the old and out dated froms of expression gave birth to many other identifiable movements. The work of imagist poets like Ezra Pound, Hilda Doolittle, Amy Lowell, T.E Hulme and Richard Alidington carried the real essence of modernism. All of them supported the notion that a hard, clear image is essential to verse.

They, with there unconventional approach, favored the convention of 'being nearer to bone'. The idea of 'being nearer to bone' was first introduced by Ezra pound, the great American poet.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

critic, editor and translator. In about 1909, Ezra Pound became the founder of the school of poetry called imagism and favored brief verse which presents an intellectual and emotional'complex' in an instant of time. Further, in poetic writings, Ezra pound wanted the poets to "directly treat the 'thing, whether subjective or objective", and rhythm that was "in sequence of musical phrase'not in sequence of a metronome". Ezra Pound by his critical writings impressed the great majority of writers and poets round the globe. Sindhi literature, being the part of literary world, responded the influence of modernism and imagism. When we will glance through Sindhi poetry thoroughly, the eminent poets of Sindhi like Tanveer Abbasi along with his contemporary writers Shaikh Ayaz, Narayan Shayam and Hari Dilgeer will emerge glittering as the pioneer of modernism as well as imagism in Sindhi.

Tanveer, like Ezra pound and other imagist writers was, committed to innovation. He was a modernist in real sense. Tanveer Abbasi's yearning for new literary tradition uttered itself through introduction of poetic format of 'Haiku' from Japanese literature in Sindhi. Besides Haiku, his endeavors to give the clear account of the format of free verse have a great significance in Sindhi literature. Tanveer's essays about the format of Haiku and free verse, that are included in his book 'Tirvira', were



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

among the firsts in Sindhi about the subject.

The imagist movement began with an unconventional attitde to literary writing;the 'succinct verse' was declared essenctial by the writers of the imagist movement.Tanveer Abbasi has also stressed the importance of simplicity of language in the writings, he said in one of his speeches, "The writings of each era have their own diction, and language of every period has its own attitude. So, now a days, the writers who are using the classical language, I m not against them, it can be used, that's a fine thing but it must be understandable to the readers of the age, so that it can prove useful".

A poet carries a unique vision of the world. He percepts the things deifferently from his fellow beings and transforms his experiences into the words. He paints the images in his poetry and his mastery lies in the clearer depiction of his perceptions. In poetry, a poet presents the fine amalgam of his experience with poetic sensuality. It is the characteristic feature of lyrical poetry that a poet in his verses offers the vistas of nature alongwith deepest emotions. Tanveer Abbasi fits these criteria and has been known as the 'Wordsworth of Sindhi'. It is very much evident from his poetry; in this context, I will quote few of his verses:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"Blowing wind has crossed the iron bars
And adore like thee, as if
In the dark woods of sorrows
It has brought thee

What if the painful night is so long?
Moon and stars light as always
The love has healed all the wounds
And thy admirers Smile always"

Poetry is the crown of language. Poetry is meant to extend the boundaries of language and experience. A poet writes when he discovers something new, something that is unique to him. Volkman, an instructor of poetry at New York University says, "Poetic voices of all kinds confront the unspeakable and push the limits of language and experience". Same idea is beautifully highlighted by 20th-century American poet Michael Palmer, in his words, "How lovely the unspeakable must be. You have only to say it and it tells a story". Tanveer Abbasi, in his poetry has always tried to speak the unspeak able and offered his novel experience of life. Once in his speech he said,"Poetry is not merely the expression of emotions, feelings, images or scences; but the poetry indeed is, discovery of images and emotions.

Its expressions of such an image or emotion that is new



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

to poetic world".

The modern poetry is expected to discuss the concerns of common man. Brevity has also emerged as one of the implications of modernism. Tanveer also seems believing in both these characteristics of modernism. To him the poetry is meant to tell the secret of life in brief. We can hear this idea echoing in his verses, he says;

"Poetry tells indeed,
The secret of life in brief"

Tanveer knew the importance of classics. he was well aware of the fact that effectiveness of poetry depends upon the poetic practices of past. hence, he did not want to loose the cultural richness of the poety and simultaneously he dindn't wnat to give up his commitment to innovation. So, he rewrote the traditional folk tales with new ideas and ideology. He addressed the folk characters with modern approaches. His unique thoughts in this prospect thrilled the literary minds of his age and shed a great influence on his sucessors.

Tanveer Abbasi through his writings appears the staunch believer of the view of Ezara Pound who considered it 'better to present one image in a life time than to produce voluminous work of art,. He can be considered as one of those



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

poets who introduced the modern approaches in Sindhi literature. He left undying marks on the Sindhi poetry. His thoughts can be found breathing in his sucessors. A candle that was lit by him is lighting many more!

□



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner